سنڌي رسالن جي تاريخ

(١٨٩٠ع کان ١٩٨٠ع تائين)

الهرکيو ٻٽ

سنڌ پبلشرس پوسٽ باڪس نمبر - ٥٨ - حيدرآباد

سنڌي رسالن جي تاريخ
الهرکيو ٻٽ

سنڌي رسالن جي تاريخ

(١٨٩٠ع کان ١٩٨٠ع تائين)

الله رکيو ٻٽ

سنڌ پبلشرس پوسٽ باڪس نمبر - ٥٨ - حيدرآباد

سنڌي ساهت سال ١٩٨١

جملہ حق ۽ واسطا مصنف وٽ محفوظ

ڇاپو پهريون] [تعداد هڪ هزار

جولاء ١٩٨١ع مطابق رمضان المبارڪ ١٤٠١هہ

قيمت:- ١٥-٠٠ رپيا

درستي

"منزل" هالا آڪٽوبر ١٩٥٠ع کان جاري ٿيو. (ص ٤٨)
باب ٽيون جي بجاء باب چوٿون (ص١١١)

هي ڪتاب انڊس پرنٽرس ۾ مطيع الرحمان ڇپيو ۽ گل شير بلوچ ڊائريڪٽر سنڌ پبلشرس، ايڇ-سي-بي- ١٨١٦، ممتاز ڪالوني حيدرآباد مان پڌرو ڪيو.

انتساب

وقت کان اڳــ وڇڙي ويل
ڀاءُ ۽ ڀيڻ جي ياد ۾

ناشر طرفان

سنڌي ادب ۾ هڪ سٽ جو به وڏو مان ۽ مرتبو آهي.
اسان ان جذبي تحت سنڌ پبلشرس جو ادارو قائم ڪيو آهي، جنهن طرفان هن کان اڳ ٻي ڪتاب ڇپائي چڪا آهيون، جن ۾ محترم الهرڪئي پٽ جو "سنڌ ۾ ڪتب خانن جي مختصر تاريخ" نالي ڪتاب به شامل آهي. انهيءَ جذبي تحت هي تحفو جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي، اهو به ان سلسلي جي ڪڙي آهي. اسان اوهان کي هن ڪتاب جي صورت ۾ ڇا ڏنو آهي، ان جي ڪٿ ڪرڻ اسان لاءِ ڏکي آهي ڇاڪاڻ ته ادبي دنيا ۾ نئون نئون قدم رکيو اٿئون. اسان کي اهو به معلوم آهي ته هن ڪتاب ۾ ضرور ڪي اوڻايون هونديون ان هوندي به اسان وس کان ڪين گهٽايو آهي.

ڪنهن به سنڌي ڪتاب کي ڇپائڻ ۽ ان جي هلائڻ ۾ ڪافي دشواريون سامهون اچن ٿيون. اهو هر ادب دوست بخوبي ڄاڻي ٿو، پوءِ به اسان مايوس نه آهيون، انهن ڏکن ۽ تڪليفن کي منهن ڏيڻ جو عزم ڪري سنڌي ادب جي گهڻگهرن اڳيان هي تحفو پيش ڪري رهيا آهيون، جنهن جو فيصلو اوهان کي ئي ڪرڻو آهي.

گل شير بلوچ

۲۳-۷-۱۹۸۱ع

مهاڳ

هي دؤر سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ اسپيشلائيزيشن جو دؤر آهي. علمي سطح تي ٿيل ڪنهن به تحقيق ۽ ڇاڻايل موضوع جي سائنس جي کهري ڇاڻ تحقيق جو لازمي حصو ٿي پيو آهي. اسپيشلائيزيشن کان سواءِ لبي ڏبي تي ٿيل ڪم جي اهميت عاميانه سطح تي ڪٿي مڃي به وڃي، پر اها شئي دنيا ۽ ٿيندڙ تحقيق جي ڪم وارين قطار ۽ بيهاري نٿي سگهجي.

هن ڪتاب جو مصنف الهرکيو پٽ ٿلهو وڃڻي نالي وارو محقق نه آهي، پر هو لئبرري سائنس جو اسپيشلسٽ پڻ آهي. هن لئبرري سائنس جي نه رڳو نصابي تعليم حاصل ڪئي آهي، پر ڪافي سالن کان تعليم ڏيندو به اچي. سندس دائرو رڳو ڪلاس روم نه آهي، پر ڪلاس روم کان ٻاهر مختلف لئبررين ۾ نوس نوس ڪرڻ جو فطري لاڙو پڻ رکي ٿو ۽ ڪنهن حد تائين تخليقي ذهن جو پڻ مالڪ آهي. ظاهر آهي ته اهڙي قسم جو محقق پنهنجي ئي موضوع تي ڪو ڪتاب لکي، انهيءَ ڪتاب تي مون جهڙو ٿلهي فڪشن جو ماڻهو ڪجهه لکي ته اها ڳالهه هن ڪتاب جي حق ادائي ته ڪونه ڪندي، البت مون لاءِ فخر جو باعث ضرور آهي، ته مون کي ههڙي سٺي ڪتاب تي مهاڳ لکڻ جو موقعو مليو آهي.

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي هڪ اهڙي ڪارڪن جي حيثيت ۾ جنهن جي دلچسپي اداري جي ريسرچ لائبرريءَ ۽ تحقيقي لائين ۾ نسبتاً گهڻي هجي، منهنجو اهو تجربو آهي ته سنڌي علم و ادب جي ڏس ۾ تحقيق ڪندڙ ماڻهن اڳيان تمام

گهڻيون تڪليفون آهن. تحقيق لاءِ مواد جي ڪا به کوٽ نه آهي، پر مواد کوڙي ڪڍڻ جي تڪليف ضرور آهي. شيلفن اندر پيل پنجاهه هزار ڪتابن ۾ ڪهڙيون دنيائون پيون وسن انهن دنيائن جو سير چرچي جي بات نه آهي. انهن ڪتابن مان گهربل مواد مڪمل حد تائين کوڙي ڪڍڻ عمر گهارڻ جو ڪم آهي. گهربل موضوع تي تحقيق ڪرڻ جو ڪم ته محقق جو آهي، پر محقق کي ڏارگيٽن تائين پهچائڻ جو ڪم لئبررين جو آهي يا لئبرري سائنس جو آهي. انڌن کي ته هرڪو رستو ڏيکاري سگهي ٿو، پر سڄڻ کي ۽ پڙهيلن ڪڙهيلن کي رستو ڏيکارڻ لئبرري سائنس جي چاڙهه جو ڪم آهي.

جيئن بادشاهن جو بادشاهه ٿيندو آهي، وڏيرن جو به وڏيرو ٿيندو آهي، تيئن تحقيقن جي تحقيق به ٿيندي آهي، ڪتابن جو به ڪتاب ٿيندو آهي، اهو ڪتاب هوندو آهي لئبرري سائنس جو. انهي ڪتاب کي ڊلين ۽ وسيع معنائن ۾ ڏسٽي به چئي سگهجي ٿو. (هتي ڏسٽي مان منهنجي مراد رکو انڊيڪس نه آهي) هي ڪتاب "سنڌي رسالن جي تاريخ" بہ اهڙي قسم جو ڪتاب آهي يعني رسالن جو ڪتاب آهي. انهي ۾ ڪو شڪ نه آهي ته هن کان اڳ ڪجهه مضمون منهنجي اکيان گذريا آهن، جن ۾ سنڌي رسالن جي تاريخ ۽ فهرست ڏني ويئي آهي، جيڪا گهالهه داد ڏيڻ جوڳي آهي، پر انهن مضمونن ۾ جيڪا کوٽ هئي سا اها هئي ته اهي مضمون باقاعدي لئبرري سائنس جي اصولن مطابق لکيا نه ويا هئا. انهن مضمونن کي مڪمل سنجيدگيءَ سان نه چڙايو ويو هو. تنهن کان پوءِ اهي مضمون ئي هئا، ڪو باقاعدي اهڙو ڪتاب نه هو جيڪو هٿيار طور محقق جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏجي ۽ کيس چئجي ته "بابا هي وٺ شئي، هاڻي تون ڄاڻ ته تنهنجو ڪم ڄاڻي، بي فڪر ٿي وڃي ڪم ڪيو. نه پنهنجي مٿي ۾ سور وجهه نه اسان کي تنگ ڪر."

مواد جي نشاندهي جو سچو ڪم ته تمام وڏو ڪم آهي، جنهن ۾ وقت به کپي، ماڻهو به کپن، محنت به کپي ۽

جديد سهوليتون به ڪپن. پر الهرڪئي پٽ جي سر انهيءَ ڏس ۾ پنهنجي وت ڪان وڌي ڪم ڪيو آهي. ان ڏس ۾ هن ڪان اڳ سنڌس ڪتاب ”سنڌ ۾ ڪتب خانن جي مختصر تاريخ“ ڇپجي چڪو آهي ۽ هي سنڌس ٻيو ڪتاب آهي ۽ جڏهين سون ڪي اها به ذاتي طرح خبر آهي تہ اهڙي نوعيت جون ٻہ ٻي رتائون اڃا به سنڌس هٿ ۾ آهن.

هن ڪتاب جي شروعات ۾ ”رسالي“ جي وصف ڏيئي داڻ و مقرر ڪري پوءِ رسالي جي بين الاقوامي سطح تي ۽ سنڌي زبان جي سطح تي مختصر تاريخ بيان ڪري، ان ڪانپوءِ باقاعدي سنڌي رسالن جي عرصيوار تاريخ بيان ڪئي ويئي آهي. مصنف انهيءَ تاريخ جي شروعات ١٨٩٠ع ۾ نڪرندڙ ماهوار ”سرسوتي“ حيدرآباد ڪان ڪري اڄ تائين پهچي ٿو. هن ڀائڙءَ هيڏو سارو ڪم ڪيئن ڪيو آهي! ان تي سوچي سون ڪي تہ ڀکهر اچيو وڃي. ٿي سگهي ٿو تہ لئبرري سائنس جي علم جي جادوءَ اهو ڪم ڪيو هجي؟ پر ڳالهہ گوڙ ڪان ڇڙهيل ٿي ڏسجي.

الهرڪيو پٽ رڳو لئبرري سائنس جي شعبي جو چيئرمن نہ آهي، چو تہ ”چيئرمن“ جي لفظ سان ڳانڍاپيل رعب داب، ڏوم ڏڙڪو، بزرگي ۽ ڳاڙهي اک وٽس ڪونهي. هو هڪ عام قسم جو هلڪو ڦلڪو نارسل ۽ ٺيڪ ٺيڪ ساٿهو آهي جيڪو ڏينهن جي پهرين پهر ۾ ٻہ ٻي ڪتاب ڪڇ ۾ وجهي لئبررين جي وچ ۾ گيهلبو لتڙ لتڙ ڪندو نظر ايندو آهي. شام جو ڪتابن جي تعداد جيترائي پنهنجا ٻار ڪلهن تي، ڪن ڪي هٿ ۾ ڇيچ ڏيئي، ڪالونيءَ ۾ ٿلندو نظر ايندو آهي. چپ ٻيڙي سوچيندو آهي، چپ ٻيڙي ڳالهائيندو آهي. لئبرريءَ ۾ ڪم ڪرڻ وقت پيل پٿرن وانگر خاسوش هوندو آهي. ٽائيپ ڪرائڻ وقت ٽائيپسٽ جي مٿان نرو ڪٽي ويهندو آهي. نہ ڪنهن جي ٻن ۾ نہ ٽن ۾، هر ڳالهہ جي تان وڃي ٽوڙيندو پنهنجي سبجيڪٽ

تي. تحقيق جي ڏس ۾ به ڪوڙ شور ڪونہ ڪيائين. ماٺ ساٺ ڪري به ڪتاب لکي ڇپائي ڇڏيائين. نہ علمي اُدبي جلسي جي صدارت جي ڪرسي نہ اعلان بازي ، نہ چاڙي هئڻ، بس ڪم سان ڪم. ڪو ڪم ڪي ڳائي تہ انهيءَ جو بہ خير، ڪو ويهي ڪتاب جي گلا ڪريس تہ انهيءَ جو بہ خير. طبيعت ۾ بہ صلح ڪُل، ريسرچ ۾ بہ صلح ڪل تہ سبجيڪٽ بہ اٿس صلح ڪل. مواد ڏيکارڻ الهرڪئي پٽ جو ڪم آهي، انهيءَ جي سٺي يا خراب، صحيح يا غلط هئڻ جي سوال تي هڪ ٻئي جا مٿا ڦاڙڻ ٻين محققن جو ڪم آهي.

عبدالقادر جوڻيجو

—✻—

پنهنجي پاران

١٩٧٧ع ۾ سنڌ يونيورسٽي پاران "سنڌي طباعت ۽ اشاعت جي تاريخ" جو موضوع ايم- فل لائبرري سائنس جي ڊگريءَ لاءِ منظور ٿي مليو. بسم الله ڪري ڪم شروع ڪيم. ته اصلي موضوع کان علاوه ٻيا به ڪيترا موضوع سجهي آيا، جهڙوڪ سنڌي رسالا، سنڌي اخبارون، سنڌ ۾ ڪتبخانا ۽ سنڌ ۾ علمي، ادبي ۽ تحقيقي ادارا وغيره. سنڌ ۾ ڪتبخانن تي ڪتاب اڳ ئي ڇپجي ظاهر ٿي چڪو آهي ۽ هي ٻيو ڪتاب سنڌي رسالن جي تاريخ اوهان جي هٿن ۾ آهي. سنڌي اخبارن تي دوست محترم گل شير بلوچ ناچيز جي سهڪار سان ڪم ڪري رهيو آهي. اميد ته ان کي به جلد مڪمل ڪري اوهان جي اڳيان آڻبو. هنن ڪتابن جي تحقيقي معيار جو فيصلو ته محققن جي وس آهي، مگر آئون ايتري چوڻ جي همت ضرور ڪندس ته اهي سڀ موضوع اسان جي محققن جي نظرن کان لڪل هئا ۽ انهن تي رڳو مٿاڇري ڪم کان سواءِ وڌيڪ اڳ ڪجهه به موجود نه آهي- ايتري قدر جو سنڌي ادب ۽ نثر جون تاريخون به گهڻو ڪري پريسن، اشاعتي ادارن، رسالن ۽ اخبارن تي خاموش آهن. انهن شين کان سواءِ ادب جي ترقي ۽ ترويج ۽ ان جي تذڪري جي ڇا معنيٰ؟ سنڌي ادب جا محقق غور فرمائين.

هن ڪتاب جا ڪل ڇهه باب آهن. پهرين باب ۾ رسالي جي وصف ۽ مختصر تاريخ بيان ڪئي ويئي آهي. ٻئي باب ۾ ورها ڱي کان اڳ نڪتل رسالا ۽ باب ٽئين ۾ ورها ڱي کان پوءِ نڪتل رسالا بحث جو موضوع بنايا ويا آهن. باب چوٿين ۾ ڪتابي

سلسلن تي مختصر روشني وڌي ويئي آهي ۽ باب پنجين ۾ تعليمي ادارن پاران ڪڍيل مخزنن جي فهرست ڏني ويئي آهي. آخري ۽ ڇهين باب ۾ هندستان مان نڪتل رسالن جي الف-ب وار فهرست ڏني ويئي آهي. ڪن مجبورين جي ڪري انهن تي وڌيڪ روشني وجهي نه سگهيا آهيون. باقي سڀني مڪمل تعارف ڪرايو ويو آهي، جنهن ۾ رسالي جو نالو، نڪرڻ جو سال، نڪرڻ جو هنڌ ۽ ايڊيٽر ۽ ان سان وابسته شخصيتن جا نالا ڳڻايا ويا آهن. ان جو مقصد فقط اهو آهي ته اهڙين شين کي رڪارڊ تي آڻي محفوظ ڪري ڇڏجي ته جيئن مستقبل ۾ انهن تي وڌيڪ روشني وجهي سگهجي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ نڪتل نون توڙي پراڻن رسالن ۾ اهو خزانو دفن ٿيل آهي، جنهن مان سنڌ جي سوين موضوعن تي تحقيق لاءِ مواد حاصل ڪري سگهجي ٿو. وقت جي اهم تقاضا آهي ته انهن رسالن جو مڪمل انڊيڪس ڏاهي، انهن ۾ سمايل خزاني کي محققن جي سامهون آڻجي. سنڌي رسالن جي نالن ۽ ٻين اهم نقطن تي اڌوري يا اڻپوري، ڪچي يا پڪي معلومات کي سهيڙي هڪ هنڌ آڻڻ جي جيڪا هي مخلصانه ڪوشش ڪئي ويئي آهي، اها انهيءَ حد تائين سودمند ثابت نه ٿيندي جيستائين انهن رسالن ۾ موجود اهلهم ماڻڪن کي اونداهين ۽ اونهاين مان ڪڍي ٻاهر نه ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌي ادبي بورڊ، نيشنل بڪ ڪائونسل آف پاڪستان، يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن وغيره کي ترت توجهه ڏيڻ جي سخت ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ بين الاقوامي ادارن جهڙوڪ يونيسڪو وغيره کان مالي مدد حاصل ڪري سگهجي ٿي. باقي لاءِ ڊپارٽمينٽ آف لائبرري سائنس-سنڌ يونيورسٽي جون خدمتون ۽ سهڪار حاصل ڪري سگهجي ٿو.

ان کان سواءِ سنڌي رسالن کي جيڪي سوين مشڪلاتون درپيش آهن، سنڌي ماڻهن کي ان طرف به ڌيان ڏيڻ زنده

هجڻ جو ثبوت ڏيڻ جي سخت ضرورت آهي. هونئن به ڏٺو وڃي ته مختلف سببن جي ڪري سراسري طور سنڌي رسالي جي عمر هڪ مهينو مس ٿي بيهي. عام طور هر هڪ ائين پيو چوي ته سنڌين کي پنهنجي ٻولي ۽ ادب لاءِ ڪو به آنس ڪونهي. ان سلسلي ۾ هو اهو مثال پيش ڪن ٿا ته ڪو به سنڌي اشاعتي ادارو، رسالو يا ڪتابي سلسلو ڪو خاص وقت پنهنجي پيرن تي بيهي نه سگهيو آهي. اها حقيقت آهي يا الزام! وقت ان جو فيصلو ڪندو. مگر ڪروڙ ڪان به متي آباديءَ ۾ ڪتاب ۽ رسالي جون هڪ هزار ڪاپيون نه هلي سگهن، هڪ افسوسناڪ تشويشناڪ ۽ سنجهائيندڙ معاملو ضرور آهي. ان سلسلي ۾ هن وقت عملي قدم جي سخت ضرورت آهي. باقي ڳالهيون ته تمام گهڻيون پيون ٿينديون آهن.

جن سڄڻن منهنجي اخلاقي ۽ مادي مدد ڪئي آهي، تن جي شڪرگذاري لاءِ به اکر نه چوڻ فرض ۾ ڪوتاهي ٿيندي. آئون نهايت شڪرگذار آهيان پنهنجي پياري دوست مرحوم مائيٽي اوڦي جو، جنهن هن ڪتاب جي مسودي جو گهڻو حصو فيئر ڪيو. ڪيس هن ڪتاب جي ڇپجڻ جي ڏاڍي حسرت هئي. آئون نهايت ٿورائتو آهيان سائين ظفرحسن جو، جنهن ڪتاب جو مسودو نظر مان ڪڍيو ۽ مفيد مشورا ڏنا. آئون سائين منصور ويراڳيءَ جو به تهدل شڪرگذار آهيان ۽ پنهنجي مهربان ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ سنڌالاجي لائبريريءَ جي هر ڪارڪن جو جن منهنجي هر ممڪن مدد ڪئي ۽ گڏوگڏ پروفيسر زيب ڀٽيءَ جو به ٿورائتو آهيان جنهن پنهنجي ذاتي لائبريريءَ مان ڪافي رسالا منهنجي حوالي ڪري ڇڏيا، سندس عنايت ڪيل رسالن جي معلومات کان سواءِ هي ڪتاب اڌورو ٿئي ها. آئون پنهنجي دوستن خان محمد پنهور، بشير احمد ميمڻ، گل شير بلوچ ۽ محمد شفيع بروهيءَ به شڪر گذار آهيان جن منهنجو هر ممڪن ساٿ ڏنو. سائين عبدالقادر جوڻيجي جا ٿورا نه ٿورا

جنهن هن ڪتاب تي مهاڳ لکيو. آئون انڊس پرنٽرس حيدرآباد جي مالڪ جناب مطيع الرحمان صاحب ۽ محترم محمد حسن بلوچ جن جو شڪرگذار آهيان، جن هن ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ خاص دلچسپي ورتي آهي.

الهرڪيو پنت

۲۰- جولاءِ ۱۹۸۱ع

-✱-

فهرست

باب پهريون :- رسالي جي وصف ۽ تاريخ
باب ٻيو :- ورهاڱي کان اڳ نڪتل رسالا
متفرقہ معلومات
باب ٽيون :- ورهاڱي کان پوءِ نڪتل رسالا
ضميمو
باب چوٿون :- ڪتابي سلسلا
باب پنجون :- تعليمي ادارن پاران نڪتل مخزن
باب ڇهون :- هندستان مان نڪتل رسالا
انڊيڪس
ببليوگرافي

باب پهريون

رسالي جي وصف ۽ تاريخ

(الف) **وصف:** رسالو يا مخزن لائبرريءَ جي اهم مواد ۾ شامل آهي. فيروزاللغات اردو جامع مطابق لفظ مخزن جي معنيٰ خزاني جي جاءِ، گودام، ذخيرو، اسٽور ۽ جمع ڪرڻ جي جاءِ ورتي ويئي آهي. مخزن عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي (١) ۽ معلومات جي خزاني يا ذخيري جي مفهوم ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. تعليم، تدريس ۽ تحقيق جي سلسلي ۾ نئين معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ رسالا اهم ذريعو ۽ نت نئين معلومات جو خزانو آهن.

عام استعمال ۾ رسالو (Periodical) لائبرريءَ جي اهڙي ڇپيل مواد کي چيو وڃي ٿو، جيڪو متواتر (regular) يا غير متواتر (Irregular) وقفي کان پوءِ شايع ڪيو وڃي ٿو ۽ ان جي هر نمبر کي الڳ ۽ منفرد حيثيت هوندي آهي. رسالي ڇاپڻ جو عمل خاص مقرر ٿيل عرصي کان پوءِ دهرايو وڃي ٿو ۽ ان کي بند ڪرڻ جو اڳواٽ ڪو ارادو ڪيل نہ هوندو آهي.

رسالا گهڻو ڪري هفتيوار، پندره روزه، ماهوار، ٽماهي ۽ ساليانو هوندا آهن. رسالي جو مواد ڪتاب جي مواد کان وڌيڪ بهتر حالت ۾ هوندو آهي، ڇو تہ رسالو متواتر ڪڍيو وڃي ٿو ۽ ان ۾ نئين نئين معلومات ڏني وڃي ٿي. ڪتاب ڪنهن

---

(١) فيروزالدين، مولوي الحاج (مؤلف) فيروزاللغات اردو جامع. پشاور: فيروز سنز، ١٩٦٨ع ص ١٠٦٣.

۾ هڪ مضمون جي مجموعي صورتحال پيش ڪري ٿو ۽ رسالو ان جي برعڪس مختلف ليکڪن جا خيال پيش ڪري ٿو ۽ مقرر ڏينهن وقفي کان پوءِ وري نون خيالن سان سينگارجي نڪري ٿو.

ان حقيقت کان به انڪار ڪري نٿو سگهجي ته اڄ جو ڪجهه ڪتابن ۾ ڇپجي رهيو آهي، ممڪن آهي ته اهو ڪالهه، ڪجهه ڏينهن، مهينا يا سال اڳ رسالن ۾ ڇپيو هجي. ڪن حالتن ۾ ته اهڙو رابطو اڻ ٽر آهي. اڪثر حالتن ۾ ائين به ٿيندو رهي ٿو ته ڪافي ڪتاب اهڙي مواد سان سينگارجي نڪرن ٿا، جيڪو اڳ رسالن ۾ ڇپيو ويو آهي ۽ اهو ساڳي حالت ۾ يا ٿوري ڦير گهير سان ڪتابي صورت ۾ ظاهر ڪيو وڃي ٿو.

رسالن (Periodicals) جا به مختلف قسم ٿين ٿا، ڪي پيرياڊيڪلس فقط حوالاجاتي مقصدن (reference) لاءِ ڪڍيا وڃن ٿا مثلاً سالناما (annuals or year books)- اهي پيرياڊيڪلس ان ڪري ليکيا وڃن ٿا جو اهي مقرر وقفي کان پوءِ نڪرن ٿا. لائبررين ۾ اهڙي قسم جو تمام گهڻو مواد موجود هوندو آهي. ڪي رسالا وري فقط تفريح ۽ وندر لاءِ ڪڍيا ويندا آهن ته ڪن ۾ وري ڪنهن خاص مضمون تي مواد ڏنو ويندو آهي. اهڙا به ڪي رسالا اهڙا هوندا آهن جيڪي ڪنهن خاص مقصد يا غرض لاءِ ڪڍيا ويندا آهن ۽ اهي ڪنهن پارٽي يا اداري جا آلہ ڪار هوندا آهن ته ٻيا وري بين الصوبائي يا بين الاقوامي سطح تي بهتر تعلقات پيدا ڪرڻ لاءِ ڪڍيا ويندا آهن. بهرحال رسالن کي مجموعي طرح ٻن وڏن گروهن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. انهن ۾ هڪڙا جنرل يا عام ته ٻيا اسپيشل يا خاص مضمونن تي مواد پيش ڪن ٿا.

ٻوليءَ ۽ ادب کي شاهوڪار بنائڻ لاءِ رسالن جي اهميت

کان انڪار ڪري نٿو سگهجي. ادب جي ترقي ۽ ترويج ۾ رسالن نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو آهي- رسالا ۽ مخزنون ادبي، فني ۽ پين انيڪ مضمونن جي نون توڙي پراڻن موضوعن تي نهايت مختصر ۽ بامقصد انداز ۾ روشني وجهن ٿا. رسالن جي وجود کان سواءِ علم جي ڪنهن به شاخ جي اوسر ۽ ترقي ناممڪن نه، تڏهن به ڏاڍي مشڪل آهي. ترقي يافته ملڪن جي سڌريل معاشري ۾ هر فن ۽ مضمون تي لاتعداد رسالا نڪرن ٿا، جيڪي ان ٻولي ۽ ان جي ادب کي شاهوڪار ۽ اُن مضمون جي سرحدن کي وسعت بخشين ٿا.

(ب) تاريخي پس منظر: رسالن (Periodicals) جي تاريخ سترهين صدي عيسويءَ کان شروع ٿئي ٿي. اهڙي شروعات ان وقت جي ڪتابن جي ناشرن ڪئي، اهي ناشر وقت بوقت ڪنهن وقفي کان پوءِ پنهن جي نون ڇپيل ڪتابن جا خبرنامہ ڇاپي عوام کي آگاهہ ڪندا هئا. ١٦٤٦ع کان اهڙا خبرناما ڪتابن تي مختصر تبصري سان گڏ ڪجهہ باقاعدگي سان نڪرڻ لڳا ۽ ١٦٥٠ع تائين چڱي حد تائين ريگيولر ٿي ويا. ڪتابن جي اهڙن خبرنامن کان وڌيڪ اهميت واري شيءِ ڊينيز ڊي سئلو (Denys de Sallo) پاران ٥ جنوري ١٦٦٥ع کان پئرس سان جاري ڪيل ڊائجسٽ يا انسٽرڪٽ جرنل هو. بنيادي اهميت واري ان رسالي جو نالو ”جرنل دس سڪئوانس“ (Journal des Scavans) هو، جيڪو پوءِ بدلجي ”جرنل دس سئونتس“ (Journal des Savants) ٿيو. هي رسالو ١٧٩٢ع کان ١٨١٦ع واري بندش جي دور کان علاوه باقاعدگي سان نڪرندو رهيو. هن رسالي ۾ بنيادي طرح يورپ ۾ ڇپيل سڀني اهم ڪتابن جي تت (Summary) سان گڏوگڏ مشهور ليکڪن جي موت جون خبرون ۽ انهن جي ڪتابن جي ببليوگرافي ڏني ويندي هئي.

ان کان پوءِ مارچ ١٦٦٥ع کان رايل سوسائٽي لنڊن

(Royal Society London) پـاران انگريـزي ٻولـيءَ ۾ ”فلاسافيڪل ٽرانزيڪشنس“ (Philosophical Transactions) نالي پهريون جرنل نڪتو. جنهن بعد اٽليءَ جي شهر روم مان ١٦٦٨ع ۾ ”جرنل دي ليٽرٽي“ (Giornale de Letterati)، جرمنيءَ جـي ليپزگ شهر مـان لئٽن ٻولـيءَ ۾ ١٦٨٢ع کان ”ايڪٽ ارڊيٽورم“ (Acta eruditorium) ۽ ١٦٨٨ع کـان سا ڳـي ملڪ مـان جرمـن ٻـولـي ۾ ”موناتسگيسپراخـي“ (Monatsgesprache) نالي رسالا نڪتا.

متين شروعاتي ۽ بنيادي رسالن کان پوءِ برطانيه ١٧٠٩ع، ڪئناڊا ١٧٨٩ع ، آسٽـريليا ۽ نيوزيلنڊ ١٨٢١ع ، نيـڌر لئنڊس ١٧١٩ع، اٽلي ١٦٦٨ع ، پورچـوگال ١٧٧٩ع، روس ١٧٥٥ع، اسڪئنڊينيوين ملڪن (سويـڊن، ناروي ۽ ڊينمارڪ) ١٧٣٢ع، اسپين ١٧٤٣ع، سئزرلئنڊ ١٧٠٣ع، هندستان ١٧٨٥ع، ڏکـڻ آفريڪا ١٨٢٤ع، جپان ١٨٦٨ع، چين ١٨١٥ع، وچ ۽ ڏکـڻ آمريڪا جـي ملڪـن ١٩١١ع ۽ آمريڪا جـي گڏيل رياستن (USA) جهڙن ملڪن مـان هر مضمون، هر عمر ۽ طبقہ فڪر جي پڙهندڙن لاءِ رسالا نڪرڻ شروع ٿيا.

اڻوهين صديءَ جي آخر ڌاري با تصوير رسالن سان گڏوگڏ فني مضمونن ۽ ڪنهن خاص مضمون (Special) رسالن ڪيڻ جو رواج پيو، جيڪو هن وقت پنهن جي مڪمل اوج ۽ عروج تي پهچي چڪو آهي. هفتيوار باتصوير رسالن ۾ ١٨٤٢ع کان نڪتل السٽريٽيڊ لنـڊن نيوز (Illustrated London News) پايو وجهندڙ (Pioneer) رسالو آهي. اتان ئي عورتن ۽ ٻارن لاءِ بہ ڪيترا رسالا نڪتا، جن ۾ هفتيوار وومن (Woman) ١٩٣٧ع، ۽ ٻارن لاءِ چيٽر باڪس (Chatterbox) ١٨٦٦ع، لٽل فوڪس (Little Folks) ١٨٧١ع، بوائز اون پيپر (Boy's Own Paper) ١٨٧٩ع ۽ گـرلس اون پيپـر (Girl's Own Paper) ١٨٨٠ع

۾ نڪل رسالا ڇپائي سگهجن ٿا.

موجوده دور ۾ نڪرندڙ چند رسالن جن کي بين الاقوامي اهميت ۽ شهرت حاصل آهي، تن جا نالا ڇپائڻ دلچسپي کان خالي نه ٿيندو. اهڙن رسالن ۾ ١٩٢٢ع کان نڪتل ماهوار ريڊرس ڊائجسٽ، ١٩٢٣ع کان نڪتل هفتيوار ٽائيم، ١٩٣٣ع کان نڪتل هفتيوار نيوزويڪ، ١٩٣٦ع کان نڪتل هفتيوار لائيف، ١٩٣٧ع کان نڪتل پندره روزه لڪ (Look)، ١٨٢٢ع کان نڪتل ماهوار مرر (Mirror)، ١٩٦٦ع کان نڪتل ماهوار اسپوٽنڪ (Sputnik) وغيره شامل آهن. ترقيءَ جي هن تيز رفتار دور ۾ هر ملڪ مان مختلف موضوعن تي، مختلف طبقه فڪر ۽ عمر جي پڙهندڙن لاءِ بي انداز رسالا نڪري رهيا آهن، انهن جي ڪثرت جو اندازو هيٺين پن مثالن مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو ته جپان مان اهڙن قسمن جا پنج هزار ۽ جرمنيءَ مان چار هزار رسالا نڪري رهيا آهن (١).

(ت) سنڌي رسالن جي ابتدا ۽ ارتقا: سنڌي هڪ قديم ٻولي آهي ۽ سنڌس ادب جو دائرو به نهايت وسيع آهي. سنڌ جي قديم تهذيب ۽ تمدن دنيا جي قديم تهذيبن مان ڪلهو هڻندڙ آهي. سنڌ جو تمدن خاموش قديم دڙن هيٺان پوريل آهي ۽ اهي دڙا مهراڻ جي ٻنهي ڪپن تي موجود آهن. اهڙيءَ طرح سنڌ جي ٻولي ۽ ادب جي قدامت جو اچو فيصلو ٿي نه سگهيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ نثر نويسي جي ابتدا جو سمو به مقرر ٿي نه سگهيو آهي. عربن جي اچڻ کان اڳ ڪهڙي ٻوليءَ ۾ لکيو ويندو هو ۽ ان جي شڪل صورت ڪهڙي هئي جو به فيصلو نه ٿي سگهيو آهي.

عربن جي دور حڪومت ۾ عربي ۽ پوءِ فارسي هن ملڪ

(1) Encyclopedia Britannica, vol. 17. Chicago: Encyclopedia Britannica, Inc., 1967, pp. 611-615.

جي دفتري ۽ سرڪاري زبان هئي. ملڪ جا باشندا به انهن ٻولين ۾ لکندا ۽ پڙهندا هئا. سنڌي ادب جو بنياد وجهندڙ ابوالحسن کي ڄڻيو وڃي ٿو. ابوالحسن اڍائي ٽي سو ورهيه اڳ پارسي ڇڏي سنڌي ڪتاب لکيا. ابوالحسن ۽ ان کان پوءِ ٿيل حڪومتن ۾ سوين تاريخون، قصا ۽ مذهب جا اصول وغيره سڀ ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ لکيا ويا. ارغونن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جو زمانو ختم ٿي ويو، پر ابوالحسن جي سنڌيءَ رخ نه بدلايو، ان جو مکيه سبب اهو هو جو حڪومت جي دفتر جي ٻولي پارسي هئي.

ميرن جي حڪومت کان پوءِ سنڌي علم ادب لاءِ نئون دور شروع ٿيو. موجوده سنڌي نثر برطانيه حڪومت جو پوکيل سلو آهي، جو پوءِ وڏي وڻ ٿيو. انگريزن جي آئي جلد دفتر جي ٻولي سنڌي ٿي. نوڪريون به سنڌي ڄاڻن کي ملڻ لڳيون. ملازمت ۾ مقرري لاءِ سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس ڪرڻ لازمي قرار ڏنو ويو. اهڙيءَ طرح سنڌي ادب لاءِ سٺائو واءُ لڳڻ شروع ٿيو.

سال ١٨٥١ع ۾ بارٽل فريئر سنڌ جو ڪمشنر مقرر ٿي آيو ته سنڌي ٻولي ۽ ادب کي اڃا به وڌيڪ هٿي ملي. ١٨٥٣ع ۾ گهڻي ڇڪتاڻ کان پوءِ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن جي فيصلي موجب سنڌيءَ جي موجوده ٻاونجاه اکرن واري عربي لپي ٺهي راس ٿي ۽ سنڌي ٻولي سرڪاري ڪاروبار ۽ رڪارڊ ۽ تعليمي ادارن ۾ استعمال ٿيڻ لڳي. ڪيترا اسڪول کليا ۽ سرڪاري ۽ خانگي سطح تي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب ڇپجڻ شروع ٿيا. سرڪاري ۽ خانگي سطح تي پريسون قائم ٿيون. سنڌي ڪتابن سان گڏ سنڌيءَ ۾ اخبارون ۽ رسالا به

ڇپجڻ شروع ٿيا (١).

سال ١٨٥٨ع ۾ سنڌي صحافت جو بنيادي پٿر رکيو ويو. ان سال سنڌي ٻوليءَ جي سڀ کان پهرين اخبار ڪراچيءَ مان جاري ٿي . اها هفتيوار اخبار فارسي ۽ سنڌي ٻولين ۾ ڪڍي ويئي هئي. ان اخبار جو نالو ”فوائد الاخبار“ هو ۽ ٢٥ مئي ١٨٥٨ع کان نڪتي هئي. ان اخبار ۾ زراعت، سائنس، تاريخ ۽ تعليم تي مواد ڇاپيو ويندو هو ۽ گورنمينٽ پريس ۾ ڇپبي هئي. ان کان پوءِ سال ١٨٦٠ع ۾ سکر ۾ سڀ کان پهرين پريس قائم ڪئي ويئي. اها ليٿو پريس هئي ۽ ان جو نالو ”مطلع خورشيد“ هو ۽ اها ڪراچيءَ جي ليٿو پريس ”مفرح القلوب“ جي مالڪ مرزا مخلص علي جاري ڪئي هئي. ان پريس مان مرزا مخلص علي پارسي ۽ سنڌي ٻولين ۾ هڪ هفتيوار اخبار جاري ڪئي جنهن جو نالو ”مطلع خورشيد“ هو. ١٨٥٨ع ۾ ڪراچيءَ کان نڪتل ”فوائد الاخبار“ ۽ ١٨٦٠ع ۾ سکر کان نڪتل ”مطلع خورشيد“ اخبارن سنڌ ۾ سنڌي صحافت جو بنياد وڌو. ان کان پوءِ ١٨٦٦ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نمبر ٽيون پراڻي اخبار ”سنڌسڌار“ نڪتي. هي اخبار تعليم کاتي پاران ڪڍي ويئي هئي۽ تعليم کاتي پاران قائم ڪيل ليٿو جي ڇاپخاني ۾ ڇپبي هئي ۽ تعليم کاتي جي عملدارن توڙي عام ماڻهن ۾ نهايت مقبول هئي (٢).

اهڙيءَ ريت تعليمي ۽ تمدني پروگرامن جي اضافي سان سنڌ اندر طباعت ۽ اشاعت جي عمل ۾ خاطر خواه اضافو ٿيو ۽ ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ شڪارپور جهڙن وڏن شهرن ۾

---

(١) پٺاڻ، الهرکيو. سنڌي طباعت ۽ اشاعت جي تاريخ. ايم فل لائبرري سائنس لاءِ پيش ڪيل مقالو. سنڌ يونيورسٽي ١٩٨٠ع ص٧٨ ۽ ٨٣.

(٢) ايضاً ص ٨٧ ۽ ٩٠.

پريسون ۽ اشاعت گهر قائم ٿيا. ڪيترين نيون سنڌي اخبارون جهڙوڪ سنڌ مدرسي ڪراچيءَ مان ”معاون مجمع“ ۽ مرزا محمد صادق جي ”معين الاسلام“ وغيره نڪتيون. اهو ئي پس منظر هو جو سنڌ اندر سنڌي اخبار نويسي ۽ رسالن ڪڍڻ جو رواج پيو ۽ اهو جذبو ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳو.

نومبر ١٨٩٠ع کان حيدرآباد مان نڪتل ماهوار رسالي ”سرسوتي“ سان سنڌي ٻوليءَ ۾ رسالن ڪڍڻ جو پختو بنياد پيو. ان کان پوءِ سوين سنڌي رسالا نڪتا ۽ بند ٿي ويا. هن وقت اسين انهن جا نالا پڙهي رهيا آهيون. هزار جتن ڪجن ته ٿا تڏهن به انهن سڀني جو ڪنهن هڪ هنڌ ملڻ مشڪل ٿي پيو آهي. سنڌ اندر ڪن لائبررين خاص ڪري انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي لائبريريءَ ۾ انهن جو چڱو تعداد گڏ ڪيو ويو آهي ۽ باقي جي لاءِ به ڪوشش ڪئي پئي وڃي. هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ نڪتل اهڙن پراڻن توڙي نون رسالن جو ذڪر ڪري انهن تان وقت جي گرد لاهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

باب ٻيو

ورهاڱي کان اڳ نڪتل رسالا

1890 سرسوتي ماهوار حيدرآباد

هي رسالو سنڌي ٻوليءَ ۾ نڪتل پهريون رسالو آهي. هن رسالي کي سنڌي ادب جي رسالن جو بنياد وجهندڙ چئجي ته به برابر ٿيندو. هي رسالو هندو سوشل ريفارم ايسوسيئيشن جي سهاري هيٺ نومبر ١٨٩٠ع کان نڪتو. ساڌو هيرانند هن جو ايڊيٽر هو ۽ هيءُ ادبي تعليمي ۽ سماجي قسم جو مواد پيش ڪندو هو. هن رسالي ۾ وقت جي ٻرک ليکڪن جا مضمون، آکاڻيون، مقالا ۽ شعر ڇپبا هئا. هن رسالي سنڌي ادب جي لڳاتار پنجويهه سال بيش بها خدمت انجام ڏني، هي رسالو يونين اڪيڊمي پاران قائم ڪيل پريس ۾ ڇپبو هو جا ليٿو جي پريس هئي ۽ حيدرآباد جي آڱرين پريسن مان هڪ هئي. بشير احمد ميمڻ پنهنجي مضمون "سر سوتي پهرين سنڌي مخزن" جي جي عنوان هيٺ لکي ٿو ته هي رسالو ٦ نومبر ١٨٩٠ع کان سڌار سڀا جي سهاري هيٺ نڪتو. شروع ۾ ليٿو ۾ ڇپبو هو. مگر گهڻي وقت کان پوءِ ڏائيپ ۾ ڇپجڻ لڳو ۽ آخري وقت ۾ "هندو سوشل ريفارم اسوسئيشن" جي سهاري هيٺ نڪرندو هو. (١)

سڌار پتريڪا ماهوار حيدرآباد

هي رسالو به هندو سوشل ريفارم ايسوسئيشن جي سهاري

(١) ميمڻ، بشير احمد. "سرسوتي پهرين سنڌي مخزن" روزانه عبرت ٦ نومبر، ١٩٧٠ع ص ٣.

هيٺ نڪرندو هو. ساڌو نولراءِ هن جو ايڊيٽر هوندو هو. هي رسالو سنڌي ٻوليءَ ۽ گرمکي لپي ۾ نڪرندو هو. هي رسالو خاص ڏاڍن جي تعليمي اقتصادي ۽ سماجي ڀلائيءَ لاءِ ڪڍيو ويو هو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏاڍن لاءِ نڪتل هي پهريون رسالو هو ۽ سنڌن ڀلائي لاءِ سواد پيش ڪندو هو. هي رسالو به يونين اڪيڊمي پاران قائم ڪيل ليٿو پريس ۾ ڇپبو هو.

1899ع— الاخوان المسلمين ماهوار ٺلاه لڳ، ٻاقراڻي

ٻاقراڻي اسٽيشن ضلعي لاڙڪاڻي لڳ ٺلاه جي ننڍڙي ڳوٺ جي ديني مدرسي ۾ ١٣١٥هه(١٨٩٩ع) ڌاري پير ابوالقاسم مظهرالدين جي ڪوشش سان ”مطبع مظهرالعجائب“ نالي هڪ ليٿو پريس قائم ڪئي وئي ۽ انهيءَ سال اتان هڪ ماهوار سنڌي رسالو الاخوان المسلمين جاري ڪيو ويو. هي خالص مذهبي رسالو هو، منجهس دين اسلام جي تبليغ ۽ شريعت ۽ طريقت جا احڪام ڏنا ويندا هئا. قرآن ۽ حديث جي تعليم تي مضمون ۽ شرعي مسئلن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي ويندي هئي. ذڪر فڪر ۽ ولين ڪاملن جا پڻ احوال ۽ ڪرامتون ڏنيون وينديون هيون. رسالي جي آخر ۾ غزل ۽ مولود ڏنا ويندا هئا. رسالي جي بها ادائي روپيه ساليانو هئي. مولانا دين محمد وفائي پنهنجي ڪتاب مشاهير سنڌ (ص ٢٤٨) تي لکي ٿو تہ پير مظهرالدين وڏي ڪماليت ۽ علم جو مالڪ هو. هن هڪ ليٿو ڇاپخانو ٺلاه شريف ۾ قائم ڪيو ۽ جنهن مان ”هدايت الاخوان“ نالي هڪ ماهوار رسالو جاري ڪيائين. اهو رسالو فقط هڪ سال هلي بند ٿي ويو. هتي مولانا وفائي نالي جي غلطي ڪئي آهي ۽ هن رسالي کي امروٽ شريف مان نڪتل رسالي سان ملائي ويو آهي.

سنڌ ڪاليج مسيلني ڇهه ماهي، ڪراچي

ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج پاران هي مخزن ١٨٩٩ع

ڪان نڪتو ۽ ورهاڱي تائين نڪرندو رهيو. ساڌو ٽانورداس واسواڻي هن مخزن جو باني هو ۽ ان جا ٽي حصا هئا. هرهڪ سنڌي، گجراتي ۽ انگريزيءَ تي مشتمل هو. ڪاليج جي استادن مان هڪ رسالي جو ايڊيٽر ۽ شاگردن مان ڪو هڪ سنڌس اسسٽنٽ ايڊيٽر هوندو هو. اڳتي هلي ١٩٤٠ع يا ان ڪان اڳ منجهس اردو سيڪشن جو اضافو ڪيو ويو.

1900ع— هدايت الاخوان ماهوار امروٽ شريف

هي ماهوار ديني رسالو مولانا تاج محمود امروٽي صاحب پاران مولانا عبيدالله سنڌيءَ لاءِ قائم ڪيل مدرسي مان جاري ڪيو ويو. هن مدرسي ۾ ديني ادب جي اشاعت لاءِ هڪ ليٿو پريس ”محمود المطابع“ به قائم ڪئي ويئي هئي جنهن مان هيءَ رسالو نڪرندو هو. هي رسالو سال ١٩٠٠ع ۾ نڪتو. هي وقت جو مشهور رسالو هو. مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي سياسي ۽ مذهبي نظرين کي هٿي ڏيڻ ۽ عوام تائين پهچائڻ لاءِ هي رسالو ڪڍيو ويو هو ۽ مذهبي رسالو هو.

تندرستي ماهوار حيدرآباد

صحت جي حفاظت تي سنڌي ٻوليءَ جو هي پهريون رسالو ڊاڪٽر ٻولچند پرسرام پنواڻي ١٩٠٠ع ۾ ڪڍيو. ڊاڪٽر ٻولچند سنڌ جو پهريون ڊاڪٽر هو جنهن هي ڪوشش ڪئي جنهن ڪان پوءِ حفظ صحت تي ڪيترا رسالا جاري ٿيا. هن رسالي ۾ صحت برقرار رکڻ لاءِ عمدا ۽ نصيحت ڀريا مضمون ڏنا ويندا هئا. بيمارين جا علاج ۽ انهن ڪان بچڻ جا طريقا تجويز ڪيا ويندا هئا. هي رسالو ڪجهه وقت نڪري بند ٿي وري جنوري ١٩١٢ع ڪان نڪرڻ لڳو. ڏنو مل بصرمل هن رسالي جو ڪجهه وقت مئنيجر ۽ پبلشر رهيو.

رسالہ زراعت ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو ١٩٠٠ع ڪان نڪرڻ لڳو. هي هڪ

سرڪاري پرچو هو ۽ سنڌ ۾ زراعت کي فروغ ڏيڻ لاءِ سٺو ڪم ڪيائين. سنڌي ٻوليءَ ۾ نڪرندڙ آڳاٽن رسالن مان هڪ هو. زراعت جي فن تي مضمون ۽ مشورا ڏيندو هو. هي رسالو ڪمشنر پريس ڪراچي مان ڇپبو هو.

1901ع– سناتن ڌرم پرچارڪ پتر ماهوار ڪراچي

هي رسالو سناتن ڌرم سڀا جي سهاري هيٺ مارچ ١٩٠١ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. سوڀراج شرما هن رسالي جو پهريون ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ ڌرمي پرچار لاءِ ليک، مضمون ۽ قسطوار ناول وغيره ڇاپيا ويندا هئا. سوڀراج شرما جي ديهانت کان پوءِ تيجو رام شرما رسالي جي ايڊيٽر جا فرائض پورا ڪندو رهيو.

1902ع– اخبار تعليم ماهوار حيدرآباد

هي تعليمي ماهوار رسالو ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد جي سهاري هيٺ ١٩٠٢ع کان نڪرڻ لڳو. تعليمي ميدان ۾ زبردست خدمت ڪيائين. سنڌي ٻوليءَ ۾ نڪرندڙ رسالن مان هن رسالي گهڻو ڄمار ڪيو ۽ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ به نڪرندو رهيو ۽ ويجهڙ ۾ بند ٿي ويو آهي. تعليم جي مضمون تي قابل استادن ۽ ماهرن جا تعليمي، ادبي، اخلاقي، اصلاحي، تاريخي ۽ سماجي مضمون هن رسالي ۾ پوندا رهيا. ملڪي حالتن ۽ تعليمي سرگرمين تي به خبرون ڏنيون وينديون هيون. ٽريننگ ڪاليج جو پرنسيپال رسالي جو ايڊيٽر ٿيندو رهيو. شروع ۾ قيصريه پريس حيدرآباد، اسٽينڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد، مسلم ادبي پريس حيدرآباد ۽ فردوس پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۽ انجم آرٽ پريس وغيره ۾ ڇپجندو رهيو.

ناول ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار رسالو ١٩٠٢ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي جو مهتمم ۽ مئنيجر خوشيرام سوڀو مل هيراننداڻي هو. هن ماهنامه ۾ گهڻو ڪري جاسوسي، طلسمي مضمون ۽ ناول

شايع ٿيندا هئا - جيڪي پوءِ اداري پاران ڪتابي صورت ۾ ڇاپيا ويندا هئا. هي رسالو ڪجهه وقت بند ٿي ويو ۽ وري ١٩١٣ع ۾ جاري ڪيو ويو ۽ باتصوير ٿي نڪتو. هي رسالو انراڳ پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

1904ع — رسالہ مدرسہ منتلي ڪراچي

هي رسالو سنڌ مدرسي جي سهاري هيٺ ١٩٠٤ع ۾ جاري ٿيو - مولوي محمد عثمان نورنگزادو جنهن مرحوم حسن علي آفندي سان هانهن پيلي ٿي ڪم ڪيو ۽ مدرسي ۾ فقهه جو استاد هو سو هن رسالي جو پهريون ايڊيٽر هو ۽ سندس ڪيترائي مضمون هن رسالي ۾ ڇپيا. ان ڪانپوءِ مولانا الله بخش ابوجهو ۽ مولوي عبدالرحيم جهڙا قابل استاد هن رسالي جا ايڊيٽر ٿيا. هن رسالي سالن جا سال مسلمانن ۾ تعليم لاءِ چاهه پيدا ڪرڻ لاءِ زبردست ڪم ڪيو. اعلى پيماني جا ادبي، معلوماتي، تاريخي ۽ تعليمي مضمون هن رسالي جي زينت بڻبا رهيا. هن رسالي ۾ شعر به ڇاپيا ويندا هئا. قابل استادن جي سرپرستي ۾ نڪرڻ ڪري سندس معيار سوچي سگهجي ٿو. هي رسالو سنڌ گزيٽ ۽ ڪمرشل پريس ڪمپني بندر روڊ ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

تحفہ احباب ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار علمي ادبي رسالو مرحوم محمّد هاشم "مخلص" جولاءِ ١٩٠٤ع کان ڪڍڻ شروع ڪيو- هي رسالو قومي بيداري پيدا ڪرڻ ۾ پيش پيش رهيو ۽ انگريز حڪومت خلاف قلمي جهاد شروع ڪيائين. مخلص جي قلم جي شوخي جو نتيجو اهو نڪتو جو انگريز مٿس سخت ناراض ٿيو ۽ ڪيس ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي زيربار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي- ان جي نتيجي ۾ مخلص صاحب کي روپوش ٿيڻو پيو. سنڌ ۾ موٽڻ کان پوءِ مرحوم "فدا" سان گڏجي "بهار اخلاق" ڪڍيائين. هي رسالو الحق پريس حيدرآباد مان ڇپبو هو.

1905ع— اصلاح ماهوار ٽکڙ

هي رسالو محمداسماعيل جان سرهندي سن ١٩٠٥ع يا سن ١٩٠٦ع کان ٽکڙ مان ڪڍڻ شروع ڪيو. مرحوم محمدخان "غني" جي چوڻ موجب هي رسالو بهار اخلاق جي مقابلي ۾ نڪتو ۽ ڪراچيءَ مان ڇپبو هو. درمحمد پٺاڻ هن رسالي کي ڪراچيءَ مان نڪرندڙ ڏيکاريو آهي. هي مذهبي رسالو هو.

1906ع— بهار اخلاق ماهوار ٽکڙ

هي رسالو سن ١٩٠٦ع ۾ علامہ اسدالله شاه "فدا" ٽکڙ مان ڪڍندو هو. هن رسالي کي تمام گهڻي شهرت حاصل هئي ۽ وقت جو مشهور ليکڪ ۽ قومي ڪارڪن محمد هاشم "مخلص" شاه صاحب سان هن رسالي ڪڍڻ ۾ ٻانهن ٻيلي هو. رسالو ايترو تہ مقبول هو جو ان زماني ۾ رسالي جون هر مهيني ٻـي هزار ۽ سو ڪاپيون ڇپجي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچنديون هيون. وقت جي وڏن ليکڪن جو رسالي سان تعاون هو. هـي رسالو اسلاميہ پريس لاهور مان ڇپبو هو.

1907ع— سنڌ شيوڪ ماهوار حيدرآباد

هي رسالو وائيس آف سنڌ، ماتا ۽ ديش ماتا اخبارن جي ايڊيٽر تولارام ٻالاڻي ١٩٠٧ يا ١٩٠٨ع ڌاري حيدرآباد مـــان ڪڍيو. هن رسالي سنڌ جي سياسي ۽ سماجي سڌارپيءَ ۾ چڱو ڪردار ادا ڪيو.

تولارام کي پنهنجي باضابطہ پريس ڪانہ هئي .مگر هٿ جي ننڍڙي ليٿو جي پريس تي اخبارون ۽ رسالا ڪڍندو هـو. جنهن جو مالڪ مئنيجر ، مشين مئن، ڪمپازيٽر ، پروف ريـڊر خود هوندو هو.

1908ع— شمس الحڪمت ماهوار پيربخش پنو لاڙڪاڻو

هي ماهوار طبي رسالو حڪيم لکي سنگهہ ڪوٽ پيربخش

پڻ ساڻ آگسٽ ١٩٠٨ع کان جاري ڪيو. طبي رسالن ۾ هي ٻيو نمبر ڇهونو رسالو هو. حڪيم لکي سنگهه طب جو ماهر هو ۽ هن فن ۾ ڪيترائي ڪتاب به لکي ڇپرايائين. هي رسالو اڳتي هلي پندره روزه به ٿيو ۽ صحت جي حفاظت تي مفيد مشورا، بيمارين جا علاج وغيره ڏنا ويندا هئا. هي رسالو الحق پريس سکر، ايڊورڊ پريس سکر، ۽ مفيد عام پريس لاهور وغيره ۾ ڇپبو هو.

1909ع— زميندار گزٽ ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار زرعي رسالو فيبروري ١٩٠٩ع کان حڪيم ڏرسسنگهه ٿهلسنگهه جي ايڊيٽري ۽ سرپرستي ۾ نڪرڻ لڳو. هن رسالي ۾ سماجي ۽ ڏرسي مضمون به ڏنا ويندا هئا. هي رسالو خاص زميندارن ۽ واپارين جي مفاد لاءِ ڪڍيو ويو هو. حڪيم ڏرسسنگهه هڪ وڏو حڪيم ۽ واپاري هو. هن رسالي ۾ ڪاسورن جون سختيون ڏنيون وينديون هيون. هي رسالو حڪيم صاحب پاران قائم ڪيل "زميندار گزٽ پريس" ۾ ڇپبو هو. ان کان اڳ مسافر ۽ آرين پريسن ۾ ڇپيو.

1910ع— آڏيئم ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار رسالو جنوري ١٩١٠ع کان نڪرڻ لڳو. مسٽر نرملداس فتحچند سجانسنگاڻي رسالي جو ايڊيٽر هو. هي رسالو سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾ ڇپبو هو. اخلاقي، ادبي، تاريخي ۽ طبي مضمون ۽ شعر ڇپبا هئس. رسالو هر مهيني جي پندرهين تاريخ نڪرندو هو. قومي ڪارڪنن جي حياتي جو احوال به ڏنو ويندو هو. ٻين ٻولين جي شعرن جا ترجما به ڏنا ويندا هئا.

جعفر زٽلي ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار رسالو فيبروري ١٩١٠ع کان رئيس غلام محمد ڀرڳڙيءَ جي سرپرستي ۽ محمد هاشم "مخلص" جي ايڊيٽري هيٺ نڪرندو هو. هن رسالي ظرافت جي ڪري ڪافي شهرت

حاصل ڪئي. مخلص مرحوم روپوشيءَ وارن ڏينهن ۾ هي رسالو پنهنجي ڀائٽي ۽ نيائي ماستر عبدالرحيم ”شائق“ جي نالي سان ڪيندو هو. آخر ١٩١٣ع ۾ مخلص صاحب کي آزادي ملي ۽ ڏرگڙي صاحب طرفان جاري ڪيل ”الامين“ اخبار جي ايڊيٽري جا فرائض سنڀاليائين. هي رسالو پريمئر پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو ويندو هو. هن ۾ مزاحيہ ڪارٽون ۽ عام معلوماتي خبرون پڻ شايع ٿينديون هيون.

سناتن ڌرم پرمارٿڪ پتريڪا ماهوار حيدرآباد

هي رسالو ڪندنمل ڏيپچند شوداسائي جي تحرڪ ۽ ڪوشش سان ١٩١٠ع کان نڪرڻ لڳو. هي رسالو گورمکي ۽ سنڌي رسم الخط ۾ نڪرندو هو. هن رسالي ۾ هندو ڌرم جا ليک ڇپبا هئا. هندو ڌرم جو سٺو پرچار ڪيائين. هي رسالو وديا ساگر پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

1913ع — الاسلام ماهوار ڪراچي

هي رسالو محمدصالح ڀٽي جي ايڊيٽري ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي سرپرستي هيٺ ١٩١٣ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي مذهبي رسالو هو ۽ هن ۾ اخلاقي ۽ قومي مضمون ب ڇپيا ويندا هئا. مخدوم محمدصالح هالائي رسالي جو آنرري ايڊيٽر هو. خاص مسلمانن جي اصلاح لاءِ ڪڍيو ويو. هي حمادیہ پريس ڇهوٽا مارڪيٽ ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

ناول ماهوار ڪراچي

ڇيتانند ٽڏومل واسواڻي هي رسالو ١٩١٣ع کان جاري ڪيو. هن رسالي ۾ عام معلوماتي خبرون، ملڪي حالات، شعر و شاعريءَ کان علاوه اصلوڪا ۽ ترجمو ٿيل ناول ڏنا ويندا هئا. هي رسالو ليٿو ۾ ڪراچيءَ سان ڇپبو هو(١).

---

(١) ڀٽاڻ، درمحمد. ڪراچي ضلعي جي ادبي تاريخ، ڊي فل سنڌي لاءِ پيش ڪيل مقالو سنڌ يونيورسٽي ١٩٧٨ع ص ١٤٠٤.

1914ع - سنڌي ساهت سوسائٽي حيدرآباد ۽ ڪراچي جو ماهوار رسالو

لالچند امرڏنو مل جي برپا ڪيل سنڌي ساهت سوسائٽي جي ماهوار رسالن جو سلسلو ١٩١٤ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي ۾ وقت جي وڏن ليکڪن جا اصلي توڙي ترجمو ڪيل شاهڪار شايع ڪيا ويندا هئا. سوسائٽي جي ڊائريڪٽرن ڪجهه وقت کان پوءِ رسالو حيدرآباد بدران ڪراچيءَ مان ڪيڻ جو فيصلو ڪيو. ڪراچيءَ ۾ رسالي جو ايڊيٽر سوسائٽي جو روح روان ۽ ڪراچيءَ لاءِ جنرل سيڪريٽري لالچند امرڏنو مل هو ۽ حيدرآباد جو ڪاروبار سرنانند هاسو مل جي هٿ هيٺ هو. ڪجهه سالن کان پوءِ هن رسالي جو ڪاروبار ڪراچيءَ جي ڪتب فروش ۽ پبلشر اين. ايچ. پنجابيءَ جي حوالي ٿيو. اهڙي طرح هي رسالو ١٥ سالن تائين سنڌي ادب جي خدمت ڪندو رهيو ۽ سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿيو. ننڍن ڪتابن جي صورت ۾ هر مهيني ٽوٽڪا، چرتر، ڪتائون، آکاڻيون، افسانا ۽ ناٽڪ وغيره ڏنا ويندا هئا. هر گراهڪ کي سال جي آخر ۾ هڪ ڪتاب يا ڊائري سوکڙي طور ڏني ويندي هئي. هي رسالو اسٽينڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد، هندو پريس حيدرآباد ۽ ڪراچي ڪوهنور پرنٽنگ پريس ڪراچي ۽ ٻين پريسن ۾ ڇپجندو رهيو. سوسائٽي جا ٻهريان ڇند رسالا سندي ساهت پرچارڪ سوسائٽي جي نالي ۾ نڪتا.

1915ع - سک جو سنيهو ماهوار شڪارپور

هي ماهوار طبي ۽ باتصوير رسالو حڪيم پچن لال ڏنراج مل هاسانند پنجابي ١٩١٥ع کان ڪيڻ شروع ڪيو. حڪيم کي اسرار صحت ۽ صحت فارميسي نالي دواخانو هو ۽ هي رسالو سندس ايڊيٽري ۽ سرپرستي هيٺ نڪرندو هو. هن رسالي ۾ مختلف بيمارين جو علاج ۽ يوناني دوائن تيار ڪرڻ جا نسخا وغيره ڏنا ويندا هئا. هي رسالو ورهاڱي تائين نڪرندو

رهيو ۽ با تصوير هيو. حڪيم ڏنراجمل طب تي غمدا ڪتاب به لکي ڇپرايا. هي رسالو لڪشمي پريس شڪارپور، ٻجلي پرنٽنگ پريس شڪارپور گزٽ پرنٽنگ پريس شڪارپور وغيره ۾ ڇپجندو رهيو.

1916ع— سنسار چڪر ماهوار ڪراچي

هي رسالو هرومل پريمچند شرما جي ايڊيٽري هيٺ ١٩١٦ع جي اپريل مهيني کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي ۾ اصلوڪا ۽ ترجمو ٿيل ناول قسطوار ڏنا ويندا هئا. هي پنهنجي وقت جو مشهور ۽ مقبول رسالو هو. هن رسالي جا پڙهندڙ سنڌ کان علاوه هندستان جي ٻين شهرن ۽ آفريڪا، آمريڪا، برما، جپان، چين ۽ سلون ۾ موجود هئا.

صحيفه قادريه راڻيپور

هي رسالو حڪيم محمد صادق جي سرپرستي ۽ ايڊيٽري هيٺ ١٩١٦ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي ۾ طبي معلومات سان گڏ مذهبي، اخلاقي ۽ تعليمي مواد ڏنو ويندو هو. حڪيم محمد صادق سان گڏ مولانا دين محمد وفائي رسالي ڪڍڻ ۾ پاڻهن پيلي هو. هن رسالي ۾ قادياني تحريڪ جي خلاف ڪافي مواد ڏنو ويندو هو.

1917ع— ست سنگت ولاس روهڙي

هي رسالو پروفيسر هاسا رام سندرداس پمناڻي پاران قائم ڪيل اداري "سوامي ڏرمداس شيوا منڊلي" ١٩١٧ع ۾ جاري ڪيو. هي رسالو خالص مذهبي رسالو هو ۽ سوامي ڏرمداس جي ڌرمي تعليمات تي مبني مواد شايع ڪيو ويندو هو.

سوکڙي ماهوار ڪراچي

هي رسالو ١٩١٧ع کان جي- ايس ننڊواڻي ڪراچيءَ مان جاري ڪيو. منجهس مذهب اسلام جي تعليم، اخلاقيات ۽ تصوف

تي مواد شايع ٿيندو هو جيڪو مضمونن ۽ آکاڻين جي صورت ۾ ڏنو ويندو هو.

سک ينگ مينس اسوسيئيشن جو سک ٽرئڪٽ ماهوار حيدرآباد

سک مذهب جي اشاعت ۽ واڌاري لاءِ قائم ڪيل اداري "سک ينگ مينس ائسوسيئيشن" پاران ١٩١٧ع کان ماهوار رسالا (ٽرئڪٽ) نڪرڻ شروع ٿيا. انهن ٽرئڪٽن ۾ سک ڌرم جي واکاڻ ۽ ان جي سورمن جي بهادري ۽ قرباني جون ڪهاڻيون ڏنيون وينديون هيون. ڪيترا سال مذهب ۽ ادب جي خدمت ڪندو رهيو.

ناري ڌرم ماهوار ڪراچي

هندي رسم الخط ۾ عورتن لاءِ نڪرندڙ هي رسالو "سنڌ شيوڪ سڀا" جي سهاري هيٺ نومبر ١٩١٧ع کان جاري ٿيو. هن رسالي جو دفتر بمبئي بازار ڪراچيءَ ۾ هوندو هو.

1918ع – الڪاشف ماهوار لاڙڪاڻو

هي ماهوار علمي، اخلاقي، تاريخي ۽ طبي رسالو مولانا دين محمد وفائي جي ايڊيٽري ۽ انجمن اسلام لاڙڪاڻي جي سرپرستي هيٺ اپريل ١٩١٨ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. حڪيم پير سيد عبدالغفار شاهه هن رسالي جو مئنيجر هو. هر مهيني فقه ۽ طب جي موضوعن تي سوالن جا جواب به ڏنا ويندا هئا. ان سان گڏ عالمن، فاضلن ۽ ولين جا تذڪرا پڻ ڏنا ويندا هئا هي رسالو مولانا دين محمد وفائي جي ٿلاهه ضلعو لاڙڪاڻه ۾ رهائش واري عرصي ۾ نڪتو ۽ تمام گهڻو ڪامياب ٿيو.

اين. جي. وي هاءِ اسڪول مسلينئي ڇهماهي ڪراچي

اين. جي. وي هاءِ اسڪول پاران هي ڇهه ماهي رسالو ١٩١٨ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي رسالو انگريزي ۽ سنڌي

پولين ۾ نڪرندو هو. هن رسالي جي سنڌي حصي ۾ اسڪول جا استاد، شاگرد ۽ ٻيا عالم اديب حصو وٺندا هئا. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي سٺي خدمت ڪيائين.

ويدانتي پتر ماهوار جيڪب آباد

هي رسالو سناتن ڌرم جي پرچار ۽ واڌاري لاءِ مارچ ١٩١٨ع کان نڪرڻ لڳو. ڪيئارام ڀاٽيا هن رسالي جو روح روان ۽ ايڊيٽر هو. ڌرم جي پرچار لاءِ هي رسالو سڄي سنڌ ۾ مفت ورهايو ويندو هو. ڪيئا رام ڀاٽيا جيڪب آباد جو مشهور عطر فروش هو. هن رسالي جي وسيلي هو پنهنجي ڌنڌي جي به پرچار ڪندو هو. رام به راضي ته پاڻ به خوش.

1919ع - ڌرم درشن ماهوار روهڙي

هي ماهوار رسالو ١٩١٩ع کان پروفيسر هاسارام سندرداس پمناڻي پاران قائم ڪيل اداري ”سوامي ڌرمداس شيوا منڊلي“ پاران ڪڍيو ويو. هن رسالي ۾ ڌرمي سکيا تي آرٽيڪل ۽ مضمون ڇاپيا ويندا هئا. هن رسالي ۾ ست سنگت ولاس رسالي ۾ ڌرمي ڪتابن تان ترجما به ڏنا ويندا هئا. ان کان علاوه سيني سکيه مذهبن جا مٿا ۽ اصول به ڏنا ويندا هئا. هي رسالو هڪ سال هلي بند ٿي ويو ۽ وري ١٩٢٣ع جي جنوري مهيني کان نڪرڻ لڳو.

الحافظ ماهوار ڪراچي

هي رسالو ١٩١٩ع کان حافظ محمد حيات شاهه جي سرپرستي ۽ ايڊيٽري هيٺ نڪرڻ لڳو. هن رسالي ۾ ادبي، مذهبي ۽ تاريخي مواد ڇاپيو ويندو هو. هي رسالو حيدري لٿو پريس ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

ڪچڪول ماهوار حيدرآباد

سنڌ هوم رول تحريڪ کي سنڌ ۾ زور وٺائڻ لاءِ رئيس

مرحوم غلام محمد پرڳڙي الامين اخبار جاري ڪئي جنهن جو ايڊيٽر مرحوم محمد هاشم "مخلص" مقرر ٿيو. ڪجهه وقت کان پوءِ ڪن اختلافن جي ڪري مخلص صاحب الامين جي ايڊيٽري ڇڏي پنهنجو هڪ رسالو ڪچڪول نالي ۱۹۱۹ع کان جاري ڪيو. هي علمي ۽ ادبي رسالو هو ۽ منجهس ظرافت تي به مواد ڇاپيو ويندو هو. ٻه سال کن هلي بند ٿي ويو.

1920ع– روح رهاڻ ماهوار حيدرآباد

هي رسالو چيٺمل پرسرام سنڌ ۾ ٿياسافيءَ کي زور وٺائڻ خاطر ۱۹۲۰ع کان ڪڍڻ شروع ڪيو. مرزا نادر بيگ هن رسالي جو نائب ايڊيٽر هوندو هو. هي رسالو ۱۹۲۹ع تائين باقائدگي سان نڪرندو هيو. پر پوءِ چيٺمل پرسرام ان کي هفتيوار پارتواسي اخبار سان ملائي ڇڏيو. هن رسالي ۾ تعليمي، ادبي، سماجي ۽ مذهبي مواد ڏنو ويندو هو.

”اسڪول مخزن ماهوار جيڪب آباد ۽ حيدرآباد

هي ماهوار تعليمي رسالو ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر ضلع سرحد جي ڪوشش سان ۱۹۲۰ع کان نڪرڻ لڳو. هن ۾ مذهبي، اخلاقي ۽ تعليمي مضمون پوندا هئا. نظم ۽ معلوماتي خبرون به ڏنيون وينديون هيون. هي رسالو ڪمشنرس پرنٽنگ پريس ڪراچي ۾ ڇپبو هو. ڪجهه وقت کان پوءِ هي رسالو حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج فارمين سان نڪرڻ لڳو. هن ۾ تعليمي سرگرمين بابت خبرون ڏنيون وينديون هيون.

1922ع– سيتا مخزن ماهوار حيدرآباد

هي رسالو ۱۹۲۲ع يا ان کان اڳ جو نڪتل آهي. آچاريه گدوائي رسالي جو مهتمم ۽ روح روان هو. هي مذهبي رسالو هو.

سنڌ ڪوآپريٽر ماهوار حيدرآباد

هي رسالو سنڌ ڪو آپريٽو انسٽيٽيوٽ رسالا روڊ حيدرآباد جي سهاري هيٺ ١٩٢٢ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي ٻن ٻولين سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ نڪرندو هو. هن رسالي جاري ڪرڻ جو اصل مقصد سنڌ ۾ ڪوآپريٽو تحريڪ جي پرچار ڪرڻ هو. هي رسالو انسٽيٽيوٽ جي ميمبرن کي مفت ڏنو ويندو هو. هي رسالو ڪجهه وقت هلي بند ٿي ويو ۽ وري جنوري ١٩٣٦ع کان نڪرڻ لڳو ۽ ورهاڱي کان پوءِ به نڪرندو رهيو. هن پرچي جا مختلف ايڊيٽر رهيا. ورهاڱي کان اڳ راءِ بهادر پريتمداس ڪوستراءِ ۽ حشمتراءِ ميرچنداڻي رسالي جا ايڊيٽر ۽ روح روان هئا. ورهاڱي کان پوءِ هي رسالو ١٩٥٩ کان نڪرڻ لڳو ۽ ساڳي آب تاب سان نڪتو ۽ مرحوم مقبول پٺي ايڊيٽر ٿيس. ورهاڱي کان اڳ ٻن ٻولين سنڌي ۽ انگريزي ۾ نڪرندو هو ۽ پوءِ ان ۾ اردو ٻوليءَ جو اضافو ڪيو ويو. ڪوآپريٽو تحريڪ تي مواد سان گڏ ادبي مضمون ۽ شعر شاعري به ڏني ويندي هئي. هي رسالو پريمئر پريس حيدرآباد نيشنل پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد، بلوتسڪي پريس حيدرآباد وغيره ۾ ڇپجندو هو.

ديش مترِ ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار با تصوير رسالو مارچ ١٩٢٢ع کان نڪرڻ لڳو. ڪيمچند ڏيئا رام واسواڻي رسالي جو ايڊيٽر هو. رسالي ۾ بزرگن، سائين لوڪن، اوليائن، صوفين، شاعرن ۽ ٻين نامور ماڻهن جا جيون چرتر، سنڌن وچن ۽ شعر ۽ ڌرمي، راڄنيتي، پنگتي، تعليمي، طبي، تجارتي ۽ پيون عام ملڪي خبرون ڏنيون وينديون هيون. هي رسالو پارتواسي پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

سنسار چڪر ماهوار سکر

هي ماهوار با تصوير رسالو سنڌ جي مشهور ۽ جهوني پبلشر ميشرس هريسنگ اينڊ سنس آگسٽ ١٩٢٢ع کان ڪيڻ

شروع ڪيو. هن رسالي ۾ حيرت انگيز جاسوسي، طلسمي ۽ تاريخي ناول ڏنا ويندا هئا، جن ۾ وندر ۽ سڌاري جون ڳالهيون درج ٿيل هونديون هيون. سال جي آخر ۾ ۱۰۰ صفحن جو دلچسپ ناول ۽ سهڻو ڪئلينڊر گراهڪن کي مفت ڏنو ويندو هو.

1923ع— راجپوت ماهوار سکر

هي ماهوار با تصوير رسالو هريسنگهه سکر وارا ۱۹۲۳ع کان ڪيڻ لڳا. هن رسالي ۾ اخلاقي، تواريخي ناول، قومي تعمير جو ڪم ڪيل راجپوت زالن ۽ مردن جي حياتيءَ جو احوال ۽ تصويرون وغيره ڏنيون وينديون هيون. رسالي جي گراهڪن کي سال جي آخر ۾ هڪ ناول ۽ ڪئلينڊر مفت ڏنا ويندا هئا.

رسالو صراط مستقيم ماهوار حيدرآباد ۽ روهڙي

هي رسالو سيد عبدالحسين موسوي ۽ مدد علي مرزا ۽ سيد وڏيل شاه موسوي جي ڪوشش ۽ دلچسپي سان پهريان حيدرآباد مان جولاءِ ۱۹۲۳ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. ان کانپوءِ روهڙي مان نڪرڻ لڳو. شروع ۾ مدد علي مرزا سندس ايڊيٽر هو ۽ بعد ۾ روهڙيءَ مان نڪرڻ دوران سيد وڏيل شاه موسوي سندس ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ گهڻو ڪري شيعه فرقي سان تعلق رکندڙ مواد ڇاپيو ويندو هو. ان کان علاوه اسلامي تاريخ ۽ تمدن تي به مواد ڏنو ويندو هو. رسالي جو سال محرم کان شروع ٿيندو هو. هي رسالو امر پرنٽنگ پريس سکر ۾ ڇپبو هو.

غنچه اميد ماهوار تلهاڻي حيدرآباد

هي رسالو سنڌ جاگيردار ۽ زميندار انجمن جي سهاري هيٺ جولائي ۱۹۲۳ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. عيدنمل مينگهراج رسالي جو ايڊيٽر هو. هي ماهوار باتصوير رسالو خاص زميندارن ۽ جاگيردارن جي مفاد کي هٿي ڏيڻ ۽ بهبودي لاءِ ڪيڏيو

ويو هو. مئنيجر ۽ ٻيا ڪارڪن رسالي لاءِ بنا معاوضي ڪم ڪندا هئا. زراعت ۽ ان سان تعلق رکندڙ ٻين سوضوعن تي عمده مضمون ۽ ليک ڇاپيا ويندا هئا. ان سان گڏ سٺيون علمي اخلاقي آکاڻيون ۽ چونڊ خبرون ۽ شعر به ڏنا ويندا هئا. سڄڻ ليکن تي لکندڙن کي انعام به ڏنا ويندا هئا. هن رسالي ۾ ڏنل تصويرون ڪلڪتي ۽ بمبئي مان ڇپرائيندا هئا ڇو جو ان زماني ۾ سنڌ ۾ تصويرن ڇاپڻ جو بندوبست ڪونه هوندو هو. هي رسالو ١٩٢٧ع تائين نڪرندو رهيو ۽ ڪرشنا پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد ۽ مهتائي پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد وغيره ۾ ڇپيو هو.

توحيد ماهوار ڪراچي

سنڌي ٻولي ۾ نڪرندڙ رسالن جو سهندار ماهوار توحيد سال ١٩٢٣ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. سنڌ جا ناليرا قومي ڪارڪن مولانا دين محمد وفائي ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي مرحوم رسالي جا ايڊيٽر رهي چڪا آهن. هي رسالو ١٩٢٨ع ۾ نڪرڻ بند ٿي ويو ۽ سال ١٩٣٤ع ۾ وري نڪرڻ لڳو. ۽ ورهاڱي کان پوءِ به نڪرندو رهيو. مسلماني عقيدن جو اصلاح، قادياني تحريڪ خلاف پرچار، تاريخي، اسلامي، اخلاقي ۽ اصلاحي مضمون به شايع ڪيا ويندا هئا. هن رسالي مسلمانن ۾ ڏاڍي مذهبي قومي ۽ سياسي سجاڳي آندي. پير پرستي قبر پرستي ۽ وهمن جي خلاف سڀ قلمي جهاد ڪيائين. مولانا وفائي مرحوم جي وفات کان پوءِ سندس فرزند علي نواز وفائي جي ايڊيٽريءَ ۾ ڪجهه وقت نڪتو. الوحيد پرنٽنگ پريس ميڪلوڊ روڊ ڪراچي ۽ عباسي ليٿو پريس فريئر روڊ ڪراچي وغيره ۾ ڇاپيو ويندو هو.

قديم ڀارت ماهوار حيدرآباد

هي رسالو آريا سماج مندر حيدرآباد جي سهاري هيٺ ١٩٢٣ع جي شروعات ۾ نڪتو. هي مذهبي رسالو هو ۽ منجهس ڀارت جي قديم سورهن جي حياتي جا احوال ۽ ڪارناما

ڇاپيا ويندا.

سکر ڊرئڪٽ ماهوار، ڪراچي

سکر ڊرئڪٽ سوسائٽي جي سهاري هيٺ ١٩٢٣ع ۾ هڪ ماهوار رسالو ”سکر ڊرئڪٽ“ جي نالي نڪرڻ لڳو. هن رسالي ۾ سک ڌرم تي مضمون، ڪهاڻيون ۽ ناول ڇاپيا ويندا هئا. هن رسالي جو سيڪريٽري لالچند ڪي-آر ۽ ايڊيٽر وي.پي پارڪر هو. هن سوسائٽي ١٩٢٨ع ۾ خالصا پرنٽنگ پريس نالي پنهنجي پريس قائم ڪئي، جتي هيءُ رسالو ۽ ٻيا ڪتاب ڇاپيا ويندا هئا. پهريان هي رسالو پارٽ پرنٽنگ ورڪس ڪراچي ۾ ڇپيو هو.

الحبيب ماهوار، ڄنڊ جو ڳوٺ شڪارپور

هي رسالو ١٩٢٣ع يا ١٩٢٤ع جي شروعات ۾ نڪتو. پيرمحمد ابڙو ان جو مئنيجر هو. مذهبي ۽ ادبي نوعيت جا مضمون رسالي ۾ ڇپجندا هئا.

الهمايون ماهوار، سلطان ڪوٽ

هي ماهوار ادبي ۽ مذبي رسالو مولانا مفتي محمد صاحبداد جي ايڊيٽري ۽ سرپرستي هيٺ مولانا عبدالغفور همايوني جي ياد ۾ ١٣٤٢ هه مطابق ١٩٢٣ع يا ١٩٢٤ع ڌاري نڪرڻ لڳو. ۽ ٽي چار مهنا نڪري بند ٿي ويو. مفتي صاحبداد جا مذهبي رسالي ۾ ڇپجندا هئا. هي رسالو شڪارپور پرنٽنگ پريس ۾ ڇپيو هو.

شيوا ماهوار، خيرپورناٿن شاهه/شڪارپور

هندو ڌرم جي پرچار لاءِ هي رسالو جولائي ١٩٢٣ع کان پهريائين ته ٿورا خيرپورناٿن شاهه مان ۽ ان کانپوءِ شڪارپور مان نڪرڻ لڳو. مهراج سنپورام پرسرام شرما رسالي جو ايڊيٽر هو. رسالي جي سرورق تي تصويرون ڏنيون ويندي هيون.

هي خالص مذهبي رسالو هو. پر منجهس ملڪي خبرون به وينديون هيون. هي رسالو شيام سندر پريس لکي در شڪارپور ۾ ڇپيو هو.

ڀاڻيا متر ماهوار حيدرآباد

هي رسالو سي.جي ڀاڳچنداڻي جي ايڊيٽريءَ هيٺ ١٩٢٣ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي رسالو ڀاڻيا قوم جي بهتريءَ ۽ سجاڳيءَ ڪڍيو ويو هو. هن ۾ ادبي مضمون ۽ ملڪي خبرون هونديون هيون.

1924ع— سندر ساهيتم ماهوار حيدرآباد/ڪراچي

سندر ساهتيه اداري جي سهاري هيٺ ميلارام منگترام واسواڻي هي رسالو جولاءِ ١٩٢٤ع کان پهريائين حيدرآباد مان ۽ پوءِ ڪراچيءَ مان ڪڍيو. هن رسالي ۾ سندر ۽ ننڍڙيون آکاڻيون شايع ٿينديون هيون جن ۾ تاريخي، قومي ۽ ادبي مواد ڏنو ويندو هو. سنڌي ادب جي بيش بها خدمت ڪيائين.(١)

ڀارت اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس ڪراچي، هندستان پرنٽنگ ورڪس نڪلسن روڊ ڪراچي، چمن اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس مارڪيٽ روڊ حيدرآباد، شيام ليٿو آفسيٽ پريس ڪراچي ۾ ڇپيو هو.

1925ع— مڪتي مخزن ماهوار نوابشاه

هن مخزن جنوري ١٩٢٥ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي ۾ اخلاقي، روحاني ۽ تعليمي سڌاري جا مضمون پوندا هئا. تعليمي مواد ڏيڻ ڪري استادن ۽ شاگردن ۾ گهڻو مقبول هو. تعليمي کاتي سان واسطو رکندڙن کي ٢٥ سيڪڙو ڇوٽ ڏني ويندي هئي. تعليمي ميدان ۾ هن رسالي نهايت عمدو ڪم ڪيو.

---

(١) پناڻ، در محمد ڪراچي ضلعي جي ادبي تاريخ. ڊي فل سنڌي لاءِ پيش ڪيل سنڌ يونيورسٽي ١٩٧٨ع ص ٤٠٨

سنڌ مدرسه ڪرانيڪل ٽه ماهي ڪراچي

هي ٽه ماهي علمي ادبي، تعليمي، تحقيقي رسالو سنڌ مدرسه ڪراچي پاران جنوري ۱۹۲۵ع کان نڪرڻ لڳو. مدرسي جا استاد هن رسالي جي ايڊيٽوريل جا ميمبر هئا. رسالي ۾ استادن ۽ شاگردن جا معياري مضمون، مقالا، شعر ۽ معلوماتي مواد شايع ٿيندو هو. هي رسالو سنڌي، انگريزي ٻولين ۾ نڪتو. ۱۹۳۰ع کان هن ۾ اردو حصي جو واڌارو ڪيو ويو ۽ سال ۱۹۳۴ع کان گجراتي حصي جو به اضافو ٿيو. هي رسالو الوحيد پريس ڪراچي ۽ لال پريس مئڪلو روڊ ڪراچي وغيره ۾ ڇپبو هو.

الجامع ماهوار ڪراچي

هي رسالو سنڌ جي ماهر حڪيم، اهل قلم ۽ قومي ڪارڪن حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي سرپرستي ۽ ايڊيٽريءَ هيٺ آگسٽ ۱۹۲۵ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي ۾ سٺا ۽ معياري ادبي مضمون ڇپبا هئا. هن رسالي قومي هاچل ۾ سٺو ڪردار ادا ڪيو. هي رسالو هڪ ئي وقت سنڌي، انگريزي ۽ عربي ٻولين ۾ نڪرندو هو ۽ الوحيد پرنٽنگ پريس ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

عندليب ماهوار لاڙڪاڻو

هي علمي ۽ ادبي رسالو ۱۹۲۵ع ڌاري ولي محمد پيٽي "اسير" جي سرپرستي ۽ ايڊيٽري هيٺ نڪتو.

قليلي ماهوار حيدرآباد

سنڌ نيشنل ڪاليج حيدرآباد پاران هي مخزن ۱۹۲۵ع کان نڪرڻ لڳو. هن رسالي جا ٻه حصا هوندا هئا. هڪ انگريزي ۽ ٻيو سنڌي حصو. ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن جا علمي ادبي، تعليمي ۽ معلوماتي مضمون ۽ شعر هن رسالي ۾ ڇپبا هئا ڪاليج ۾ آيل تبديلين ۽ علمي سرگرمين جون خبرون به ڏنيون

ويندا هئا. ڏنا بہ انعام تي لکڻين بهترين .هيون ونديون
نيشنل پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد ۽ پاڻي بند پريس حيدرآباد ۾
ڇپبو هو.

گلدستہ سنڌ ماهوار لاڙڪاڻو

هيءُ رسالو لاڙڪاڻي جي بزم مشاعره جي سهاري هيٺ سال ١٩٢٥ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. ميان علي محمد قادري هن رسالي جو ايڊيٽر هو. جو هڪ سٺو شاعر ۽ اديب هو. هن رسالي جو مقصد سنڌي شاعري کي همٿائڻ هو. ان ڪري هن گهڻا شاعر پيدا ڪيا.

هندي هندو ماهوار حيدرآباد

هندو مذهب، قوميت ۽ سياست جي پرچار لاءِ هندو پريس ڪراچي وارن هي رسالو سال ١٩٢٥ع کان ڪڍڻ شروع ڪيو. (١)

ترقي ماهوار ڪراچي

هي ادبي ماهوار سنڌ جي مشهور ليکڪ ۽ قومي ڪارڪن عبدالخالق مورائي جي سرپرستي ۽ ايڊيٽريءَ هيٺ آڪٽوبر ١٩٢٥ع کان نڪرڻ لڳو. هي وقت جو مشهور رسالو هو ۽ سنڌس آفيسون رانگي واڙي، سٺو در ۽ بمبئي بازار ۾ هيون. هي رسالو مذهبي مواد ۽ عام معلوماتي خبرون بہ ڏيندو هو. خليق مورائي صاحب پهرئين مئي ١٩٣٤ع تي وفات ڪئي ۽ رسالو بند ٿي ويو. هي رسالو ليٿو پرنٽنگ ورڪس ڪچهري روڊ ڪراچيءَ ۾ ڇپبو هو.

نوجيون ماهوار، نوابشاهہ

هي ماهوار ڌرمي رسالو نومبر ١٩٢٥ع کان لالا رام پارومل ڪڍڻ لڳو. هن رسالي ۾ شعر، هندو ڌرم تي عمدا مضمون

---

(١) پٺاڻ، درمحمد. ڪراچي ضلعي جي ادبي تاريخ. ڊي فل سنڌي لاءِ پيش ڪيل مقالو سنڌ يونيورسٽي ١٩٧٨ع ص ٩٠۔٤

۽ مشهور ماڻهن جي حياتيءَ جو احوال ڏنو ويندو هو. نئون ڪتابن تي تبصرا به ڏنا ويندا هئا. هي رسالو اسٽينڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

گلستان ٽماهي حيدرآباد/سکر

هي باتصوير رسالو نومبر ١٩٢٥ع کان سنوهر ڪوڙو مل جي ايڊيٽري ۽ ڪوڙو مل ساهتيه منڊل جي سهاري هيٺ نڪرڻ شروع ٿيو. سندس ڪيٽ اپ سٺي ۽ ٻولي زيبائتي هوندي هئي. ٻارن لاءِ ننڍيون اخلاقي، علمي ۽ معلوماتي آکاڻيون ڏنيون وينديون هيون. هن رسالي ۾ آبادگارن ۽ زميندارن لاءِ زرعي معلومات جا مضمون ۽ صحت تي مفيد معلوماتي مواد به ڏنو ويندو هو. رسالي جو چوٿون پرچو ۽ ان کان پوءِ سکر مان نڪرڻ لڳو. ڏهه نوان گراهڪ ڏاهي ڏيندڙن کي رسالو مفت ڏنو ويندو هو. هي رسالو هند آفتاب پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۽ امر پرنٽنگ پريس سکر ۾ ڇپبو هو.

1926ع— ماستر ماهوار ڪراچي

هي رسالو سنڌ ماستر ائسوسيئيشن جي سهاري هيٺ جنوري ١٩٢٦ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. ٽئن مل طوطلداس وڇاڻي هن رسالي جو ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ تعليمي ميدان ۾ پيش ايندڙ مسئلن تي مواد شايع ٿيندو هو. ان کان علاوه نثر توڙي نظم ۾ به عمدو مواد ڇاپيو ويندو هو.(١)

جيون ڀاسڪر ٽماهي ڪراچي

هيءُ ٽماهي رسالو ڪيمچند شامداس آنند فارميسي جي مالڪ جي ايڊيٽريءَ ۽ سهاري هيٺ جنوري ١٩٢٦ع کان نڪرڻ لڳو. هن رسالي ۾ طب، هنر، مذهب ۽ ادب تي مشتمل مواد ڏنو ويندو هو. وڌندڙ بيروزگاريءَ جي خلاف هن

---

(١) پٺاڻ، درمحمد. ڪراچي ضلعي جي ادبي تاريخ. ڊي فل سنڌيءَ لاءِ پيش ڪيل مقالو سنڌ يونيورسٽي ١٩٧٨ع ص- ١٠ ١٤.

رسالي ۾ هنري ڪم شروع ڪرڻ لاءِ تجويزون ۽ فارمولا ڏنل هوندا هئا ته جيئن نوجوان هنر سکي روزگار ڪمائي سگهن ۔

گلشن ماهوار ڪراچي

هي رسالو جنوري ١٩٢٦ع کان عبدالله محمد قاسم ”مغموم“ جي ايڊيٽريءَ هيٺ نڪرڻ شروع ٿيو۔ هن رسالي ۾ عمدا، ادبي ۽ معلوماتي مضمون پوندا هئا۔ رسالي ۾ ٻولي نهايت سهڻي ۽ سلوڻي ڏني ويندي هئي۔ هن رسالي جا ليکڪ هندو مسلمان ٻئي ڏريون هيون. هي خالص ادبي رسالو هو ۽ بناتفريق جي سڀ هن رسالي ۾ لکندا هئا۔ ٽي سال هلي بند ٿي ويو.(١)

گيان اديم سچترماسڪ پتر ماهوار ڪراچي

هي مذهبي، سماجي، اخلاقي، علمي ۽ ادبي رسالو مارچ ١٩٢٦ع کان سولچند ڏاروسل جاري ڪيو. ٻارن، زالن، مردن ۽ ٻڍن لاءِ عمدو سواد ڇاپيو ويندو هيو.(٢)

سرسوتي ساهتيم ماهوار ڪراچي

سال ١٩٢٦ع کان سولچند ڏاروسل برهم کشتري جي ايڊيٽريءَ هيٺ هي ماهوار رسالو جاري ٿيو. جنهن ۾ قسط وار اصلوڪا ۽ ترجمو ٿيل ناول پوندا هئا.(٣)

غالب ماهوار ميرپورخاص

هي رسالو حاجي محمود سيمڻ هالائي ميرپورخاص مان ١٩٢٦ع ۾ ڪڍيو۔ هي ادبي رسالو هو۔ ڇهه مهنا نڪري بند ٿي ويو۔

پرتاپ ماهوار حيدرآباد

هي رسالو مئي ١٩٢٦ع کان دوارڪا پرساد روچيرام شرما ٻجرويدي ڪڍڻ شروع ڪيو ۔ هن ۾ گهڻو مذهبي سواد ڇپبو

---

(١) ٻٺاڻ، درمحمد، ڪراچي ضلعي جي ادبي تاريخ. ڊي فل سنڌي لاءِ پيش ڪيل مقالو سنڌ يونيورسٽي ١٩٧٨ع ص ٤١٠۔
(٢) ايضاً
(٣) ايضاً

هو. مسلمانن خلاف گهڻو زهر اوڳاريائين. هندو ۽ مسلمانن ۾ نفاق پيدا ڪرڻ ۾ هن قسم جي رسالن گهڻو ڪم ڪيو.

مذهبي مواد سان گڏ، ادبي تاريخي مضمون ۽ عام دلچسپي جون خبرون ۽ تصويرون به ڏنيون وينديون هيون. سال ۾ ١٠ گراهڪ ٺاهي ڏيندڙ کي سڄو سال رسالو مفت ڏنو ويندو هو.

موتين جو هار ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو ٽوپڻ داس ڪيمواڻي جي پرستيءَ هيٺ ١٩٢٦ع کان نڪرڻ لڳو. هن رسالي ۾ مذهبي سماجي ۽ ادبي موضوعن تي مضمون پوندا هئا.(١)

1927ع— ديش شيوا ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار طبي رسالو حڪيم جميعت راءِ ايس آر مالڪ دواخانو سنياسي پنڊار، فيبروري ١٩٢٧ع کان ڪڍڻ شروع ڪيو مجرب دوائن جا نسخا، پڙهندڙن جا طب ۽ بيمارين بابت سوال ۽ جواب ۽ بيمارين جا علاج تجويز ڪيا ويندا هئا. هن رسالي ۾ تندرستي ۽ صحت برقرار رکڻ لاءِ عمدو مواد پوندو هو. هي رسالو هندو پريس مارڪيٽ رستو حيدرآباد ۾ ڇپبو هو. هن قسم جي رسالن ۾ طب، صحت عام وغيره جهڙن ڪيترن موضوعن تي علمي، معلوماتي ۽ تحقيقي مواد موجود آهي. هن مضمون سان واسطو رکندڙ اهڙي قسم جي انيڪ رسالن مان سٺو فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا.

چونڊس هفتيوار ڪراچي

هي هفتيوار فلمي پرچو ١٩٢٧ع کان پورو مل چنڊيرام رامريڪاڻي جي ايڊيٽري هيٺ فلمي خبرن، تصويرن، عام معلوماتي خبرن ۽ مضمونن سان سينگارجي نڪرڻ لڳو. هيءُ رسالو وڏي

(١) پٺاڻ، ڊاڪٽر محمد. ڪراچي ضلعي جي ادبي تاريخ. ڊي فل سنڌي لاءِ پيش ڪيل مقالو سنڌ يونيورسٽي ١٩٨٧ع ص ١٠٤

سائيز ۾ نڪرندو هو ۽ هي سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون رسالو هو جنهن لڪي نمبرن تي انعام ڏيڻ شروع ڪيو. ڏيهن لڪي نمبرن کي هر سال ٢٥٠ رپيا انعام ڏنو ويندو هو. هي انعام اڳتي هلي رسالن جي صورت ۾ ڏيڻ ۾ آيو. انعام کٽندڙ پهرين نمبر واري کي ٻن سالن لاءِ سنسار سماچار اخبار ۽ ٻوڏس رسالو ٻن سالن لاءِ مفت ۽ ٻئي نمبر واري کي هڪ سال اخبار ۽ رسالو مفت ڏنو ويندو هو. هفتيوار خبرن جو جائزو ۽ حالات حاضره جو احوال به ڏنو ويندو هو. هي رسالو سنسار سماچار پرنٽنگ پريس ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

هر دلعزيز ماهوار نئون ديرو

هي ماهوار طبي رسالو حڪيم دوست محمد پنهور ١٩٢٧ع کان نئين ديري مان ڪيڻ شروع ڪيو. طب تي عمدا مضمون ۽ عام جي ڀلائيءَ لاءِ مختلف بيمارين لاءِ دوائن جا نسخا تجويز ڪيا ويندا هئا.

دره حيدري ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو ڪراچيءَ جي مشهور شاعر غلام احمد "نظامي" ١٩٢٧ع کان ڪيڻ شروع ڪيو. هي رسالو خاص مسلمانن لاءِ تبليغي مواد ڏيندو هو. رسالي لاءِ چندو سال ۾ ٻه روپيا هو.(١)

1928ع— راجپوت رتن ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار هندو ڌرمي رسالو جنوري ١٩٢٨ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هندو ڌرم ۽ آريه سماج تي نوجوان ليکڪن جا مضمون پوندا هئا. هندو ڌرم جي پرچار ڪيائين.

ستاره نو ماهوار حيدرآباد

هي مخزن "ستاره منڊل" جو خاص پرچو هو. جيڪو انگريزي، فرينچ، جرمن، اسپئنش ڊچ، سئيڊش، ناروي جن، پولش روسي، اٽالين، ڊئنش، آئيلنڊس ۽ هندستان جي ڪيترين ٻولين ۾

(١) پنهنڻ، درمحمد ايضاً.

نڪرندڙ هو. هن مخزن جي انٽرنيشنل ايڊيٽوريل بورڊ جو دفتر هالنڊ ۾ هو. سنڌي ٻوليءَ ۾ هيءُ مخزن ۱۹۲۸ع کان نڪتو. سنڌيءَ ۾ ايڊيٽوريل بورڊ جو چيئرمن جمشيد مهتا ۽ جيٺمل پرسرام، ڪيولرام ڏيارام، پي. ايم. آڏواڻي، ليلارام پريمچند ۽ مرزا نادر بيگ ان جا ميمبر هئا. ٿياسافي ڏانهن مائل هي مخزن بلوٽسڪي پريس حيدرآباد ۾ ڇپبي هئي.

نانڪ پرڪاش ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو گورسک اتهاس ٽرئڪٽ سوسائٽي برنس روڊ ڪراچي پاران نڪتو. خالص ڌرمي رسالو هو. سک مذهب جي پرچار ۽ واڌاري لاءِ ڪڍيو ويو هو. خالصه رامسنگهه هن اداري جو سيڪريٽري هو. هي رسالو هندستان پرنٽنگ ورڪس ڪيمبل روڊ ڪراچيءَ ۾ ڇپبو هو.

دعوت اسلام ماهوار سکر

هيءُ مذهبي رسالو نومبر ۱۹۲۸ع کان نڪتو. ڊاڪٽر محمد يامين ولد قمرالدين قريشي سيڪريٽري انجمن تبليغ اسلام هن جو ايڊيٽر ۽ سرپرست هو. رسالو سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ نڪرندو هو. اسلامي تعليم، تبليغ ۽ سماجي بهبود تي مواد ڏنو ويندو هو. هي رسالو زميندار پريس سکر ۾ ڇپبو هو.

سنت مالا ماهوار هيرآباد، حيدرآباد

سيلارام واسواڻي پاران شروع ڪيل هي سلسلو ۱۹۲۸ع يا ان کان اڳ نڪتو. ڪجهه وقت کان پوءِ هن سلسلي جا ڪتاب ماهوار نڪرڻ لڳا. هندو مذهب، فلاسافي ۽ تاريخ تي مشتمل هي رسالو ورهاڱي تائين نڪرندو رهيو. هي مالا مخير هندو حضرات جي ڏنل دان ۽ ڪتابن جي وڪري مان ٿيل پيدائش تي هلندي هئي. واسواڻي جا هي رسالا جيڪي ڪتابي صورت ۾ نڪرندا هئا سنڌي ادب ۾ سنگ ميل جي حيثيت

رکن ٿا. هيءُ رسالو چندن اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

1929ع— ڏتوگيان ماهوار ڪراچي

هيءُ رسالو "شري ويدانت پرڪاشڪ منڊل" پاران ١٩٢٩ع ۾ نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي ۾ اڪثر ويدانت تي مضمون ۽ شعر پوندا هئا. ساڌو ليلارام رسالي جو ايڊيٽر هو. خالص مذهبي رسالو هو.(١)

1930ع— علمي دنيا ماهوار ڪراچي

هي رسالو حاجي ميرمحمد بلوچ مالڪ ليٿو ۽ ٽائيپ پرنٽنگ پريس جي سرپرستي ۽ مشهور ليکڪ قاضيعبدالرزاق احمد جي ايڊيٽري ۾ جنوري ١٩٣٠ع کان اولڊ جيل روڊ ڪراچي کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن باتصوير رسالي ۾ علمي، ادبي، تاريخي، مذهبي مضمونن سان گڏ دل وندرائيندڙ قصا، افسانا ۽ سبق آموز سلسلي وار ناول ۽ شعر ڇاپيا ويندا هئا. ڪجهه وقت نڪري بند ٿي ويو ۽ قاضي صاحب وري اپريل ١٩٣٣ع ۾ ماهوار ڪاميابي ڪڍڻ شروع ڪيو. هيءُ رسالو ليٿو اينڊ ٽائيپ پرنٽنگ پريس اولڊ جيل روڊ ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

رام مئگزن ماهوار ڪراچي

هي ادبي ۽ معلوماتي مخزن جنوري ١٩٣٠ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. رامچند تهلرام دادونواسي ته گلي مارڪيٽ ڪراچي مان ڪڍندو هو. ادبي، مذهبي مضمون، ڪهاڻيون، شعر قسطوار ناول ۽ ملڪي واءُ سواءُ به ڏنو ويندو هو. هي رسالو ايمپاير پرنٽنگ پريس ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

---

(١) پٺاڻ، درمحمد ڪراچي ضلعي جي ادبي تاريخ. ڊي فل سنڌي لاءِ پيش ڪيل مقالو سنڌ يونيورسٽي ١٩٧٨ع ص ٤١٢

گلزار ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار رسالو محمد صديق محمد يوسف ميمڻ جي سرپرستي ۽ ايڊيٽري هيٺ ١٩٣٠ع کان نڪرڻ لڳو. هن رسالي ۾ تعليمي ادبي ۽ تاريخي مضمون پوندا هئا. هي رسالو خاص اسڪولي ٻارن لاءِ ڪڍيو ويو هو ۽ تعليم کاتي ٻاران منظور ٿيل هو. ٻارن ۾ مطالعي جي عادت وجهڻ لاءِ سٺو ڪم ڪيائين. هيءُ رسالو اسٽئنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد ۽ مسلم ادبي پريس ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

المنار ماهوار سکر

هي رسالو عبدالوحيد جي ايڊيٽري هيٺ ١٩٣٠ع کان نڪرڻ لڳو. هيءُ ادبي ۽ معلوماتي رسالو پير حسام الدين راشدي سيد محمد علي شاه ۽ حافظ عبدالمجيد جي گڏيل ڪوشش سان نڪتو ۽ پوءِ هفتيوار اخبار جي صورت اختيار ڪيائين. حافظ عبدالمجيد کي پنهنجي پريس به هئي.

گلستان ماهوار حيدرآباد

١٩٣٠ع ڌاري ان کان اڳ مسٽر شيوڪ ٻي. سونواڻي پنهنجن ساٿين سان گڏجي "ٻالڪن جي ٻاري" نالي ادارو برپا ڪيو ۽ ٻارن جي سکيا ۽ وندر لاءِ ٻاري جي سهاري هيٺ "گلستان" نالي هڪ رسالو جاري ڪرايائين، جنهنجو ڪجهه وقت ايڊيٽر پاڻ هو. رام پاونداس به رسالي جو ايڊيٽر رهيو. هن رسالي ٻارن جو اخلاقي ۽ تعليمي معيار بلند ڪرڻ ۾ سٺو ڪردار ادا ڪيو. هن رسالي ۾ زرعي معلومات جو مواد به ڏنو ويندو هو. زراعت کاتي وارن جو تعاون حاصل هئس ٿي سال هليو ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ويو پر خرچ جو بار نه سهي ٽن سالن کانپوءِ موڪلايائين.

الاسلام ماهوار سلطان ڪوٽ

هي ماهوار مذهبي رسالو سال ١٩٣٠ع کان مولانا مفتي صاحبداد جي سرپرستي ۽ ايڊيٽري هيٺ نڪرڻ لڳو. خالص مذهبي رسالو هو ۽ منجهس ديني ۽ اخلاقي مواد پوندو هو. مولانا صاحبداد وڏو عالم ۽ سٺو ليکڪ هو. رسالو چار سال نڪري بند ٿي ويو.

ڦلواڙي ماهوار ڪراچي

ٻارڙن جو هي رسالو امر لعل هنگوراڻي ١٩٣٠ع کان ڪڍڻ شروع ڪيو. ٻارڙن لاءِ نصيحت ڀريون اخلاقي ۽ تعليمي آکاڻيون ۽ مضمون ڏنا ويندا هئا. ٻارن جي تعليمي ترقي ۾ سٺو ڪم ڪيائين.

جيڪب آباد هاءِ اسڪول مسلينئي جيڪب آباد

هيءَ ساليانی مخزن ١٩٣٠ع کان نڪرڻ شروع ٿي. مسٽر شيوا رام ڪاڪا انجو ٻھريون ايڊيٽر هو. هن ۾ استادن ۽ شاگردن جا نهايت عمدا ۽ معياري مضمون ڇاپيا ويندا هئا. هي باتصوير رسالو ورهاڱي کان پوءِ به ڪجهه وقت نڪرندو رهيو. رسالو وشن پرنٽنگ پريس جيڪب آباد ۾ ڇاپيو ويندو هو.

1931ع – صحت جو سينگار ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار طبي رسالو حڪيم ڏاندو مل ورما ڪنهنباڻي گهٽي حيدرآباد مان جنوري ١٩٣١ع کان ڪڍڻ شروع ڪيو. حڪيم ڏاندو مل کي پنهنجو دواخانو به هو. طبي خبرن ۽ مضمونن سان گڏ بيمارين جو علاج ۽ شعر و شاعري به ڏني ويندي هئي. هي رسالو باتصوير هو ۽ منجهس دوائن ٺاهڻ جا نسخا به تجويز ڪيا ويندا هئا. قديم ۽ جديد طب تي سٺو مواد ڏنو ويندو هو. ورهاڱي تائين نڪرندو رهيو. هي رسالو ڪرائون اليڪٽرڪ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

لطيف ياري مخزن سالياني حيدرآباد

هي سالياني مخزن حيدرآباد نيشنل ڪاليج سان پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جي رهبري هيٺ نڪرندي هئي. هن مخزن ۾ شاعرن جي سرتاج شاه عبداللطيف ڀٽائي جي سوانح ۽ شاعري تي مضمون پوندا هئا. ١٩٤٦ع ۾ ان جو آخري پرچو نڪتو.

زرعي پرچو ڪراچي

سنڌ جي زرعي ڪاتي پاران آبادگارن جي ڀلائي ۽ معلومات لاءِ هي پرچو جنوري ١٩٣١ع کان نڪرڻ لڳو. هي سرڪاري پرچو هو ۽ آبادگارن جي حالت سڌارڻ لاءِ سٺو ڪم ڪيائين. پهريائين ڪمشنر پريس ۾ ڇپبو هو. پر سنڌ جي بمبئي کان جدائي کان پوءِ ساڳي پريس جو نالو بدلجي سنڌ سرڪار جي پريس ٿيو ته رسالو ان مان نڪرڻ لڳو.

ٻال مترِ ماهوار ڪراچي

ٻارن جو هي ماهوار باتصوير رسالو ”يونيورسل چلڊرن ڪلب“ پاران مارچ ١٩٣١ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي رسالو سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾ نڪرندو هو. ڀڳوانداس سي. ٿڌاڻي رسالي جو ايڊيٽر هو. ٻارن لاءِ ننڍڙيون عمديون تعليمي، اخلاقي آکاڻيون ۽ نظم رسالي ۾ پوندا هئا.

طالب علم ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو جون ١٩٣١ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي اسڪولي ٻارن لاءِ ڪڍيو ويو ۽ منجهس استادن ۽ اديبن جون ننڍڙيون نصيحت آموز آکاڻيون، عام معلومات جو مواد ۽ ملڪي خبرون پونديون هيون. مولانا خيرمحمد نظاماڻي هن رسالي جو ايڊيٽر هو.

1932ع— سنڌو ماهوار ميان جو ڳوٺ شڪارپور

مسٽر ٻولچند وسو مل راڄپال شڪارپور جي ڀرسان هڪ

ننڍڙي ڳوٺ ۾ ۱۹۳۱ع ۾ "سنڌو ساهت" منڊل قائم ڪري ۱۹۳۲ع کان هي رسالو جاري ڪيو. پاڻ رسالي جو ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ هر مهيني برک عالمن ۽ اديبن جا مضمون ۽ مقالا پوندا هئا. رسالي ۽ ٻين ڪتابن جي ڇپائي لاءِ مسٽر بولچند ڳوٺ ۾ راڄپال پريس به قائم ڪئي هئي. جون ۱۹۳۹ع کان هي رسالو جيڪبآباد مان نڪرڻ لڳو ۽ اتي ڀارت پريس ۾ ڇپبو هو.

پهرين جنوري ۱۹۴۲ع کان رسالي سنڌو ۽ ڀارت پريس جو ڪاروبار هڪ بورڊ جي حوالي ٿيو. بولچند راڄپال بورڊ جو چيئرمين ٿيو ۽ ساڌو داس انجو سيڪريٽري ٿيو. اهڙيءَ طرح سنڌو ساهت منڊل جي نئين سر جوڙجڪ ڪئي ويئي ۽ سمورو ڪاروبار ڇهن ٽرسٽين جي حوالي ٿيو. هي رسالو ورهاڱي تائين نڪرندو رهيو ۽ سنڌ جي برک ليکڪن هندو توڙي مسلمانن جا مضمون، مقالا، شعر رسالي ۾ پوندا هئا. ان کان علاوه ڪجهه صفحا زميندارن جي ڀلائي لاءِ به مخصوص ٿيل هوندا هئا.

روزگار ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو جون ۱۹۳۲ع کان راسباغ گاڏي کاتي ڪراچي کان نڪرڻ لڳو. هن رسالي ۾ بي روزگاري کي ختم ڪرڻ لاءِ مواد ڏنو ويندو هو. علم ۽ هنر جا بهترين نسخا ڇاپيا ويندا هئا. گهرو هنرن کي همٿائڻ لاءِ رسالي سٺو ڪم ڪيو. رسالو ايمپاير پرنٽنگ پريس ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

صوفي ماهوار لاڙڪاڻو

هي ماهوار ادبي رسالو ۱۹۳۲ع کان مشهور اديب ۽ شاعر آغا غلام نبي "صوفي" جي سرپرستي ۽ تعاون مان نڪتو رسالي جو ايڊيٽر قسمت ٿي. جڳاڻي هو. رسالي ۾ ادبي مضمون ۽ شعر ڇپبا هئا.

پريم ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار رسالو پوڄراج لوڪو مل واڌواڻي جي ايڊيٽري هيٺ سيپٽمبر ١٩٣٢ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي رسالو ست ڌرم مندر سواسي هيمراج چداڪاشي حيدرآباد پاران نڪتو. هن ۾ مذهبي، اخلاقي ۽ سماجي مواد ڏنو ويندو هو. رسالو پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

ستيوادي ماهوار شڪارپور

هي ماهوار رسالو ”سندر ساهت مندر“ پاران سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾ ١٩٣٢ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. ڏيئو مل ڳاڄرا هن رسالي جو ايڊيٽر ۽ اداري جو روح روان هو. ڪجهه وقت ڪانپوء رسالي جو ايڊيٽر جيوترام هوتچند ٿيو. هن رسالي ذريعي آريه جاتي جي اتهاس ۽ هندستان جي تهذيب ۽ تمدن جي چڱي پرچار ڪئي ويئي. هي رسالو ديوي پرنٽنگ پريس، ڇوڙي گر محلا شڪارپور ۾ ڇپبو هو.

1933ع— گلشن ماهوار ڪراچي

هي ٻارن جو رسالو هو ۽ ٻارن جي علمي، ادبي، سياسي ۽ مذهبي اوسر لاءِ ١٩٣٣ع کان جاري ٿيو. شيوڪ پوڄراج هن رسالي جو روح روان هو ۽ ايڊيٽوريل بورڊ تي پاورتي گدواڻي ۽ لعلچند امرڏنو مل هوندا هئا. هي رسالو سنڌي ٻولي جو پهريون رسالو هو، جنهن جي وسيلي منظم طريقي سان ٻارن جي شخصيت ۽ ڪردار جي تعمير جي شعوري ڪوشش ڪئي ويئي هئي.(١)

اهلبيت ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار رسالو سيد وڏل شاه عباس علي شاه موسوي

---

(١) پٺاڻ، در محمد. ڪراچي ضلعي جي ادبي تاريخ. پي ايڇ ڊي لاءِ پيش ڪيل مقالو سنڌ يونيورسٽي ١٩٧٨ع ص ٤١٣

جي ايڊيٽري ۾ پير غلام حيدر سجاده نشين درگاه ڪريمي جي سرپرستي هيٺ جون ۱۹۳۳ع ڪان پنڌ سانول شاه حيدرآباد مان نڪرڻ شروع ٿيو. هي رسالو سنڌ جي پيرن ۽ سيدن جي وقار کي بلند ڪرڻ لاءِ ڪڍيو ويو هو. هن ۾ سيدن جي شان ۾ وڏا مضمون وڏا ويندا هئا تہ جيئن ماڻهن کي سيدن جي شان جي خبر پوي ۽ سندن چوڻ ۾ رهن ۽ خود پيرن ۾ بہ ٻڌي ۽ ايڪو رهي.

مبلغ ماهوار نصرپور

اهل سنت جو ترجمان هي رسالو ۱۹۳۳ع ڪان مولوي عبدالحق رباني جي ايڊيٽري ۾ سرپرستي هيٺ شروع ٿيو. اسلامي تعليمات ۽ تاريخ تي عمدو مواد ڏنو ويندو هو. ٽي چار پرچا هلي بند ٿي ويو ۽ وري ورهاڱي کانپوءِ ۱۹۵۰ع ڪان سائين سرپرستي هيٺ نڪرڻ لڳو. اسلامي تبليغ جو سٺو ڪم ڪيائين اسلامي مباحثن ۽ مناظرن جو احوال بہ ڏنو ويندو هو. هي رسالو عباسي اليڪٽرڪ ليٿو پريس فريئر روڊ ڪراچي ۽ مسلم ادبي پرنٽنگ پريس سيمڻ محلہ حيدرآباد ۾ ڇپبو هو. هن رسالي بند ٿيڻ ڪان پوءِ مولوي صاحب پندره روزه "الفاروق" ان ڪان پوءِ هفتيوار "عدل" جاري ڪيا. سندن پاليسي ساڳي مبلغ واري هئي.

گلستان ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو ٻالڪن جي ٻاري جي سهاري هيٺ سيپٽمبر ۱۹۳۳ع ڪان نڪرڻ شروع ٿيو. هي ٻارن جو باتصوير رسالو هو. هي تعليم کاتي پاران بہ منظور ٿيل هو. هن ۾ سهڻيون رنگين تصويرون، مزيدار لنڪا چٽڪا، نصيحت ڀريون آکاڻيون شعر، ملڪي خبرون ۽ ٻارن لاءِ وندر لاءِ گهڻو مواد پوندو هو. شريمتي پاروتي گدوائي ۽ تيرٿ سپاڻي رسالي جا ايڊيٽر هئا. رام ٻي سوٺوائي رسالي جو جنرل مئنيجر هو. هي رسالو ڪوهنور

پرنٽنگ ورڪس بندر روڊ ڪراچي ۾ ڇپيو هو. رسالي ڪين ۾ ڪماري پاروتي سپاهيملاڻيءَ جو به هٿ هو.

1934ع — انڊس ساليانو ڪراچي

هي ساليانو مخزن ڪراچي رابندر ناٿ ٽئگور ڊرئميٽڪ ڪلب پاران ١٩٣٤ع کان جاري ڪيو ويو هو. هن مخزن جو ايڊيٽر پروفيسر منگهارام ملڪاڻي هو. هي مخزن هڪ ئي وقت انگريزي ۽ سنڌي ٻولين ۾ نڪرندو هو. هن ۾ ان دؤر جي ناميارن عالمن، اديبن ۽ شاعرن جا ليک ۽ شعر ڇپوندا هئا. (١)

الحڪيم ماهوار ڪراچي

هي ماهوار طبي رسالو اپريل ١٩٣٤ع کان حڪيم محمد معاذ جي ايڊيٽري هيٺ نڪرڻ لڳو. ديسي طب کي عام ڪرڻ لاءِ هن رسالي ۾ عمدو مواد ڇپيو ويندو هو. مختلف بيمارين جا سبب ۽ علاج ڏنا ويندا هئا. هن رسالي جي پڇاڙي ۾ ڪجهه صفحا اردو ۾ به ڏنا ويندا هئا. عباسي ليٿو پريس ڪراچي ۾ ڇپيو هو.

ٻالڪ ماهوار ڪراچي

ٻارڙن جو هي رسالو هوپفل انگلش اسڪول ۽ بينڊ آف هوپ جي سهاري هيٺ ١٩٣٤ع کان نڪرڻ لڳو. هن رسالي جو ايڊيٽر عبدالله عباسي ۽ سب ايڊيٽر پڪوان سدا رنگاڻي هوندو هو. هن رسالي ۾ ٻارن جي سطح جا مضمون ۽ شعر ڇپبا هئا. هي رسالو ١٩٣٦ع ۾ بند ٿي ويو(٢).

---

(١) پٺاڻ، در محمد. ڪراچي ضلعي جي ادبي تاريخ. ڊي. فل سنڌي لاءِ پيش ڪيل مقالو سنڌ يونيورسٽي، ١٩٧٨ع ص ١٣-٤١٣

(٢) ايضا ص ٤١٤.

ڪاميابي ماهوار ڪراچي

هي رسالو اپريل ۱۹۳۴ع کان قاضي عبدالرزاق جي ايڊيٽري هيٺ ڪراچي مان نڪرڻ لڳو. هن رسالي ۾ اعليٰ پائي جا علمي، ادبي، تاريخي ۽ مذهبي مضمون ۽ شعرن جو انتخاب شايع ٿيندو هو. رسالو باتصوير هوندو هو، ۽ ڪراچي شهر جي مشهور هنڌن جو تصويرون به ڏنيون وينديون هيون. هي هڪ مشهور رسالو ٿي گذريو آهي ڪجهه مذاحيه خاڪا به ڏنا ويندا هئا. هي رسالو اليڪٽرڪ ليٿو پريس لارنس روڊ ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

سئنيما سماچار ماهوار لاڙڪاڻو

هي ماهوار رسالو جولاءِ ۱۹۳۴ع کان لاڙڪاڻي مان نڪرڻ لڳو. ڊي. جي سپاٽي هن جو ايڊيٽر ۽ - بي - بي - سونواڻي هن جو جوائنٽ ايڊيٽر هوندو هو. فلمي خبرن کان علاوه فلم ۽ سئنيما جي پرچار جا مضمون به رسالي ۾ پوندا هئا. فلمي شوقينن جي ونڊر جو چڱو سامان ڏنو ويندو هو. هي رسالو امل پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻي ۾ ڇپبو هو.

دي ينگ جنريشن ماهوار ڪراچي

هي مخزن جونير ريڊڪراس سوسائٽي پاران آگسٽ ۱۹۳۴ع کان ڪاسمو پوليٽن ڪالوني ڪراچي کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن جا ايڊيٽر منوهر داس ڪوڙو مل ڪلٽاڻي ۽ پرما نند آڏواڻي هئا. ريڊڪراس تحريڪ کي اسڪولن ۾ ٻين ساٿين ۾ عام ڪرڻ لاءِ هن رسالي سٺو ڪم ڪيو. هي رسالو انگريزي ۽ سنڌي ٻولين ۾ نڪرندو هو. هن ٻا تصوير رسالي ۾ صحت، صفائي ۽ عام ڀلائي جي ڪمن تي عمدا مضمون پوندا هئا.

رتن ماهوار ڪراچي

هي رسالو پاروسل ٻمنداس ڪيولراماڻي جي برپا ڪيل "رتن ساهتيه منڊل" پاران ۱۹۳۴ع کان نڪرڻ لڳو سنڌ جو

سنڌر ۽ سستو ماهوار رسالو هو جنهن پنهنجي سهڻين آکاڻين، دلچسپ ناٽڪن، شعرن ۽ سنڌر تصويرن ذريعي سنڌي ادب ۾ هلچل مچائي ڇڏي هئي. گراهڪن کي سال ۾ سوا ٻه سؤ صفحن جو انعامي پرچو مفت ڏنو ويندو هو. هن رسالي جو ايڊيٽر چوهڙ ڀارومل هو. هي رسالو شروع ۾ پتريڪا پرنٽنگ پريس طيب جي روڊ ڪراچي ۽ پائينيئر پرنٽنگ پريس شاهي بازار حيدرآباد ۾ ڇپيو هو. ان کان پوءِ سال ١٩٤٤ع يا ان کان اڳ رتن پرنٽنگ پريس قائم ڪري آن ۾ ڇاپيو ويندو هو.

گلن جي ڏوڪري ماهوار سکر

ٻارن جو هي رسالو نومبر ١٩٣٤ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. رسالي جو ايڊيٽر واڌواڻي ڪي ديا رام هوندو هو. ٻارن لاءِ نصيحت ڀريون اخلاقي آکاڻيون ڏنيون وينديون هيون ٻارن جي تعليمي معيار بلند ڪرڻ لاءِ هن رسالي سٺو ڪم ڪيو.

سئنيما گزٽ ماهوار سکر

سئنيما جي شوقينن جي دلچسپي جي مواد سان ڀرپور هي رسالو ڊسمبر ١٩٣٤ع ڌاري نڪتو هن ۾ فلم ٺهڻ جي ڍنگ جو مواد هوندو هو ۽ فلمي شوقين هن کي ڏاڍي چاهه سان پڙهندا هئا. هن رسالي ۾ فلمي ايڪٽرن ۽ ايڪٽريسن جون تصويرون ۽ فلمي خبرون شايع ٿينديون هيون. - بي - جي - آڏواڻي رسالي جو ايڊيٽر هوندو هو. هي رسالو امر بجلي پريس سکر ۾ ڇپبو هو

سنڌ جونيئر ريڊڪراس ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو -ريڊڪراس سوسائٽي جي سهاري هيٺ ڊسمبر ١٩٣٤ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. پرمانند جي آڏواڻي ۽ مسز نسي - برجيس رسالي جا ايڊيٽر هئا. رسالو سنڌي ۽ انگريزي زبانن ۾ نڪرندو هو. ماڻهن ۾ انسان ذات جي خدمت جو جذبو پيدا ڪرڻ لاءِ هي رسالو ڪڍيو ويو هو. عام ڀلائي جي

ڪمن ڪرڻ جو مادو پيدا ڪرڻ جا مضمون رسالي ۾ پوندا هئا ۽ سندس مقصد ريڊڪراس تحريڪ کي عام ڪرڻ هو. هي رسالو يونيورسل پرنٽنگ پريس کهنباڻي گهٽي حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

1935ع— وديا ماهوار حيدرآباد

هي باتصوير ماهوار رسالو جنوري ۱۹۳۵ع کان پروفيسر نرملداس ڏرمداس گربخشاڻي جي سرپرستي هيٺ نڪرڻ لڳو. رسالي جي ايڊيٽر مس رکي — جي ملڪاڻي هئي. هن رسالي ۾ تعليمي سماجي، ادبي مواد سان گڏ مشهور هندن جون سوانح عمريون ۽ انهن پاران ڪيل سماجي ڀلائي جا ڪم ڏنا ويندا هئا . رسالو انگريزي ۽ سنڌي زبانن ۾ نڪرندو هو. اسڪولي ٻارن لاءِ ننڍڙيون نصيحت آموز آکاڻيون به ڏنيون وينديون هيون. هي رسالو ڪرائون پرنٽنگ ورڪس، تلڪ روڊ حيدرآباد ۾ ڇپبو هو. آخر ۾ هنجي ايڊيٽر مس سيتا سامتاڻي ٿي ۽ ڪملا گرلس هاءِ اسڪول جي سهاري نڪرن لڳو. ٻن ٻولين سنڌي ۽ انگريزي ۾ نڪرندو هو.

آشانم ادب ماهوار ڳڙهي ياسين

هي رسالو ۱۹۳۵ع ۾ آغا بدرالدين دراني جي ايڊيٽري ۽ سرپرستي هيٺ نڪتو. هي هڪ ادبي رسالو هو.

قرآني ماهوار ولهيٽ ڀورو نارو

هي ماهوار ديني رسالو مولانا محمد عثمان ”قرآني“ مرحوم جي شاگردن سندس ياد ۾ مدرسه عربيه ولهيٽ مان ۱۹۳۵ع کان ڪڍڻ شروع ڪيو. مولوي عزيز الله رسالي جو ايڊيٽر ۽ روح روان هو ۽ ميان احمد ايس-اي زميندار ولهيٽ سندس نائب ايڊيٽر هو. هي رسالو ڪجهه وقت ديني تعليم ۽ تبليغ جو ڪم ڪري ڪن مجبورين هيٺ بند ٿي ويو. هي رسالو عباسي لٿو پريس فريئر روڊ ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

آنند ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو ڪندنمل ڏيپچند شوداساٽي جي ايڊيٽري ۽ سرپرستي هيٺ ۱۹۳۵ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي علمي ۽ ادبي رسالو هو.

شانتي ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو لالچند جي - مير چنداڻي جي ايڊيٽري هيٺ ۱۹۳۵ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي به هڪ علمي ۽ ادبي رسالو هو.

ميران ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار ادبي، ثقافتي ۽ تعليمي رسالو ۱۹۳۵ع کان ميران هاءِ اسڪول حيدرآباد جي سهاري هيٺ نڪرڻ لڳو. گنگا رام سمنداس هنجو ايڊيٽر هو. رسالي جا ٻه حصا هئا. هڪ سنڌي ۽ ٻيو انگريزي. سنڌي حصي ۾ عمدا بيت، شعر، آکاڻيون ۽ مضمون پوندا هئا. اُن کان علاوه ملڪي خبرون به ڏنيون وينديون هيون. هندو رشين ۽ سنتن جي سکيا وغيره تي مواد به ڇاپيو ويندو هو.

هندو وير ماهوار سکر

هي ماهوار رسالو "شري سناتن ڌرم يوڪ سڀا" سکر پاران هندو ڌرم جي وڌاري ۽ تبليغ لاءِ اپريل ۱۹۳۵ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. گوپالداس ايم - ورما رسالي جو ايڊيٽر هوندو هو. خالص مذهبي رسالو هو ۽ منجهس هندو ڌرم ۽ هندو آدرش تي عمدا مضمون پوندا هئا، رسالي ۾ رنگين تصويرون به ڏنيون وينديون هيون. سڀ ادبي مضمون، شعر، حالات حاضره جون خبرون ۽ ٽوٽڪا شايع ڪيا ويندا هئا. هي رسالو تلڪ پرنٽنگ پريس فريئر روڊ سکر ۾ ڇپبو هو. رنگين تصويرون گيتا پريس گورکپور ۽ ٻين پريسن مان ڇپرائيندا هئا.

وديار ٿي ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار با تصوير رسالو اپريل ١٩٣٥ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. رسالي جي انگريزي حصي جو ايڊيٽر - ايس - اي - منشي هو. سنڌي حصي جا ايڊيٽر آر - جي - پنجابي ۽ هيرو پنواڻي هئا. رسالو سنڌي ۽ انگريزي زبانن ۾ نڪرندو هو. اسڪولي ٻارن ۾ مطالعي ۽ لکڻ جي عادت پيدا ڪرڻ رسالي جو اصل مقصد هو. رسالي جو انگريزي نالو "دي اسڪالر" هو. سهڻيون رنگين تصويرون ۽ ٻارن جي معيار جا مضمون، آکاڻيون ۽ شعر ڏنا ويندا هئا. هي رسالو ڊائيمنڊ پرنٽنگ پريس شاهي بازار حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

مکڙي ماهوار ڪراچي

هي رسالو جولاءِ ١٩٣٥ع کان صوبراج واڌواڻي جاري ڪيو. هن رسالي جو سب ايڊيٽر منگها رام تلسياڻي هوندو هو. ۽ منجهس علمي، ادبي، سماجي ۽ معلوماتي مواد ڏنو ويندو هو.

سنڌي و ڀاڳ ماهوار حيدرآباد

هي رسالو - اي - آر ڊائمنڊ جي ايڊيٽري هيٺ ١٩٣٥ع کان نڪتو. هي هڪ ادبي رسالو هو ۽ ڊائيمنڊ پريس شاهي بازار حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

1936ع ـ روشني وڏيڪ روشني ماهوار روهڙي

هي ماهوار رسالو جنوري ١٩٣٦ع کان ڀڳوانداس جي ايڊيٽري ۽ سيران هاءِ اسڪول روهڙي جي سهاري هيٺ نڪرڻ لڳو. هن رسالي جو بنيادي مقصد ساڌو واسواڻي جي پيغام

(١) پٺاڻ، ڊاڪٽر محمد. ڪراچي ضلعي جي ادبي تاريخ ڊي فل سنڌي لاءِ پيش ڪيل مقالو سنڌ يونيورسٽي، ١٩٧٨ ص ١٤١٥.

ڪي عام ڪرڻ هو. هن ۾ گهڻو ڪري اسڪولي شاگردياڻين ۽ عورتن جا مضمون ڇپوندا هئا. رسالي جا ٻه حصا هئا. هڪ انگريزي ۽ ٻيو سنڌيءَ ۾. انگريزي ۾ رسالي جو نالو "لائيٽ مور لائيٽ" هو. هي رسالو سکر پرنٽنگ پريس، فريئر روڊ سکر ۾ ڇپبو هو.

سنڌي گلشن ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار رسالو هيرانند واڌو مل عيد ناٿي جي ايڊيٽري ۽ سرپرستي هيٺ جنوري ١٩٣٦ع کان نڪرڻ لڳو. سندر ساهتيه ۽ رتن رسالن وانگر هن ۾ به ننڍڙيون آکاڻيون ۽ قسطوار ناول شايع ٿيندا هئا. سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ سٺو ڪم ڪيائين هي رسالو منسکه پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

الامام ماهوار ڪنڊيارو

هي علمي مذهبي ۽ تاريخي رسالو سن ١٣٥٥هه (١٩٣٦ع) ڌاري نڪرڻ شروع ٿيو. حڪيم مولوي عبدالرحمان ڪنڊياوري هن جو سرپرست ۽ ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ ادبي مواد، نظم وغيره به ڇپوندا هئا. قرآن جو تفسير، حديث ۽ حڪايتون وغيره ڏنيون وينديون هيون. هي رسالو عباسي ليٿو پريس ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

الراشد ماهوار قنبر/ لاڙڪاڻو

هي رسالو پير تراب علي شاهه قنبر واري (وفات مارچ ١٩٣٨ع) پنهنجي جد امجد ۽ راشدي خاندان جي وڏي حضرت پير محمد راشد جن جي ياد ۾ سنڌن نالي پنهنجان جاري ڪيو. هن رسالي ۾ مذهبي ۽ تاريخي مواد شايع ڪيو ويندو هو. ساڳئي نالي سان هڪ ديني رسالو وري ١٩٧٧ع ۾ جميت العلماءِ سڪندري پير ڳوٺ مان نڪتو آهي ۽ سنڌس اشاعتي پاليسي ساڳي مذهبي ۽ تاريخي آهي.

دين دنيا ماهوار ڪراچي

قاضي عبدالرزق صاحب پنهنجي ٻن رسالن "علمي دنيا"

۽ 'ڪاميابي'، ڪان پوءِ هي ماهوار رسالو ڪراچيءَ مان ڪڍيو ۽ هن ۾ ادبي، تاريخي ۽ مذهبي مواد شايع ڪيو ويندو هو.

تعليم الاسلام ماهوار شڪارپور

هي ماهوار مذهبي رسالو مولوي عبدالفتاح ڪوسو جي ايڊيٽري ۾ مارچ ١٩٣٦ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي ۾ قرآن مجيد، احاديث نبوي‌ﷺ ۽ صالحين جي تعليم تي مبني مواد ڏنو ويندو هو. هن رسالي ۾ شرعي مسئلن جون فتوائون ۽ اسلامي تاريخ مان سبق به ڏنا ويندا هئا. غير شرعي رسمن کي ننديو ويندو هو. هن اداري مان اسلامي ڪتاب شايع ڪيا ويندا هئا. هي رسالو ڪرشنا پرنٽنگ ۽ لٿو ورڪس ليوڪس پارڪ، سکر ۽ شيام آفسيٽ ليٿو ورڪس، ڪراچيءَ ۾ ڇاپيو ويندو هو.

معارف ماهوار نواب شاهه

هي رسالو عبدالخالق ڪنڊياروي جي سرپرستي ۽ ايڊيٽري هيٺ ١٩٣٦ع مارچ کان نڪرڻ شروع ٿيو. خالص مذهبي رسالو هو. ۽ منجهس قرآن، حديث، اسلامي تاريخ، فقه وغيره سان واسطو رکندڙ مضمون ڇاپيا ويندا هئا. ملڪي خبرون به ڏنيون وينديون هيون. هي رسالو سکر جي مختلف پريسن ۾ ڇپبو هو. جن ۾ سري ڪرشنا لٿو ۽ پرنٽنگ پريس به شامل آهي.

فلم نيوز ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار مخزن سال ١٩٣٦ع کان منگهارام سي ملڪاڻي جي ايڊيٽري ۽ سرپرستي هيٺ نڪرڻ لڳو. هن ۾ هر مهيني وندرائيندڙ آکاڻيون، مزيدار گفتا، فلمي دنيا جون خبرون هونديون هيون. هن ۾ فلمي ايڪٽرن ۽ ايڪٽريسن جون تصويرون به ڏنيون وينديون هيون. ڏياري ۽ هولي وغيره تي خاص پرچا ڪڍيا ويندا هئا. هن اداري پاران ڪجهه ڪتاب به شايع ڪيا ويا.

ناري سنسار ماهوار نوشهرو فيروز

هي ماهوار رسالو ۱۹۳۶ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. پرڀداس برهمچاري رسالي جو ايڊيٽر هو. هي خاص عورتن جي ڀلائي ۽ بهبودي لاءِ ڪڍيو ويو هو. هن رسالي ۾ زالن جي اخلاقي بلندي لاءِ عمديون آڪاڻيون ۽ سهڻا نڪتا ڇاپيا ويندا هئا. هي رسالو شري رامڪرشنا پريس نوشهرو فيروز ۾ ڇپبو هو.

1937ع — سنڌ سدا بهار ماهوار حيدرآباد

هي رسالو جنوري ۱۹۳۷ع کان نڪتو. آر- جي پنجابي (عاصي) ۽ گرڌرداس ڪ- آتمچنداڻي رسالي جا ايڊيٽر هئا. هي ادبي رسالو هو. ڪلاچند ڊبليو چنديراماڻي هن رسالي جو سرپرست هو. هي رسالو پيپلس پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

پشپ ماهوار دادو

هي ماهوار رسالو پوهومل راسجي سل کيمچنداڻي جي ايڊيٽري هيٺ مارچ ۱۹۳۷ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي رسالو "وديارٿي ٻالڪ منڊل" جي سهاري هيٺ نڪرندو هو. ادبي، اخلاقي ۽ سماجي موضوعن تي مضمون، ٻارن لاءِ وندرائيندڙ آڪاڻيون ۽ ملڪي خبرون ڏنيون وينديون هيون. هن ۾ شعر به ڏنا ويندا هئا. هي رسالو شيوا پرنٽنگ پريس، مکڪي بازار دادو ۾ ڇپبو هو.

سنسار چڪر ماهوار ڪراچي

هي رسالو ڪراچي جي مشهور بڪ سيلر ۽ پبلشر هوندراج ڀلاجراءِ وارن سن ۱۹۳۷ع کان ڪڍڻ شروع ڪيو. هن رسالي ۾ اڪثر ڪري قسطوار جاسوسي ناول ڏنا ويندا هئا، جيڪي انگريزي تان ترجمو ٿيل هوندا هئا(۱).

---

(۱) پٺاڻ، درمحمد، ڪراچي ضلعي جي ادبي تاريخ. ڊي فل سنڌي لاءِ پيش ڪيل مقالو، سنڌ يونيورسٽي ۱۹۷۸ع، ص ۱۰۵.

ڪمار بلينٽن ماهوار سکر

هي ماهوار رسالو ڪمار ڏاڪيز سکر جي بندوبست سان هر مهيني ۱۹۳۷ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن پرچي ۾ مزيدار مضمون، سٺا گانا، لٽڪا چٽڪا ۽ اسڪولي شاگردن لاءِ مفيد ذرمي ۽ سنڌاري واريون آکاڻيون پونديون هيون. خوبصورت فلمي رنگين تصويرون به ڏنيون وينديون هيون، جيڪي بمبئي سان ڇپرائي پرچي ۾ وڌيون وينديون هيون. هي پرچو سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾ ڇاپيو ويندو هو. هي رسالو پرماتما پرنٽنگ پريس ۽ تلڪ پرنٽنگ پريس فريئر روڊ سکر ۾ ڇپيو هو.

خاڪسار سپاهي، ماهوار حيدرآباد

هي رسالو علامه عنايت الله مشرقي جي هلايل خاڪسار تحريڪ کي زور وٺائڻ خاطر ۱۹۳۷ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. مير الهه بخش ٽالپر رسالي جو ايڊيٽر هو. معلوماتي خبرون ۽ علمي مواد رسالي ۾ پوندو هو. هي رسالو موتي اليڪٽرڪ پرنٽنگ ورڪس تلڪ روڊ حيدرآباد ۽ آفتاب پرنٽنگ پريس ٽنڊو مير محمود حيدرآباد وغيره مان ڇپيو هو.

حڪمت ماهوار شڪارپور

هي ماهوار طبي رسالو امرت قل دواخاني جي مالڪ حڪيم ڪندن لعل ڪپور مارچ ۱۹۳۷ع کان ڪڍڻ شروع ڪيو. حڪيم ڪندن لعل رسالي جو ايڊيٽر ۽ الهنواز سومرو ان جو سب ايڊيٽر هو. طبي معلومات تي عمدا مضمون پوندا هئا. هي رسالو نيشنل پرنٽنگ پريس هاٿي در شڪارپور ۾ ڇپيو هو.

1938ع — طبي جواهر ماهوار ميرپورخاص

هي طبي ماهوار رسالو حڪيم فضل محمد عباسي جي ايڊيٽري ۽ سرپرستي هيٺ جنوري ۱۹۳۸ع کان نڪرڻ شروع

ٿيو. هن رسالي جا اغراض و مقاصد طب قديم کي زنده ڪرڻ
صدري مجربات ۽ اڪسيري نسخاجات جي اشاعت ڪرڻ،
دوا سازيءَجو اصلاح ڪرڻ ۽ سنڌ جي حڪيمن ۾ نظام پيدا ڪرڻ
هئا. رسالي کي سنڌ جي ڪن حڪيمن جي مالي مدد حاصل
هئي. هي رسالو مسلمان پرنٽنگ پريس صدر حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

نانڪ پرڪاش ماهوار ڪراچي

سک مذهب جي واڌاري ۽ اشاعت لاءِ خاص "گرسک
اتهاس ٽرئيڪٽ سوسائٽي" نالي هڪ ادارو برنس روڊ ڪراچي
۾ قائم ڪيو ويو هو. رام سنگهه پي - خالصه هن سوسائٽي جو
سيڪريٽري هو. هن سوسائٽي پاران جنوري ١٩٣٨ع کان مٿيون
رسالو جاري ڪيو ويو هو. هن رسالي ۾ گرو نانڪ جي تعليمات
تي مشتمل مواد پوندو هو. ملڪي خبرون به ڏنيون وينديون
هيون. هي رسالو هندستان پرنٽنگ ورڪس، ڪيمبل روڊ ڪراچي
۾ ڇپبو هو.

سنڌ سٽن فلم بليٽن ماهوار سکر

سئنيما جي شوقينن لاءِ هي ماهوار رسالو جنوري
١٩٣٨ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي رسالو سنڌي ۽ انگريزي
ٻولين ۾ نڪرندو هو. هن ۾ سهڻيون رنگين تصويرون ۽ مزيدار
ليک ڏنا ويندا هئا. دل کي وندرائيندڙ ٽوٽڪا، فلمي خبرون
۽ دماغي پروليون وغيره به ڏنيون وينديون هيون. پريمداس - جي -
ڇاٻڙا ايڊيٽر هوندو هو ۽ تلک بجلي پريس فريئر روڊ سکر ۾
ڇپبو هو.

مخلص ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار ادبي ۽ معلوماتي رسالو محمد هاشم "مخلص"
جي ياد ۾ جنوري ١٩٣٨ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي
جو سرپرست ۽ ايڊيٽر مخلص مرحوم جو پائٽيو محمدخان "غني"
هو. جيڪو پڻ تازو هي جهان ڇڏي ويو آهي. حافظ عبدالله

"بسمل" رسالي جو اعزازي ايڊيٽر ۽ شيخ ڏني بخش "شاد" ان جو نائب ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ تاريخي ۽ تحقيقي مضمون پوندا هئا، شعر ۽ شاعري به ڏني ويندي هئي. هي رسالو مسلمان پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

ٽريننگ ڪاليج مخزن حيدرآباد

هي ساليانو پرچو ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد پاران ١٩٣٨ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. ڪاليجي شاگردن ۽ استادن جي علمي مشغولين جون رپورٽون ۽ ڪجهه تعليمي ۽ ادبي مواد ڇاپيو ويندو هو. هي با تصوير مخزن هئي. ڪاليج جي شاگردن ۽ استادن جا ليک ۽ شعر ڏنا ويندا هئا. هي رسالو مسلم ادبي پرنٽنگ پريس ٽيمڻ محلہ حيدرآباد ۾ ڇپبو هو. شاگردن مان ڪو هن جو ايڊيٽر هوندو هو.

پيام شفا ماهوار راڄوخاناڻي

هي ماهوار طبي رسالو حڪيم تاج محمد "مشتاق" مارچ ١٩٣٨ع کان ڪڍڻ لڳو. حڪيم مشتاق هڪ سٺو طبيب، شاعر، اديب ۽ ڇاپو مشن مشن ۽ ڪمپازيٽر هو. هن رسالي ۾ طب جا بهترين نسخا ۽ صحت متعلق عمدا مضمون پوندا هئا. حڪيم صاحب ڪي پنهنجي دواخاني سان گڏ پريس به هئي جنهن ۾ هي رسالو ڇپبو هو. پريس جو نالو قائمي پرنٽنگ پريس هو.

محمدي ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار ديني رسالو مئي ١٩٣٨ع کان الهندو ڪچو حيدرآباد مان نڪرڻ شروع ٿيو. مولوي محمد جروار رسالي جو سرپرست ۽ ايڊيٽر هو. هي خالص مذهبي رسالو هو ۽ ان ۾ فقهي ۽ ديني مسئلن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي ويندي هئي. قرآن شريف جو سنڌي ۾ ترجمون به شايع ڪيو ويندو هو. هي رسالو اليڪٽرڪ ليٿو پريس لارنس روڊ ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

دي مسلم اسٽوڊنٽ ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو مسلم اسٽوڊنٽ فيڊريشن پاران مئي ١٩٣٨ع کان مسلم هاسٽل ڪچهري روڊ ڪراچيءَ مان نڪرڻ لڳو۔ هي رسالو، سنڌي، اردو ۽ انگريزي حصن ۾ ورهايل هو انگريزي حصي ۾ سڀ کان گهڻو مواد ڏنو ويندو هو. هي رسالو مسلمان شاگردن جي ترجماني ڪندڙ هو ۽ سنجهس، تعليم، ادب فلسفي ۽ ٻين علمي موضوعن تي مواد شايع ٿيندو هو. علامه آءِ - آءِ - قاضي جن جا ليڪچر ۽ سندس گهر واري محترمه ايلسا قاضيءَ جا شعر وغيره هن رسالي ۾ شايع ٿيندا هئا.

1939ع — ڦولستان ماهوار ڪراچي

پارن جو هي با تصوير رسالو ”ڦولستان ساهت منڊل“ فريئر روڊ پاران جنوري ١٩٣٩ع کان شروع ٿيو. پڳوان سي - ٿڏاڻي هن منڊل جو سيڪريٽري هو۔ مسٽر پرمانند رسالي جو مئنيجنگ ايڊيٽر ۽ بي - ايچ چاپڙا ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ پارن جي وندر جون آکاڻيون، شعر، لٽڪا چٽڪا پوندا هئا. هن اداري پاران پارن لاءِ ڪيترا ڪتاب به شايع ڪيا ويا. هي رسالو مذر لئنڊ پريس ڪيمبل روڊ ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

مجاهد ماهوار ڪراچي

سنڌي ۽ اردو ۾ نڪرندڙ هي رسالو سيٺ صالح محمد گذدر جي سرپرستي ۽ مولوي محمد شفيع جي ايڊيٽري هيٺ مارچ ١٩٣٩ع کان چالو ٿيو. اردو حصي ڏيڻ جو مقصد سنڌ جي عوام کي اردو ٻولي سان شناسائي ڪرائڻي هئي ته جيئن هندستان جي ٻين ماڻهن جا خيالات ۽ احساسات معلوم ڪري سگهجن. هن رسالي ۾ تاريخ اسلام، ادب ۽ ملڪي حالات تي مواد پوندو هو. سال کن هلي پوءِ بند ٿي ويو.

نولراءِ هيرانند اڪيڊمي مسلينَي ڇهه ماهي حيدرآباد

هي ڇهه ماهي علمي، ادبي، تعليمي ۽ معلوماتي رسالو ١٩٣٩ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. نولراءِ اڪيڊمي اسڪول جا شاگرد ۽ استاد هن رسالي ۾ پنهنجا مضمون، آکاڻيون، شعر ۽ ٻيو معلوماتي مواد شايع ڪرائيندا هئا. اسڪول جا استاد هن رسالي جي ايڊيٽوريل بورڊ تي شامل هئا. هي رسالو انگريزي ۽ سنڌي ٻولين ۾ نڪرندو هو ۽ نئشنل پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

نوجوان ماهوار سکر

هي ماهوار رسالو اپريل ١٩٣٩ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. آسرداس ارجنداس پرسواڻي هن جو ايڊيٽر هو. سماجي، تعليمي، هنري ۽ اخلاقي ڳالهين تي مشتمل مواد ۽ شعر رسالي ۾ ڇاپيا ويندا هئا. رسالو هر مهيني جي ١٥ تاريخ نڪرندو هو ۽ منجهس ملڪي خبرون به ڏنديون هيون. هي رسالو امر پرنٽنگ پريس سکر ۾ ڇپبو هو.

ڪهاڻي ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار رسالو ڪهاڻي ساهيته مندر پاران اپريل ١٩٣٩ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي باتصوير ادبي رسالو هو. ۽ سانول انجو ايڊيٽر هو. ڄڳت آڏواڻي هن اداري جو سيڪريٽري هو. هر مهيني ڪا ادبي يا سماجي ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ يا قصو ڇاپيو ويندو هو. هي رسالو چندن پرنٽنگ پريس مارڪيٽ حيدرآباد، يا پيا پرنٽنگ ورڪس تلڪ روڊ حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

وسل ماهوار ڪراچي

هي ماهوار ادبي رسالو ”وسل ساهتيه سندر“ جي سهاري جون ١٩٣٩ع کان نڪتو. ڪماري وسل ايس - پي - هن جي ايڊيٽر ۽ روح روان هئي.

طبيب ماهوار حيدرآباد

هي رسالو آگسٽ ١٩٣٨ع کان سنڌ پراونشل طبي ائسوسيئيشن پاران حڪيم شمس الدين جي ايڊيٽري هيٺ نڪرڻ شروع ٿيو. مختلف بيمارين جو علاج ۽ طب تي عمدا مضمون رسالي ۾ پوندا هئا. هي رسالو ورهاڱي کان پوءِ طبي ڪمپني گدو روڊ جي سهاري هيٺ ١٩٥٣ع کان وري نڪتو. طب جي سٺي خدمت ڪيائين. هي رسالو فائين آرٽ پرنٽنگ پريس، ڏيارام گدومل رستو حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

لاڙڪاڻو هاءِ اسڪول مسليني لاڙڪاڻو

هيءَ لاڙڪاڻو گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي ساليانو مخزن ١٩٣٩ع کان جاري ٿي. اسڪول جي استادن ۽ شاگردن جا ادبي، تعليمي ۽ اخلاقي ليک منجهس شايع ٿيندا هئا. شاعري به ڏني ويندي هئي.

1940ع — ساقي ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو سن ١٩٤٠ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. امرلعل وسٽمل هنگوراڻي ۽ هري درياڻي دلگير هن جا ايڊيٽر هئا. هن رسالي ۾ سٺا مضمون، عمديون نصيحت آموز سماجي، ادبي تعليمي آکاڻيون پونديون هيون. ورهاڱي تائين نڪرندو رهيو هي رسالو جنتا پرنٽنگ پريس فريئر روڊ ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

روشني ساليانو حيدرآباد

هي ساليانو مخزن پهريان "نولراءِ هيرانند مسليني" نالي هيٺ ١٩٤٠ع کان نڪرڻ شروع ٿي ۽ پوءِ ١٩٤٤ع کان انجو نالو بدلائي "روشني" رکيو ويو. هن ۾ اسڪول جي سرگرمين جون خبرون، ڪهاڻيون، مضمون ۽ شعر ڏنا ويندا هئا. مخزن جا ٻه حصا هڪ سنڌي ۽ ٻيو انگريزي هوندا هئا. هي مخزن نيشنل پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو. مسٽر ڪشنچند ٽي شاهاڻي مسليني ڪمپني جو سيڪريٽري هوندو هو.

غنچهٔ اميد ماهوار شڪارپور

هي ماهوار رسالو سنڌي هندو ۽ مسلمانن جي ٻڌي ۽ ايڪي پيدا ڪرڻ خاطر جولاءِ ١٩٣٠ع کان ڪڍيو ويو - ڪشنچند ٻالچند چاولا رسالي جو سرپرست ۽ ايڊيٽر هو - رسالي ۾ عمدا مضمون ۽ شعر پوندا هئا - هي رسالو پرڀات پرنٽنگ پريس لڪيڊر شڪارپور ۾ ڇپبو هو.

جوتي ماهوار ڪراچي

هي با تصوير ماهوار رسالو ١٩٤٠ع کان ڳاڏي کاتي ڪراچي کان نڪرڻ شروع ٿيو - ڇوهڙ ڪيڙ رسالي جو ايڊيٽر هوندو هو - هي هڪ ادبي ۽ معلوماتي رسالو هو ۽ منجهس مضمون ۽ افسانا ۽ شعر ڇاپيا ويندا هئا - رسالو رام روڙي پرنٽنگ پريس رام باغ ڪراچي ۾ ڇاپيو ويندو هو.

پارت جيون ماهوار حيدرآباد

هي رسالو چيٺانند پاونداس لعلواڻي پاران قائم ڪيل اداري ”پارت جيون ساهيتہ منڊل“ تلڪ روڊ حيدرآباد جي سهاري هيٺ ١٩٤٠ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي با تصوير رسالو هو ۽ منجهس ادبي، سماجي ناول، افسانا ۽ مضمون شايع ٿيندا هئا - رسالي جي ايڊيٽر چيٺانند پاونداس کي پارت جيون جو آزادي نمبر ڪڍڻ ڪري ١٩٤٥/٤٦ع ۾ جيل وڃڻو پيو - رسالي جو ساليانو نمبر وڏي آب و تاب سان با تصوير ڪڍيو ويندو هو - هي رسالو پا ٻا پرنٽنگ ورڪس، تلڪ لائين حيدرآباد ۾ ڇپبو ويندو هو.

عبرت ماهوار ميرپورخاص ۽ حيدرآباد

هي ڪتابي سلسلو مرحوم محمدعثمان ڏيپلائي پيرن، مرشدن ۽ وڏيرن جي ماريل سنڌي عوام ۾ سجاڳي جي لهر پيدا ڪرڻ لاءِ ١٩٤٠ع کان پهريان ٽہ ماهي، پوءِ سہ ماهي ۽ آخر ماهوار

ڪري ڪڍڻ شروع ڪيو. هن سلسلي سنڌ جي ويساهه ۾ وسوڙيل عوام کي پرمار طبقي جي مڪارين ۽ فريبن جي چنگل مان ڪڍڻ ۾ وڏو ڪم ڪيو ڏيپلائي صاحب ورهاڱي کانپوءِ ۱۹۵۲ع کان اداره انسانيت قائم ڪري ماهوار سلسلو "انسان" به جاري ڪيو - جنهن ۾ به ساڳي قسم جو مواد ڏنو ويندو هو ڏيپلائي صاحب ورهاڱي کانپوءِ عبرت سلسلو قاضي برادرس جي حوالي ڪيو جن عبرت اخبار جاري ڪئي جا اڄ تائين روزاني اخبار جي حيثيت سان نڪري رهي آهي - هي رسالو هاشمي پريس اسٽيشن روڊ حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

لهرون ساليانو ڪراچي

هي ڪراچي ڪاليج جي سنڌي سرڪل جو ادبي رسالو ۱۹۴۰ع ۾ نڪرڻ شروع ٿيو هن ۾ استادن ۽ شاگردن جا ادبي ۽ تعليمي مضمون شايع ڪيا ويندا هئا. هن ۾ ڪاليج جي تعليمي مشغولين بابت رپورٽ به شايع ٿيندي هئي.

پاراڊيون پوليون پندره روزه ڪراچي

ننڍڙن ٻارن جي ونذر ۽ نصيحت لاءِ هي سلسلو سيپٽمبر ۱۹۴۰ع کان پارت پبلشنگ هائوس بندر روڊ ڪراچي جي سهاري هيٺ شروع ٿيو. آر - وي- تڏاڻي هن جو ايڊيٽر ۽ روح روان هو. هن رسالي ۾ با تصوير ننڍيون تعليمي ۽ اخلاقي آکاڻيون ڏنيون وينديون هيون. هي رسالو شيام آفسيٽ ليٿو ورڪس ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

آشا ماهوار ڪراچي

هي ماهوار ادبي رسالو ڀڳوانداس ليلارام هنگوراڻي پاران قائم ڪيل آشا ساهت منڊل بندر روڊ ڪراچي جي سهاري هيٺ آڪٽوبر ۱۹۴۰ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. ديوسياڻي رسالي جو ايڊيٽر هو. رسالي ۾ عمدا افسانا، قسطوار ناول ناٽڪ ۽ شعر ڏنا ويندا هئا. هر مهيني سرورق تي سهڻي تصوير به ڏني ويندي هئي. ورهاڱي تائين نڪرندو رهيو. هي رسالو مدر لئنڊ پريس ڪيمبل روڊ ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

1941ع – پرڪاش ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار رسالو جنوري ١٩٤١ع کان حڪيم. ويرمل آريه پريمي ڪيانتو ٽنڊو حيدرآباد مان ڪڍڻ شروع ڪيو - هن جو خاص لاڙو طب ڏانهن هو طبي مواد لڪا چٽڪا، ملڪي خبرون ۽ شعر ڇاپيا ويندا هئا - هي رسالو ڪوهنور پرنٽنگ ورڪس مولو ٻير گهٽي حيدرآباد ۾ ڇاپيو ويندو هو - جا حڪيم ويرمل جي ملڪيت ڏسڻ ۾ اچي ٿي-

ميران بليٽن هفتيوار حيدرآباد

هي هفتيوار باتصوير مخزن ميران گرلس هاءاسڪول جي سهاري هيٺ پهرين جنوري ١٩٤١ع کان نڪرڻ لڳي - گنگارام ساجنداس هن بليٽن جو سيڪريٽري هوندو هو. هي بليٽن هر آچر تي نڪرندي هئي ۽ واسوائي جا نصيحت ڀريا نقطا، فلسفيانه تعليم ۽ اسڪول جي تعليمي سرگرمين تي مشتمل خبرون ۽ معلوماتي مواد هن ۾ ڇپيا ويندا هئا - هي رسالو پاپا پرنٽنگ ورڪس تلڪ چاڙهي ۾ ڇپبي هئي:

بال متر ماهوار ڪراچي

هي ماهوار باتصوير رسالو وشو بال سنگهه مارچ ١٩٤١ع کان ڪڍڻ شروع ڪيو - رسالي جو ايڊيٽر منوهرداس ڪلناڻي هو ۽ مس وشني واڌ واڻي ۽ ڀڳوانداس ٽڏاڻي هن جا ڀائيوار هئا - هن ۾ عمديون نصيحت آموز ٻاراڻيون آکاڻيون، مضمون پوندا هئا - هن ۾ سهڻيون تصويرون به ڏنيون وينديون هيون - ٻارن جي هن رسالي جي قيمت رکيو هڪ پيسو هئي - هن رسالي ۾ انگريزي جا چار صفحا ڏنا ويندا هئا - ڪجهه وقت کانپوءِ رسالي جو ايڊيٽر ڀڳوانداس سي - ٽڏاڻي ٿيو - هي رسالو مدرلئنڊ پريس ڪيمبل روڊ ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

اديب سنڌ ماهوار لاڙڪاڻو

لاڙڪاڻي ۾ حاجي محمود خادم ۽ قادري خاندان جي فردن ميان علي محمد قادري ۽ ميان عباس قادري "جوش" جي ڪوشش سان سنڌي ادب ۽ زبان جي واڌاري لاءِ هڪ انجمن "سنڌي سڌار سوسائٽي" ١٩١٥ع کان قائم ٿيل هئي - انهي سوسائٽي جي سهاري هيٺ اپريل ١٩٤١ع کان هڪ ادبي رسالو "اديب سنڌ" نالي جاري ڪيو ويو - هي رسالو حاجي علي محمد قادري متوفي ١٩٤١ع جي ياد ۾ ڪڍيو ويو هو - رسالي جو ايڊيٽر وقت جو مشهور اديب ۽ شاعر ماستر جمع خان "غريب" هو هي رسالو ورهاڱي کان پوءِ به نڪرندو رهيو ۽ سنڌي ادب جي زبردست خدمت ڪيائين - قادريه پريس لاڙڪاڻو ۽ مدينه پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻو وغيره ۾ ڇپجندو هو -

گل ڦل ماهوار ڪراچي

هي رسالو ميلا رام منگترام واسواڻي پنهنجي اشاعتي اداري "سندر ساهتيه منڊل" پاران ١٩٤١ع ۾ خاص ٻارن لاءِ ڪڍڻ شروع ڪيو هن ۾ ٻارن لاءِ آکاڻيون مضمون ۽ شعر ڇپجندا هئا - هي باتصوير رسالو هو ۽ ورهاڱي تائين نڪرندو رهيو هي رسالو هندستان پريس ڪراچي ۾ ڇپبو هو (١)

هندو ساهتيه ماهوار سکر

هي رسالو سيٺ گرداس مل راءِ صاحب گوڪلداس سيٺ هريرام ۽ مهاشيه کيمچند جي سهڪار سان سيپٽمبر ١٩٤١ع کان نڪرڻ شروع ٿيو - هن جو لاڙو ڌرم ڏانهن هو پر منجهس قومي ۽ سماجي مضمون به ڇپجندا هئا - لعل چند آريه رسالي جو ايڊيٽر هو ۽ تلڪ پريس فريئر روڊ سکر ۾ ڇپبو هو -

---

(١) پٺاڻ، در محمد. ڪراچي ضلعي جي ادبي تاريخ. پي ايڇ. ڊي فل سنڌي لاءِ پيش ڪيل مقالو سنڌ يونيورسٽي ١٩٧٨ع ص ٤١٧

هندو ساهتيہ ماهوار حيدرآباد

هي رسالو ڀڳوانداس چم - تولاڻي هندو ساهتيہ ڪاريا ليہ کيانتو ٽنڊو مان آڪٽوبر ١٩٤١ع کان ڪيڻ شروع ڪيو. رسالي ۾ ننڍڙا ناول، شعر ۽ سماجي افسانا ڇاپيا ويندا هئا - هي رسالو ورهاڱي تائين نڪرندو رهيو - هي رسالو پاپا پرنٽنگ ورڪس تلڪ روڊ حيدرآباد مان ڇپبو هو -

1943ع— نتوگيان ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار مذهبي رسالو "شري ويدانت پرڪاشڪ منڊل" چوڙڪي بازار پاران سيپٽمبر ١٩٤٣ع کان نڪرڻ شروع ٿيو - هن منڊل جي هيڊ آفيس چوڙڪي ٻاڙهي حيدرآباد ۾ ۽ برانچ آفيس رام باغ ڪراچي ۾ هئي - گوڪلداس ايسرداس ڀاڳيا رسالي جو ايڊيٽر ۽ ڊاڪٽر پي - آر - هنگوراڻي آنجو اسسٽنٽ ايڊيٽر هو ۽ هي خالص مذهبي رسالو هو - ساڳي نالي سان ساڳي اداري پاران هڪ رسالو ١٩٢٩ع ۾ ڪراچي مان به ڪڍيو ويندو هو - جنهن جو ذڪر اڳ اچي چڪو آهي - هي رسالو ڪرائون پرنٽنگ ورڪس، تلڪ روڊ حيدرآباد ۾ ڇپبو هو - ورهاڱي تائين نڪرندو رهيو آخري وقت وري ڪراچيءَ مان نڪرڻ لڳو ڇو جو سندس هيڊ آفيس حيدرآباد کان ڪراچي شفٽ ڪئي ويئي هئي -

فلمستان ماهوار ڪراچي

هي فلمي رسالو نومبر ١٩٤٣ع کان سوٺي تيچيانداس مهتا ڪيڻ شروع ڪيو - فلمي ۽ علمي ادبي سواد ڏنو ويندو هو -

1945ع— پره ڦٽي ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو ١٩٤٥ع کان نڪتو - گوبند مالهي هن رسالي جو ايڊيٽر هو - هي ادبي رسالو هو ۽ منجهس شعر، افسانا ۽ ڪهاڻيون شايع ٿينديون هيون.

1946ع— سدا بهار ماهوار ڪراچي

هي رسالو رتن ساهتيه منڊل پاران ١٩٤٦ع کان جاري ٿيو. هي پارن جو رسالو هو جنهن ۾ سهڻيون تصويرون ۽ پارن جي ڍنگ جو اخلاقي ۽ اصلاحي مواد شايع ٿيندو هو.(١)

مهراڻ ٽه ۽ ڇه ماهي ڪراچي ۽ حيدرآباد

هي رسالو سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ جي سفارش تي جنوري ١٩٤٦ع کان ٽه سال ۾ ساهي ۽ پوءِ سماهي پرچو ٿي نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي سنڌي ادب ۽ زبان جي جيڪا خدمت ڪئي آهي آها ڪنهن کان لڪل ڪانهي. سنڌجا ناميارا اديب ۽ محقق جهڙوڪ ڊاڪٽر دائود پوٽو، پير حسام الدين راشدي، محمد ابراهيم جويو ۽ غلام محمد گرامي وغيره هن رسالي جا ايڊيٽر رهي چڪا آهن. چوٽي جي عالمن ۽ اديبن جا ادبي، تاريخي ۽ تحقيقي مقالا، مضمون، افسانا ۽ شعر هن رساليءَ پوندا هئا. شروع ۾ رسالي جو ايڊيٽوريل بورڊ مقرر ٿيل هو- جنهن ۾ هيٺيان بزرگ شامل هئا:- عثمان علي انصاري، مولانا دين محمد وفائي، ديوان لالچند امرڏنومل جڳتياڻي، ڊاڪٽر هروسل سدارنگاڻي. هي رسالو جنوري١٩٤٨ع ۾ بند ٿي ويو ۽ وري سال ١٩٤٩ع ۾ ان جو رڳو هڪ پرچو نڪتو. هي رسالو جنوري ١٩٥٥ع کان سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي ٿيو ۽ اڄ ڏينهن تائين نڪرندو اچي ٿو. ڪجهه وقت سنڌس ايڊيٽر سنڌ جو نوجوان شاعر امداد حسيني رهيو. هن وقت ايڊوريل ڪميٽي تي علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ سيد شاه محمد شاه 'شاد' شامل آهن ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر نفيس احمد شيخ آهي. دعا آهي ته رسالو اڃا وڌي ۽ ترقي ڪري.

---

(١) پٺاڻ، درمحمد. ڪراچي ضلعي جي ادبي تاريخ. ڊي فل سنڌي لاءِ پيش ڪيل مقالو. سنڌ يونيورسٽي ١٩٧٨ع، ص ٩١٤-

جيون ڪلا حيدرآباد

هي رسالو ١٩٤٦ع يا ان کان اڳ جو نڪتل ڏسجي ٿو رسالي جو ايڊيٽر هيرو ـ ڪي ـ ڄڳتياڻي هو ۽ عامل ڪالوني حيدرآباد مان نڪرندو هو. هي رسالو نرمل پبليڪيشن حيدرآباد جي سهاري هيٺ نڪرندو هو. ادبي رسالو هو ۽ ڪوهنور پرنٽنگ ورڪس مولو پير گهٽي حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

سلسلهٔ دلچسپ ڪراچي

هي مذاحيه سلسلو ان وقت جي نوجوان سنڌي شاگردن شروع ڪيو. سلسلي جو پهريون ڪتاب ”گڏهه“ جي عنوان هيٺ ١٩٤٦ع ۾ نڪتو. ان ۾ سياسي اڳواڻن تي پر وقار طنز ٿيل هوندي هئي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هن سلسلي جو ايڊيٽر هو ۽ سردار علي شاهه وغيره ان سان ڀانهن ڀيلي هئا.

زندگي ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو زندگي پبليڪيشن راسباغ ڪراچي مان ١٩٤٦ع يا ان کان اڳ جو نڪتل ٿو ڏسجي. بهاري ڇاٻڙيا رسالي جو ايڊيٽر هو. هن باتصوير رسالي ۾ هر مهيني سندر آڪاٽيون ڏنيون وينديون هيون. شيام آفسٽ ليٿو ورڪس ڪراچي ۾ ڇپبو هو. هن ۾ شعر به ڇپيا ويندا هئا. ورهاڱي تائين نڪرندو رهيو.

آڪاٽي ماهوار ڪراچي

هي ٻارن لاءِ آڪاٽين جو با تصوير ماهوار رسالو به زندگي پبليڪيشن راسباغ ڪراچي وارن ١٩٤٦ع يا ان کان اڳ ڪڍڻ شروع ڪيو. هن رسالي ۾ رنگبرنگي تصويرون، وندر ۽ ويرتا جون آڪاٽيون ڏنيون وينديون هيون. ٻارن جي وندر لاءِ سٺو رسالو هو.

هندستان جو ڪانگريس پرچو ڪراچي

هي پرچو نومبر ١٩٤٦ع ۾ اخبار هندستان ڪراچي ٻاران ڪڍيو ويو هو. هي پرچو باتصوير ۽ معلومات جي املهه خزاني

سان پرچي نڪتو. هن پرچي ۾ ڪانگريس جي سرگرمين جو مختصر تعارف ڏنل هوندو هو. ان کان علاوه معلوماتي ۽ سياسي مضمون به ڏنل هئا. هيرانند ڪرمچند هن پرچي جو ايڊيٽر هو.

پرستان ماهوار ڪراچي

هي رسالو ١٩٤٦ع کان ڪنيا لال گابا جاري ڪيو (١).

1947ع— باغي ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو جنوري ١٩٤٧ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. ادبي ۽ انقلابي ۽ اصلاحي مواد ڇاپيو ويندو هو. هر مهيني هڪ آڪاٽي ڪتابي صورت ۾ ڇاپي پڌري ڪئي ويندي هئي. شيخ مبارڪ علي اياز رسالي جو ايڊيٽر هو ۽ سندس ڪهاڻيون به هن رسالي ۾ شايع ٿيون.

هندو سنديش حيدرآباد

هي رسالو ١٩٤٧ع جي شروعات ۾ هندو سنديش (سپتاهڪ) ڪاريالي اسٽيشن روڊ حيدرآباد پاران ڪڍيو ويو هو. هن جو ايڊيٽر سشيل ڪمار "روشن" هو. هن ۾ سماجي سياسي مواد ڇاپيو ويندو هو. رسالو ديش متر پريس ڪاهي روڊ حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

چترڪار پندره روزه ڪراچي

هيءُ ماهوار رسالو جون ١٩٤٧ع کان ويسپڪ آشا جاري ڪيو. هن رسالي ۾ ٻه صفحا اردو ادب جا به ڏنا ويندا هئا. هن رسالي ۾ فلمي خبرون، ڪهاڻيون، افسانه شعر و شاعري ۽ فلمي سوال و جواب ڏنا ويندا هئا.(٢)

—*—

(١) ٻنان، درمحمد. ڪراچي ضلعي جي ادبي تاريخ ڊي فل سنڌي لاءِ پيش ڪيل مقالو سنڌ يونيورسٽي، ١٩٧٨ع، ص ٢١٩-
(٢) ايضاً ص ٤١٩-

متفرق

مٿين باب ۾ ڏنل ڪيل رسالن کان علاوه ڪي اهڙا رسالا مليا آهن، جن جا مڪمل تفصيل نه ملي سگهيا آهن مگر انهن جا نالا ملن ٿا، جن کي هڪ هنڌ آڻڻ لازمي آهي. اهي رسالا هيٺ ڏجن ٿا.

حيدرآباد شهر جو بيان ڪندي ڪاڪو ڀيرو مل پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“ ۾ لکي ٿو ته ١٨٩٦ع تائين حيدرباد جي سڄي شهر ۾ فقط ٻه پريسون هيون. هڪڙي ليٿو پريس ساڌو هيرانند پنهنجي يونين اڪيڊمي ۾ کولي هئي، جنهن ۾ سندس جاري ڪيل رسالو ”سرسوتي“ ۽ اسڪول لاءِ رجسٽر ۽ فارم ڇپبا هئا. هيءَ اداري جني پريس هئي ۽ ٻاهريون خانگي ڪم ڪونه ڪندا هئا. ٻي ليٿو پريس هڪ خالصي جي هئي، جنهن مان حيدرآباد جي آريه سماجين جي هڪ ماهوار مخزن ڇپبي هئي.(١) حيدرآباد جي ان خالصي، سندس پريس ۽ ان مان نڪتل رسالن جا نالا ملي نه سگهيا آهن. بهرحال هيءَ پريس ۽ رسالو سنڌي رسالن ۾ سڀ کان پراڻي رسالي سرسوتي جو همعصر سمجهي سگهجي ٿو.

رشيد ڀٽي پنهنجي مضمون ”سنڌي رسالن جي ڇپائيندڙن، پڙهندڙن ۽ لکندڙن جا مسئلا“ ۾ ڪن اهڙن رسالن جا نالا ڪنيا آهن، جن جي باري ۾ وڌيڪ معلومات ملي نه سگهي آهي. اهي رسالا هيءُ آهن: جاسوسي چڪر، رتن جوت، چمنستان،

---

(١) آڏواڻي، ڀيرو مل مهرچند. سنڌ جي هندن جي تاريخ. حيدآباد: مصنف، ١٩٤٦ع ص

ٻال سڀا، جاسوسي دنيا، ڪرانتڪاري، آريه پريمي، فلمي دنيا، پره ڦڻي ۽ سماج(١) لعلچند امرڏنو مل جڳتياڻي وقت جي مشهور رسالي ماهوار سنڌو جي آگسٽ ١٩٤٦ع واري پرچي ۾ پنهنجي هڪ مضمون-اخبار نويسيءَ جي تاريخ ۾ سنڌي رسالن جو بيان ڪندي لکي ٿو ته: ١٩٢٧ع ڌاري سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جو ماهوار رسالو بند ٿي ويو. ان کانپوءِ سک ڏرشٽ، سندر ساهتيه جو رسالو، رتن، ڪهاڻي، ڀارت جيون، آشا، عبرت وغيره نڪتا. انهيءَ ڏس ۾ مسلم ادبي سوسائٽي وارن جي رسالي جون خدمتون به قدر ڪرڻ جي لائق آهن(٢). ان مان ثابت آهي ته مسلم ادبي سوسائٽي جو رسالو ورهاڱي کان اڳ نڪتو هو ۽ ورهاڱي جي گوڙ ۾ بند ٿي ويو. هي رسالو ورهاڱي کان پوءِ خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي ايڊيٽري هيٺ جون ١٩٥١ع کان وري نڪتو. ورهاڱي کان پوءِ جا ڪجهه پرچا انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي تحقيقي لائبرريءَ ۾ موجود آهن- باقي ورهاڱي کان اڳ نڪتل رسالو راقم کي ڪٿي به نظر نه آيو آهي.

ميمڻ عبدالغفور سنڌي پنهنجي مضمون "سنڌي رسالا" ۾ به هڪ اهڙي رسالي جي نشاندهي ڪئي آهي جنهن جي باري ۾ مختلف رايا آهن. اهو رسالو "المنار" آهي. ميمڻ صاحب لکي ٿو ته ١٩٣٠ع کان "المنار" نڪتو- جنهن جو ايڊيٽر عبدالرحيم 'آزاد' هو- ١٩٣٣ع ۾ هن کي هفتيوار بنايو ويو(٣) مرحوم

---

(١) ٻٽي، رشيد، "سنڌي رسالن جي ڇپائيندڙن، پڙهندڙن، ۽ لکندڙن جا مسئلا" ٽماهي مهراڻ، جلد ٢٢، نمبر ١-٢ ١٩٧٣ع، ص ٢٦٥-٢٦٦-

(٢) جڳتياڻي، لعلچند امرڏنومل- "سنڌي اخبار نويسيءَ جي تاريخ" ماهوار سنڌو آگسٽ ١٩٤٦ع، ص ٢١-٢٧-

(٣) ميمڻ، عبدالغفور، "سنڌي رسالا" پارس ڪتابي سلسلو سکر، ص ٦٤-

سولائي شيدائي ان بابت لکي ٿو ته ۱۹۳۰ع ۾ ”المنار“ هفتيوار اخبار عبدالرحيم ’آزاد‘ جي زير ادارت شايع ٿيڻ لڳي- حافظ عبدالحميد پنهنجي مالڪ هوس. ۱۹۳۳ع ۾ حافظ عبدالحميد پاڻ ايڊيٽر ٿيو. هو وڌيڪ لکي ٿو ته سنڌ جي بمبئي کان آزاديءَ جي تحريڪ ۾ هن اخبار چڱو ڪردار ادا ڪيو(۱).

مٿين رسالن کان علاوه تحقيق دوران ڪجهه ٻيا به اهڙا رسالا مليا آهن، جن جي مڪمل معلومات نه ملڻ جي ڪري اڳئين باب ۾ شامل نه ڪيا ويا آهن ۽ انهن جي متعلق جيڪا معلومات ملي سگهي آهي اها هيٺ ڏجي ٿي.

۱۹۳۸ع ۾ شڪارپور مان خوبچند- ٿيءُ پندره روزه جاسوسي چڪر ڪڍيو ۽ منجهس جاسوسي سان تعلق رکندڙ ليک درج ٿيندا هئا. ساڳي سال ”باغبان“ نالي هڪ ماهوار رسالو نڪتو. ڪراچي جي بمبئي بازار مان جيون ڀاسڪر (امرت ڪلا) نالي هڪ رسالو نڪتو، جنهن ۾ هنر ۽ حڪمت بابت عمدا مضمون ۽ نسخا پوندا هئا.

سال ۱۹۴۰-۱۹۴۱ع ڌاري ٽنڊو الهيار مان ”خوبصورت دنيا“ نالي هڪ رسالو نڪتو. ساڳي سال وي- جي مهتاڻي حيدرآباد مان ”فلمي آواز“ ڪڍيو. سال ۱۹۴۱ع جي آگسٽ مهيني کان سکر مان سهاشيم پنجو مل وڌنمل ورما جي ايڊيٽري ۾ ماهوار ”هندو متر“ نڪتو. سال ۱۹۳۹ع ۾ حيدرآباد مان سئنيما جي شوقينن لاءِ فلمي مواد، خبرن ۽ فوٽن تي مشتمل هفتي ۾ ٻه دفعا شايع ٿيندڙ ”فلم ورلڊ“ ۽ ”فلم اسٽيج“ نڪتا. هنن ٻرچن جي باري ۾ مختلف رايا آهن ته اهي رسالا هئا يا اخبارون، اهي پرچا ڏسي چئي سگهبو ته انهن جو تعلق رسالن سان هو يا اخبارن سان هو.

(۱) مولائي شيدائي، رحيمداد خان. ”آزاديءَ کان اڳ سکر جون اخبارون“ سهراڻ تي مجلس سکر ۱۹۶۹ع، ص ۵۶-

ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ روزاني هلالِ پاڪستان ڪراچيءَ ۾ "اخبار نامو" جي عنوان سان مضمونن جي سلسلي ۾ نهايت عمدي معلومات مهيا ڪئي آهي- افسوس جو راقم ان ڪري اڳئين باب جو مواد اڳ ڇپجي وڃڻ ڪري اتي ڏيئي نه سگهيو آهي، ان ڪري ان مفيد معلومات کي هت آندو وڃي ٿو.

1918ع— پريم پتر ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار رسالو جنوري ١٩١٨ع کان نڪتو. رسالي جو پهريون ڀرڃو ست سري مهاراج سوامي هيمراج ڇداڪاشيءَ جي ياد ۾ نڪتو. جڳت ايسرداس هن اداري جو آنرري سيڪريٽري هو. هي رسالو ٻارهن تيرهن صفحن تي مشتمل هو ۽ منجهس تصوف ۽ ويدانت تي مواد پوندو هو.

1919ع— سنڌي اسڪائوٽ ماهوار حيدرآباد

اسڪائوٽنگ جي ميدان ۾ هي سنڌ ۾ پهريون رسالو هو ۽ جنوري ١٩١٩ع کان نڪتو ڪي ڊي. شهاڻي هن جو آنرري مئنيجر هوندو هو. هن جا ڪل سورهن صفحا هوندا هئا.

جاسوسي ناولس ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار رسالو ڏنو مل ٻصر مل بوڪ سيلر ۽ پبلشر پاران جنوري ١٩١٩ع کان نڪرڻ لڳو. هن رسالي وسيلي سنڌي ادب ۾ جاسوسي ناولن جو سٺو اضافو ٿيو. هي رسالو ٽيهن ڪن صفحن تي مشتمل هوندو هو ۽ منجهس متفرق خبرون به ڏنيون وينديون هيون. سال جي آخر ۾ اداري پاران خريدارن کي هڪ ڪتاب مفت ڏنو ويندو هو.

1923ع — پريم ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار رسالو بلونسڪي پريس پاران مئي ١٩٢٣ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. ڪيولرام ديارام رسالي جو ايڊيٽر هوندو هو. هن رسالي ۾ ٿياسافيءَ تي تقريرن ۽ تحريرن کان علاوه

تعليم، سائنس ۽ اخلاقيات تـي مضمون، لنڊڪا چٽڪا، شعر ۽ ڪهاڻيون وغيره ڏنيون وينديون هيون. رسالي جا ڪل ١٦-١٧ صفحا هوندا هئا.

هندو ٽرڪٽ ماليا ماهوار گڙهي ياسين

هي ماهوار ٽرڪٽن جهڙي صورت ۾ گڙهي ياسين کان نڪتو. هي رسالو ٽيهن ٽيٽيهن صفحن تي مشتمل هوندو هو. سنديس ساليانو چندو سوا روپيو هوندو هو.

انهن کان علاوه سال ١٩٢٥ع ۾ هفتيوار اخبار "الحنيف" ۾ هيٺين خبر شايع ٿي هئي ته "تبليغ" نالي ٽماهي رسالا خيرپور ناٿن شاهه ۽ ٽنڊو الهيار مان نڪرڻ وارا آهن، جيڪي اهلسنت والجماعت جي عقيدن موجب سنڌ ۾ تبليغ جاري رکندا (١). خبر نـه آهي ته اهي رسالا نڪتا به يا نه. سال ١٩٢٠ع ۾ يا ان کان اڳ قائم ٿيل جارج پرنٽنگ پريس حيدرآباد جي مالڪ ولبرام ڀيٽائي جي ايڊيٽري هيٺ "سٽوڊنٽ" جي عنوان سان هڪ پرچو ١٩٢٤ع کان نڪتو. هن ۾ شاگردن جي ڀلائي لاءِ مواد ڏنو ويندو هو. هي پرچو راقم کي ملي نه سگهيو آهي.

---

(١) الحنيف هفتيوار شڪارپور ١٦ آڪٽوبر ١٩٢٥ع ص ١٠.

وڙهائُگي ڪانپوءِ نڪتل رسالا

باب ڏيون

ورهاڱي کان پوءِ جا رسالا

١٩٤٧ع آفتاب ماهوار ڪراچي

هي رسالو مسلم ادبي سوسائٽي ڪراچي پاران آگسٽ ١٩٤٧ع ۾ ڪڍيو ويو هو - هي سوسائٽي چند اديبن سنڌ جي علمي، ادبي خدمت ڪرڻ لاءِ ڏاهي هئي - هي رسالو ان سوسائٽي پاران ڪڍيو ويو هو - سنڌ جو بزرگ عالم مرحوم غلام محمد گرامي سندس ايڊيٽر هو - هي رسالو پاڪستان پرنٽنگ پريس هيماني منزل بندر روڊ ڪراچيءَ ۾ ڇپيو هو.

ساٿي ماهوار ڪراچي

هي رسالو هندستان ساهتيه آستان فريئر روڊ ڪراچي پاران سنڌ جي زالن جي ڀلائي ۽ بهبودي لاءِ سيپٽمبر ١٩٤٧ع کان نڪرڻ لڳو. رسالي جي ايڊيٽوريل بورڊ تي درو هيرانندائي، روشن آرا مغل، گلي سندا رنگاڻي، لڇمي سوداساڻي ۽ سندري ناروائي شامل هيون - هن رسالي جاري ڪرڻ جو مکيه مقصد سنڌي زالن ۾ سجاڳي آڻڻ هو - هن رسالي ۾ عورتن توڙي مردن جا مضمون، ڪهاڻيون ۽ شعر ڇپيا هئا - ٿورو وقت نڪري بند ٿي ويو.

دلبهار ماهوار حيدرآباد

ٻارڙن لاءِ هي ماهوار رسالو ”ڀارت جيون ساهتيه منڊل“ پاران سيپٽمبر ١٩٤٧ع کان جاري ٿيو - ٻهڙين ٻرڇي جو سرو ”ڪوئن جي ڪانفرنس“ هو - رسالي پاران خريدارن کي ”اڏنڊ پلنگ“ نالي هڪ ڪتاب ٻهرين ڀيٽ ڪري ڏنو ويو.(١)

---

(١) ڀٽاڻ، ڊاڪٽر درمحمد. اخبار نامو (٤) روزانه هلال پاڪستان ڪراچي ١٧ مارچ ١٩٨١ع ص ٤.

سورهيه پرڪاش ساهتيڪ ماهوار حيدرآباد

هي ادبي ۽ مذهبي رسالو سي - آر - ٽيواڻي جي ايڊيٽري ۽ سرپرستي هيٺ سيپٽمبر ١٩٤٧ع کان شاهي بازار حيدرآباد مان نڪتو - هن رسالي ۾ عمدا مضمون، ڪهاڻيون، شعر ۽ ڌرمي مواد ڇپبو هو - هي رسالو اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس گدو روڊ حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

اڳتي قدم ماهوار شڪارپور

هي رسالو شيخ اياز جي ايڊيٽري هيٺ آڪٽوبر ١٩٤٧ع کان نڪرڻ لڳو. هن رسالي ۾ ترقي پسند اديبن جا مضمون، ڪهاڻيون ۽ شعر ڇپبا هئا - هڪ پرچي کان وڌيڪ ڪونه نڪتو جيڪو موتي پرنٽنگ پريس لکي در شڪارپور ۾ ڇپيو هو.

لطيف ماهوار ڪراچي

هي با تصوير علمي ۽ ادبي رسالو آڪٽوبر ١٩٤٧ ع کان ايم - ايچ حافظ حسيني جي ايڊيٽري هيٺ جناح ڪورٽس ڪراچي ءَ مان نڪتو. الله بخش شهزاد هن رسالي جو ڊائريڪٽر هو. ادب ۽ اسلامي تاريخ تي سٺا مضمون ڇپبا هئا. ان کان علاوه فلمي خبرون ۽ عام معلومات به ڏني وينديون هيون. سيد غلام رسول شاهه رسالي جو مئنيجر ۽ ناشر هو. ١٩٤٨ع ۾ ڪراچي ءَ ۾ سنڌي پريسن جي بند ٿيڻ ڪري رسالو به بند ٿي ويو - هي رسالو جناح پرنٽنگ ورڪس فريئر روڊ ڪراچي ءَ ۽ هلال پرنٽنگ پريس مشڪلوڊ روڊ ڪراچي ءَ وغيره ۾ ڇپبو هو.

تعمير ماهوار ڪراچي

هي رسالو سنڌ مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي سهاري هيٺ جناح ڪورٽس ڪراچي ءَ مان آڪٽوبر ١٩٤٧ع کان نڪرڻ لڳو - "معمار" رسالي جو ايڊيٽر هو - هن رسالي ۾ عام خبرون

خاص شاگردن جي ڀلائي لاءِ نڪتو هو. هن رسالي جو روح روان محمد شفيع انصاري هو جو هن فيڊريشن جو جنرل سيڪريٽري به هو- رسالي جو پهريون پرچو "پاڪستان نمبر" تي نڪتو ۽ سنڌي انگريزي ٻولين ۾ هو- هي رسالو الوحيد پريس ڪراچيءَ ۾ ڇپبو هو

حقيقت الاسلام ماهوار ڪراچي

هي رسالو قاضي عبدالرزاق، خالد ، بي - اي ۽ غلام محمد جي ايڊيٽري هيٺ ۽ اداره مڪتب فلاح انسانيت راسباغ ڪراچيءَ جي سهاري هيٺ جنوري ١٩٤٨ع کان نڪرڻ لڳو- هي خالص مذهبي رسالو هو ۽ دين اسلام جي واڌاري لاءِ جاري ڪيو ويو هو- هن رسالي ۾ اسلامي تعليم تبليغ ۽ تاريخ وغيره تي مواد ڇپبو هو- هي رسالو آفتاب پرنٽنگ پريس شاهي بازار حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

پرواز ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو جنوري ١٩٤٨ع کان نڪرڻ لڳو- حڪيم مولوي محمد صالح "عاجز" هن جو سرپرست ۽ حڪيم نياز همايوني سنڌس ايڊيٽر هو- هي ادبي، طبعي ۽ معلوماتي رسالو هو ۽ نئي دنيا پرنٽنگ پريس مئڪلوڊ روڊ ڪراچيءَ ۾ ڇپبو هو.

اهل قلم ماهوار ڪراچي

— هي رسالو سنڌ جي اڳوڻي وزير اعليٰ مرحوم پير الاهي بخش جي سرپرستي ۽ غلام احمد "ساقي" سجاولي جي ڪوشش سان جولاءِ ١٩٤٨ع کان نڪرڻ لڳو. هن رسالي جو ايڊيٽر گل حسن طاهراڻي ۽ مئنيجر محمد عمر بلوچ هو. هي ادبي رسالو هو ۽ منجهس افسانا، ڪهاڻيون ۽ شعر ڇپيا ويندا هئا. هي رسالو هلال پرنٽنگ پريس مئڪلوڊ روڊ ڪراچيءَ ۾ ڇپبو هو-

مؤذن پندرهه روزه حيدرآباد

هي رسالو مولوي خير محمد نظاماڻي سيپٽمبر ۱۹۴۸ع کان ڪيڻ شروع ڪيو - هن رسالي جاري ڪرڻ جا ٻه مکيه مقصد مقرر ڪيا ويا هئا. هڪ ته مسلمانن کي اسلامي تعليم ۽ اصولن تي هلڻ جو سبق ڏيڻ ۽ ٻيو پاڪستان ۾ اسلامي آئين ۽ قرآني قانون جاري ڪرائڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ هئا - هي رسالو آفتاب پرنٽنگ پريس شاهي بازار حيدرآباد ۾ ڇپبو هو-

عصر نو ماهوار حيدرآباد

هي رسالو لعل بن يوسف جي ايڊيٽري ۽ سرپرستي هيٺ ڊسمبر ۱۹۴۸ع کان ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد مان نڪتو- هن ۾ علمي، ادبي معلوماتي مواد شايع ڪيو ويندو هو - ان کان علاوه رسالي ۾ دلچسپ معلوماتي خبرون به ڏنيون وينديون هيون. هي رسالو آفتاب پرنٽنگ پريس شاهي بازار حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

اطلاعات سنڌ هفتيوار ڪراچي

هي باتصوير رسالو ڊائريڪٽوريٽ آف پبلسٽي ۽ پبلڪ رليشن سنڌ طرفان ۱۴ آگسٽ ۱۹۴۸ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. علاؤالدين محمد يونس خـان سمون رسالي جو ايڊيٽر ۽ قاضي عبدالحي ”سليم“ هالائي سنڌس اسسٽنٽ ايڊيٽر هئا - هن رسالي ۾ صوبائي ۽ مرڪزي حڪومتن جي ڪارڪردگي، عام خبرون ادبي، تاريخي ڪهاڻيون ۽ شعر ڇپبا هئا - هي رسالو هـر ڇنڇر تي نڪرندو هو ۽ سنڌ گورنمينٽ پريس ڪراچيءَ ۾ ڇپبو هو.

نئين زندگي ماهوار ڪراچي

هي باتصوير رسالو پاڪستان پبليڪيشن پاران آڪٽوبر ۱۹۴۸ع کان نڪتو - هن رسالي جو سنڌي ادب ۾ هڪ خاص مقام آهي سنڌ جا مشهور اديب جهڙوڪ عبدالواحد سنڌي ۽ شمشيرالحيدري هن رسالي جا ايڊيٽر رهي چڪا آهن هن رسالي ۾ ادبي،

معلوماتي مواد ڇپجندو ۽ تحقيقاتي رهي ٿو - هي رسالو سال ۾ بند ٿي ويو هو - هن وقت هي رسالو ڪراچيءَ مان عابد لغاريءَ جي ايڊيٽري هيٺ نڪري رهيو آهي. هن وقت رسالي جو اڳيون معيار نه رهيو آهي تڏهن به سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي سٺي خدمت ڪري رهيو آهي.

عالمگير ماهوار حيدرآباد

هي ادبي ۽ معلوماتي رسالو آڪٽوبر ١٩٤٨ع کان نڪرڻ شروع ٿيو - محمد اسماعيل- اي - منشي هن رسالي جو سرپرست هو ۽ محمد بخش "سڪايل" سنڌس ايڊيٽر هو - هي ادبي ۽ علمي رسالو هو -

اڪلهم ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو اڪلهم پبلڪيشن ڪراچيءَ پاران ڊسمبر ١٩٤٨ع کان نڪرڻ شروع ٿيو - قادربخش نظاماڻي هن رسالي جو مئنيجنگ ايڊيٽر هو ۽ سليم هالائي، خو رشيد اختر ۽ عبدالرحيم شيخ سنڌس مددگار هئا. هن رسالي ۾ سائنس، فلاسافي تاريخ، جاگرافي ۽ ادب وغيره تي معلومات ڏني ويندي هئي - هي رسالو هلال پرنٽنگ پريس مئڪلوڊ روڊ ڪراچيءَ ۾ ڇپبو هو.

1949ع - عرفان لطيف ماهوار حيدرآباد

هي رسالو مڪتبه لطيفي حيدرآباد پاران جنوري ١٩٤٩ع کان نڪتو. محمد شاهه ايم - سيد اداري جو سرپرست ۽ رسالي جو ايڊيٽر هو - رسالي جو پهريون نمبر عرفان لطيف جي نالي سان شاعرن جي سرتاج شاهه ڀٽائي جي ياد ۾ نڪتو - هن رسالي ۾ ادب، تاريخ، ڪلچر، سياست ۽ مذهبي موضوعن تي مواد ڏنو ويندو هو - هي رسالو هلال پاڪستان پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

سنڌ طبي مخزن ماهوار حيدرآباد

هي رسالو حڪيم سيد غلام مرتضيٰ شاهه جي سرپرستي

۽ ايڊيٽري هيٺ اپريل ١٩٤٩ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. رسالي ۾ قديم ۽ جديد طبي موضوعن تي عمدا معلوماتي مضمون شايع ڪيا ويندا هئا. هن رسالي جو سرپرست جميعت الاطباي صوبہ سنڌ جو صدر بہ هو. حڪيم صاحب خود نالي وارو طبيب هو. طب جي موضوع تي ورهاڱي کان پوءِ هي پهريون رسالو هو. هي رسالو آفتاب پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

فنڪار ماهوار حيدرآباد

هي رسالو مارڪيٽ ڪوارٽرس حيدرآباد مان آڪٽوبر ١٩٤٩ع کان نڪرڻ لڳو. عنايت الله عباسي "فنڪار" رسالي جو چيف ايڊيٽر ۽ خواجہ قلب علي ايڊيٽر هو. هن باتصوير رسالي ۾ گهڻو فلمي مواد ڏنو ويندو هو. ان کان علاوه ادبي ۽ معلوماتي مضمون بہ ان ۾ ڇپبا هئا. هي رسالو آفتاب پرنٽنگ پريس شاهي بازار حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

1950ع- عامراه ماهوار ڪراچي

هي رسالو جنوري ١٩٥٠ع کان حاجي عبدالله هارون چيرٽيبل ٽرسٽ بلڊنگ ڪراچيءَ مان نڪرڻ لڳو. قاضي فيض محمد رسالي جو ايڊيٽر ۽ سيد سردار علي شاه، اسسٽنٽ ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ ادب، تاريخ ۽ عام معلومات تي مواد ڏنو ويندو هو. هي رسالو الوحيد پرنٽنگ پريس پيلاس گهٽي ڪراچيءَ ۾ ڇپبو هو

مبلغ ماهوار حيدرآباد

هي رسالو مولوي عبدالحق رباني دارالعلوم عربي لڪ حيدرآباد اسٽيشن مان جنوري ١٩٥٠ع کان ڪڍڻ شروع ڪيو. هن رسالي جاري ڪرڻ جا هيٺيان مقصد هئا: سنڌ جي ماڻهن لاءِ سندن حقيقي ڀلائي، آخرت جي ڪاميابي، معاشرتي ۽ اخلاقي ترقي جو مواد ڇاپي کين بيدار ڪرڻ ۽ سنجهائڻ بدعت وارين رسمن کي ٽوڙي ڪڍڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ. هي خالص مذهبي رسالو

هو مگر منجهس ڪجهه ملڪي معلوماتي خبرون به ڏنيون وينديون هيون - هي رسالو مولوي عبدالحق صاحب جي قائم ڪيل "رباني پرنٽنگ پريس" ۾ ڇپبو هو - مولوي عبدالحق ڪجهه وقت ڪان پوءِ سيرپور خاص لڏي ويو ته رسالو ۱۹۵۴ع کان اتان نڪرڻ لڳو.

اميد ماهوار ڪراچي

هي رسالو سنڌ مدرسه ادبي سوسائٽي پاران آڪٽوبر ۱۹۵۰ع کان ڪڍيو ويو هو. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ سنڌ مدرسي اختياري وارن هي سوسائٽي شاگردن ۾ تحقيق لاءِ شوق پيدا ڪرڻ لاءِ برپا ڪئي هئي. هن رسالي جو ايڊيٽر شيخ نورمحمد هو ۽ هي ادبي تعليمي ۽ معلوماتي رسالو هو - مدرسي جي استادن، شاگردن ۽ ٻين عالمن ۽ اديبن جا مضمون، شعر ۽ ٻيو معلوماتي مواد ڇپبو هو - هي رسالو الوحيد پريس بيلاسس اسٽريٽ ڪراچيءَ ۾ ڇپبو ويندو هو.

اعلان حق ماهوار بدين

هي رسالو نومبر ۱۹۵۰ع کان بدين مان نڪرڻ لڳو. نذيرحسين حيدري رسالي جو ايڊيٽر هو - هن رسالي ۾ شهيد ڪربلا جي شان ۾ مضمون ۽ مقالا ڇاپيا ويندا هئا. هي رسالو شيعا مذهب جي پرچار ۽ واڌاري لاءِ ڪڍيو ويو هو.

فردوس ماهوار هالا

هي رسالو نئون هالن مان نومبر ۱۹۵۰ع کان نڪرڻ شروع ٿيو - انجم هالائي رسالي جو ايڊيٽر، قاضي عبدالحي "سليم" هالائي ۽ اي - ايچ - فيروز رسالي جا اسسٽنٽ ايڊيٽر هئا - هي رسالو انجمن علم ادب هالا جي سهاري ۽ مخدوم طالب المولى جي سرپرستي هيٺ نڪرندو هو. هن باتصوير رسالي ۾ عمدو ادبي مواد ۽ فلمي خبرون شايع ٿينديون هيون. هي رسالو الزمان پرنٽنگ پريس هالا ۾ ڇپبو هو. هن رسالي پاران "عورت" "شاعر" ۽ "نوح" نمبر به نڪتا.

آفتاب ماهوار ڪراچي

هي رسالو بندر روڊ ڪراچيءَ مان لعل محمد "لعل" نالي هڪ نوجوان پنهنجن ڪن دوستن جي تعاون سان ١٩٥٠ع ۾ ڪڍڻ شروع ڪيو- هن رسالي ۾ عمدو ادبي، ۽ معلوماتي مواد ڏنو ويندو هو. رسالي کي دلچسپ بنائڻ لاءِ دلڪش فلمي تصويرون ڏنيون ويندڻيون هيون. هي رسالو هلال پرنٽنگ پريس بشڪلوڊ روڊ ڪراچيءَ ۾ ڇپيو هو.

1951ع- منزل ماهوار هالا

هي رسالو جولاءِ ١٩٥١ع کان هالن مان نڪتو.عبدالرؤف مانجهندائي "منصور ويراڳي" هن رسالي جو ايڊيٽر هوندو هو. هي هڪ ادبي ۽ معلوماتي رسالو هو. ٿورو وقت نڪري بند ٿي ويو.

پره ڦٽي ماهوار

هي رسالو ١٩٥٠ – ١٩٥١ع کان قاسم شاهه جي سرپرستي ۽ ايڊيٽري هيٺ نڪرڻ شروع ٿيو- هن رسالي ۾ ادبي، سماجي ۽ معلوماتي مواد ڇاپيو ويندو هو.

هلال پاڪستان ماهوار ايڊيشن حيدرآباد

روزانه اخبار هلال پاڪستان حيدرآباد جي سهاري هيٺ هي باتصوير ماهوار پرچو نڪرندو هو. عبدالشڪور منشي چيف ايڊيٽر، محمد بخش جوهر ايڊيٽر ۽ پروانو ڀٽي اسسٽنٽ ايڊيٽر هئا. هن ۾ علمي، ادبي، ۽ معلوماتي مواد شايع ڪيو ويندو هو. هي پرچو هلال پاڪستان پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ ڇپيو ويندو هو.

1952ع -ميراث ماهوار ٽنڊو محمد خان

هي رسالو جنوري ١٩٥٢ع کان ٽنڊو محمد خان مان نڪرڻ لڳو سلطان علي آر- فدائي رسالي جو سرپرست ۽ خواجه غلام علي الانا (ناشاد) سندس ايڊيٽر هو- هن رسالي ۾ ادبي،

۽ معلوماتي مواد شايع ڪيو ويندو هو. هي رسالو جامعيه عربيه پريس صراف بازار حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

الوحيد ساليانو نمبر ڪراچي

هي رسالو سنڌ جي مشهور روزاني اخبار الوحيد جي سهاري هيٺ مارچ ١٩٥٢ع کان نڪرڻ لڳو. هي رسالو الوحيد اخبار پاران قائم ڪيل پالڪن جي پارٽي جي سرپرستي هيٺ نڪتو ۽ چاها چنيسر نالي هن نمبر جو مرتب هوندو هو. هن پارٽي قائم ڪرڻ جو مقصد سنڌ جي پارن ۾ ادبي، تعليمي ۽ سماجي بيداري آڻڻ هو ۽ ان مقصد سان هي باتصوير رسالو ڪڍيو ويو هو. جنهن ۾ پارن جي دلچسپي جا مضمون، آکاڻيون، شعر ۽ ٻيو معلوماتي مواد ڇپيو ويندو هو.

اسانجي منزل ماهوار دادو

هي باتصوير رسالو مئي ١٩٥٢ع کان دادو مان نڪرڻ لڳو. محمد سليمان ميمڻ رسالي جو ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ علمي ادبي، تاريخي ۽ معلوماتي نوعيت جا سٺا مضمون، ڪهاڻيون ۽ شعر ڇپبا هئا. رسالي جي سرورق تي ڪنهن فلمي اداڪاره جو رنگين فوٽو ڏنو ويندو هو. هي رسالو گهڻو مقبول ٿيو ۽ ٿلها آرٽ پريس دادو ۾ ڇپبو هو.

طالب المولى ماهوار سيتا ضلعو دادو

هي رسالو آگسٽ ١٩٥٢ع کان سيتا ضلعو دادو سان نڪرڻ شروع ٿيو. هي رسالو مخدوم طالب المولى جي سرپرستي هيٺ نڪتو. سنڌ جو جهونو استاد ۽ صحافي ماستر جمع خان "غريب" رسالي جو ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ فلسفي، تصوف، ادب، دين اسلام ۽ تاريخ تي عمدو مواد ڇاپيو ويندو هو. هي رسالو ٿلها آرٽ پريس دادو ۾ ڇپبو هو.

يادگار لطيف حيدرآباد

هي ساليانو پرچو ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي سهاري هيٺ

١٩٥٢ع کان نڪرڻ لڳو- هن رسالي ۾ شاعرن جي سرتاج شاهه ڀٽائي جي ساليانې عرس تي پڙهيل مقالن ۽ شعرن تي مشتمل مواد ڇاپيو ويندو هو- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ رسالي جو مرتب هو ۽ سندس ٻانهن ٻيلي اسدالله شاهه "بيخود" حسيني ۽ بيگم زينت عبدالله چنه هئا. هن رسالي جو شروع ۾ نالو "ياد لطيف" هو- هي رسالو سنڌ يونيورسٽي پريس ۾ ڇپبو هو.

قليچ ماهوار حيدرآباد

هي رسالو شمس‌العلماءُ مرزا قليچ بيگ جي ياد ۾ ١٩٥٢ع کان نڪرڻ لڳو- الحاج مرزا اسد بيگ رسالي جو ايڊيٽر هو- هي خالص ادبي رسالو هو ۽ ان ۾ گهڻو ڪري مرزا قليچ بيگ مرحوم جا مضمون، شعر يا ڪتاب ڇاپيا ويندا هئا- هي رسالو پنهنجي پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

سينگار ماهوار هالا پراڻا

هي ماهوار رسالو آگسٽ- سيپٽمبر ١٩٥٢ع کان پراڻن هالن مان نڪرڻ شروع ٿيو- فتح‌الله محمد قريشي هن جو ايڊيٽر هو- هن رسالي ۾ ادب ۽ اخلاق جي موضوعن تي سٺو مواد شايع ڪيو ويندو هو- هي رسالو هلال پاڪستان پريس حيدرآباد وغيره ۾ ڇپبو هو.

سخنور ماهوار ڪراچي

هي رسالو "سنڌي بزم ادب" ڪراچيءَ جي سهاري هيٺ آگسٽ ١٩٥٢ع کان نڪرڻ لڳو- حبيب‌الله "فڪري" رسالي جو ايڊيٽر هو- هي خالص ادبي رسالو هو- هي رسالو جناب عبدالرحيم "غمگين" صدر سنڌي بزم ادب جي ڪوشش جو نتيجو هو. رسالي ۾ تازه ترين معلوماتي ۽ فلمي خبرون به شايع ڪيون وينديون هيون.

ملا سڪول مخزن ماهوار حيدرآباد

هي رسالو آڪٽوبر ١٩٥٢ع کان ٽريننگ ڪاليج فارمين

جي سهاري هيٺ نڪتو ـ هن رسالي ۾ ادبي، معلوماتي ۽ تعليمي موضوعن تي عمدو مواد شايع ڪيو ويندو هو ـ هن رسالي ۾ اڪثر ڪري ٽريننگ ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن جو لکيل سواد ڇپيو ويندو هو.

1953ع — گلستان ماهوار حيدرآباد

هي رسالو "بزم گلستان" جي سهاري هيٺ ١٩٥٣ع کان ڏينو جو پڙ حيدرآباد سان نڪتو. مقبول احمد پٺي، ۽ غلام مرتضي پٺي رسالي جا ايڊيٽر ۽ روح روان هئا ـ ٻارن جو هي با تصوير رسالو هر مهيني عمديون آ ڪاٽيون، شعر ۽ معلوماتي مواد شايع ڪندو هو ـ هي رسالو تعليم کاتي ٻاران اسڪولي ٻارن لاءِ منظور ڪيل هو ـ ڪجهه وقت نڪري بند ٿــي ويو ۽ وري جنوري ١٩٥٦ع کان نڪرڻ لڳو ـ ٻارن لاءِ عمدو رسالو هو. هي رسالو جامعه عربيه پريس صراف بازار حيدرآباد ۽ سنڌ پرنٽنگ پـريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

طبيب ماهوار حيدرآباد

هي رسالو "طبي ڪمپني" جي سهاري هيٺ جولاءِ ١٩٥٣ع کان نڪرڻ لڳو ـ حڪيم شمس الدين سالڪ طبي ڪمپني رسالي جو ايڊيٽر هو ـ هي رسالو ورهاڱي کان اڳ آگسٽ ١٩٣٩ع کان سنڌ پراونشل طبي ايسوسيئيشن جي سهاري هيٺ نڪتو هو. طبي خبرن ۽ مضمونن سان گڏ مختلف بيمارين ۽ انهن جو علاج به ڏنو ويندو هو. هي رسالو طبي پريس گدو روڊ، جمالي پـريس گاڏي کاتو، فردوس پريس ۽ رباني پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

1954ع — روح ادب ماهوار حيدرآباد

هي رسالو "اداره روح ادب" جي سرپرستي هيٺ آڪٽوبر ١٩٥٤ع کان نڪرڻ شروع ٿيو ـ هن رسالي جو سرپرست مخدوم طالب المولى هو ۽ سنڌ جو جهونو اديب ۽ صحافي مرحوم محمدخان غني سندس پهريون ايڊيٽر مقرر ٿيو ـ مرحوم محمد خان غني جي

ايڊيٽري هيٺ هي رسالو ڏاڍو مقبول ٿيو، مگر پوءِ سرپرست ۽ ايڊيٽر جي اٿبٺ ڪري رسالو بند ٿي ويو - هن رسالي بند ٿيڻ کان پوءِ ساڳئي اداري جي سرپرستي ۽ سهاري هيٺ ماهوار "شاعر" رسالو نڪتو. هي رسالو هاشمي پريس اسٽيشن روڊ حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

نئين ڪيٽي ماهوار حيدرآباد

هي رسالو سنڌ آبادگار ڊولپمينٽ ڪارپوريشن لميٽيڊ جي سهاري هيٺ آڪٽوبر ١٩٥٤ع کان نڪرڻ لڳو - هن رسالي جاري ڪرڻ ۾ نواب نوراحمد لغاري جن جي گهڻي دلچسپي ۽ ڪوشش شامل هئي - نواب جان علي لغاري رسالي جو ايڊيٽر هو - هي رسالو سنڌ جي آبادگارن ۽ زميندارن جي ترجماني ڪندڙ هو - رسالي ۾ پوک جي سڌاري بابت تجويزون ۽ مسئلن جو حل ڏنل هوندو هو - ان سان گڏ طبي ۽ هنري معلومات به ڏني ويندي هئي - نورمحمد لغاري ۽ غلام مرتضيٰ پني به رسالي جا ايڊيٽر رهيا - تاج محل پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو -

1955ع — همدرد صحت ماهوار ڪراچي

هي رسالو اپريل ١٩٥٥ع کان نڪتو - حڪيم محمد سعيد هن رسالي جو ايڊيٽر ۽ سرپرست هو - هي رسالو همدرد فائونڊيشن ڪراچي پاران نڪتو ۽ طبي رسالو هو. هن ۾ صحت تي سٺامعلوماتي مضمون شايع ٿيندا هئا. ان سان گڏوگڏ ادب ۽ ٻين موضوعن تي به مواد شايع ٿيندو هو - هي رسالو مشهور آفسيٽ ليٿو پريس ڪراچي ۾ ڇپبو هو -

رهنما ماهوار نواب شاهه

هي رسالو "ڊويزنل اسٽوڊنٽ فرنٽ" جي سرپرستي ۽ سهاري هيٺ جوان همت شاگردن جي ڪوشش سان آڪٽوبر ١٩٥٥ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. انجم هالائي چيف ايڊيٽر ۽ محمدعمر راڄپر هن رسالي جو ايڊيٽر هو - نوجوان اديبن جا مضمون، افسانا ڪهاڻيون ۽ شعر شايع ڪيا ويندا هئا - هي رسالو انور پرنٽنگ پريس نوابشاهه ۽ مغل ڪفايت پريس نواب شاهه ۾ ڇپبو هو.

ادا ماهوار نوابشاهه

هي رسالو مرحوم عبدالمالڪ ”ادا“ جي ياد ۾ جولاءِ ١٩٥٥ع کان ڀهريان ١٥ روزه ۽ پوءِ ماهوار نڪرڻ شروع ٿيو. گل محمد چنو ۽ منير احمد مگسي رسالي جا ڀهريان ايڊيٽر ۽ سب ايڊيٽر هئا. هن رسالي جا مکيه متا هئا شاگردن جي بهبودي ۽ ڀلائي، اسلامي تهذيب ۽ تمدن جو پرچار ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب جو واڌارو. هن رسالي ۾ ادبي، تعليمي، سياسي، سماجي ۽ معلوماتي مواد ڏنو ويندو هو. هي رسالو انوار پرنٽنگ پريس نواب شاهه، لطيف پرنٽنگ پريس نواب شاهه، مغل ڪفايت پريس نواب شاهه ۽ سعيد آرٽ پريس حيدرآباد ۾ ڇپيو ويندو هو.

آئينه ماهوار نواب شاهه

هي ماهوار ادبي ۽ مذهبي رسالو ١٩٥٥ع ۾ نواب شاهه کان نڪتو هو. هن رسالي ۾ ادب، دين اسلام ۽ ٻين عام معلوماتي موضوعن تي عمدو مواد شايع ڪيو ويندو هو.

شاگرد ماهوار ڪراچي

هي ماهوار ادبي ۽ معلوماتي رسالو اپريل ١٩٥٥ع کان نڪرڻ لڳو. شيخ حفظ هن رسالي جو ايڊيٽر ۽ مس خ. ع. شيخ سندس مددگار هئي. هن رسالي ڪجهه نمبر به ڪڍيا جهڙوڪ ”روشن نمبر“ ۽ ”سنڌ نمبر“ وغيره. هي رسالو الوحيد پرنٽنگ پريس پيلاس اسٽريٽ ڪراچيءَ ۾ ڇپبو هو.

تقاضا ماهوار لاڙڪاڻو

هي رسالو ”نوجوان شيخ ايسوسيئيشن“ لاڙڪاڻي جي سهاري هيٺ ١٩٥٥ع کان نڪتو تاج محمد آءِ. شيخ هن اداري جو اعزازي سيڪريٽري هوندو هو. هن رسالي جو ايڊيٽر شيخ الطاف احمد ۽ سندس سب ايڊيٽر محمد صفر جي. شيخ هو. هن رسالي ۾ ادبي

۽ معلوماتي مواد ڏنو ويندو هو- هي رسالو الاسلام پرنٽنگ پريس نگار سئنيما روڊ لاڙڪاڻي ۾ ڇپيو ويندو هو.

نشان راه ماهوار سکر

هي رسالو محمد عظيم مهر ۽ محمد علي جي ڪوشش ۽ سرپرستي هيٺ سيپٽمبر ۱۹۵۵ع کان نڪتو هو- هن رسالي ۾ اسلامي طرز فڪر جا مضمون ۽ شعر شايع ڪيا ويندا هئا. هن رسالي جو مقصد مسلمانن ۾ اسلامي عمل جو جذبو پيدا ڪرڻ هو.

گلدستہ ماهوار خيرپور ميرس

هي رسالو آڪٽوبر ۱۹۵۵ع کان خيرپور ميرس کان نڪرڻ شروع ٿيو- هن جو ايڊيٽر غلام حسين سيمڻ هوندو هو- هن رسالي ۾ ادبي ۽ معلوماتي مواد شايع ڪيو ويندو هو- هي رسالو ڪوهنور پرنٽنگ ورڪس، اسٽيشن روڊ شڪارپور ۾ ڇپبو هو.

1956ع— ڳوٺ سڌار ماهوار حيدرآباد

پاڪستان حڪومت ڳوٺ سڌار تحريڪ لاءِ هڪ جدا کاتو کوليو هو ۽ ان کاتي جي سهاري هيٺ هي رسالو جنوري ۱۹۵۶ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. سليم هالائي رسالي جو ايڊيٽر هوندو هو- هن رسالي ۾ ڳوٺاڻن جي ڀلائي ۽ بهبود جي هر موضوع سان گڏ ادبي، مزاحيه ۽ معلوماتي مواد شايع ڪيو ويندو هو- هر ماه سرڪاري ڪارڪردگي بابت تصويرون به ڏنيون وينديون هيون- هي رسالو مفت عوام کي ڏنو ويندو هو ۽ اولهه پاڪستان گورنمينٽ پريس ۾ ڇپيو ويندو هو.

لطيف ماهوار حيدرآباد

هي رسالو مارچ ۱۹۵۶ع کان حيدرآباد مان نڪتو. سنڌ جو مشهور استاد ۽ عالم مخدوم امير احمد هن رسالي جو ايڊيٽر هوندو هو ۽ ايم اي مغل هن جو سب ايڊيٽر هو. هن رسالي

۾ تاريخي، مذهبي، ادبي ۽ تحقيقاتي مضمون ۽ مقالا شايع ڪيا ويندا هئا. تمام معياري رسالو ٿي نڪتو مگر ٿورو وقت هلي بند ٿي ويو.

مغل طبي ميگزن ماهوار حيدرآباد

هي رسالو حڪيم مرزا علي احمد ولد ڊاڪٽر محمد خان مغل، جوائنٽ سيڪريٽري سنڌ طبيه ڪاليج جي ڪوشش ۽ ايڊيٽري هيٺ مئي ١٩٥٦ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. جديد ۽ قديم طب جي مختلف پهلوئن تي عمدو مواد ڇپيو ويندو هو. ان کان علاوه مختلف بيمارين، انهن جي بچاءَ جي طريقن ۽ علاج بابت به معلومات ڏني ويندي هئي. طبي سوال جواب بہ ڏنا ويندا هئا. هي رسالو اسلاميه پرنٽنگ پريس ۾ ڇپيو ويندو هو.

فلم هفتيوار حيدرآباد

هي باتصوير فلمي پرچو مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي پنهنجي هفتيوار سلسلي عبرت جي سهاري هيٺ ٢٩ جون ١٩٥٦ع کان ڪڍڻ شروع ڪيو. ايس - ايم اسماعيل هن پرچي جو ايڊيٽر ۽ راٺو اسسٽنٽ ايڊيٽر هو. هر هفتي فلمي خبرون، تصويرون ۽ ٻيو تفريحي مواد ڏنو ويندو هو. هي رسالو اسلاميه پرنٽنگ پريس لڳ زنانه اسپتال الهندو ڪچو حيدرآباد ۾ ڇپيو ويندو هو.

هدايتہ الاخوان ڳوٺ ڳاڙهي موري

هي رسالو سومرا ايسوسيئيشن سنڌ جي سهاري هيٺ ١٩٥٦ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. غلام قادر سومرو ۽ صاحبڏنو سومرو هن رسالي جا ايڊيٽر رهيا. هن رسالي ۾ سومرا تاريخ ۽ شجري سان گڏ علمي، ادبي، تاريخي ۽ معلوماتي مواد ڏنو ويندو هو. ميان صاحبڏنو سومرو هن رسالي جو سرپرست ۽ سرگرم ڪارڪن هو. رسالي ۾ سٺا شعر بہ ڏنا ويندا هئا. هي رسالو منگي آرٽ پريس لوڪس پارڪ سکر ۾ ڇپيو هو.

شاعر پڻ ماهي حيدرآباد

هي رسالو انجمن علم ادب هالا جي سهاري ۽ مخدوم طالب المولى جي سرپرستي هيٺ جون ١٩٥٦ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. مرحوم غلام محمد گرامي هن رسالي جو ايڊيٽر هو. هن رسالي جو ٻهريون پرچو "موسيقي نمبر" جي نالي سان نڪتو ۽ ان ۾ راڳ موسيقي جي باري ۾ نهايت عمدو مواد شايع ٿيو. هي رسالو ٻن پرچن کان پوءِ ٽه ماهي ٿيو. هن ۾ عمدو ادبي ۽ معلوماتي مواد شايع ٿيندو هو. هي رسالو سنڌ يونيورسٽي پريس حيدرآباد ۽ ناطق سنڌ پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

فلمي دنيا ماهوار حيدرآباد

هي باتصوير رسالو نومبر١٩٥٦ع کان سولجر بازار حيدرآباد مان نڪرڻ لڳو. اميرعلي شيخ رسالي جو چيف ايڊيٽر، ايم. اقبال بروهي ۽ ممتاز مرزا سب ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ رنگين تصويرون ۽ فلمي دنيا بابت سڀ تفريحي ۽ معلوماتي مواد ڏنو ويندو هو. ڪجهه ادبي مضمون، ڪهاڻيون ۽ شعر وغيره به ڏنا ويندا هئا. هي رسالو سعيد آرٽ پريس، رسالا روڊ حيدرآباد ۽ تاج محل پريس شاهي بازار حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

هلال پاڪستان جو ماهوار ايڊيشن حيدرآباد

روزانه هلال پاڪستان حيدرآباد پاران هي ماهوار ايڊيشن نومبر ١٩٥٦ع کان نڪتو. هي با تصوير علمي، ادبي ۽ معلوماتي پرچو هو. مرحوم عبدالشڪور منشي هن جو سرپرست ۽ محمد بخش "جوهر" سنڌس ايڊيٽر هو. هي ايڊيشن نيو هلال پاڪستان پرنٽنگ پريس ۾ ڇپبو هو.

بادل ماهوار رتوديرو

هي ٿ رسالو ١٩٥٦ع ۾ رتو ديرو ضلعو لاڙڪاڻو مان نڪرڻ لڳو. هي خالص فلمي پرچو هو ۽ منجهس فلمي مضمون

ڊراما، فلمي اداڪارن جون تصويرون ۽ ٻيو تفريحي ۽ معلوماتي مواد شايع ڪيو ويندو هو.

1957ع— مارئي ماهوار حيدرآباد

هي رسالو مرحومه بيگم زينت عبدالله چنه جي سرپرستي ۽ ايڊيٽري هيٺ فبروري ١٩٥٧ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. سنڌي عورتن ۾ علمي، ادبي ۽ سماجي بيداري پيدا ڪرڻ ۾ هن رسالي شاندار ڪم ڪيو. چار پنج سال ڪاميابيءَ سان هليو پر پوءِ اطلاعات کاتي جي اڻبڻت جي ڪري بند ٿي ويو. وري ١٩٧٠ع ۾ وڏي سائيز ۾ هفتيوار ٿي نڪتو پر سگهوئي مالي مشڪلاتن جي ڪري بند ٿي ويو. هي رسالو خالص ادبي ۽ معلوماتي هو ۽ تاج محل پريس حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي پريس حيدرآباد، پايونير پريس حيدرآباد ۽ زينت پرنٽرس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

1958ع— روشني ماهوار ٽنڊومحمد خان

هي ماهوار علمي، ادبي، تاريخي ۽ معلوماتي رسالو١٩٥٨ع کان نڪتو. غلام علي الانا "ناشاد" (هاڻي ڊاڪٽر) هن رسالي جو ايڊيٽر هو. هن رسالي پاران ڪجهه نمبر به نڪتا جهڙوڪ "امامت نمبر" ۽ "تخت نيشني نمبر" وغيره. هي رسالو سنڌ پرنٽنگ پريس گڊس ناڪه ۾ ڇپبو هو.

1959ع— گل ڦل ماهوار حيدرآباد

ٻارن لاءِ هيءُ باتصوير رسالو سنڌي ادبي بورڊ پاران جنوري ١٩٥٩ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. غلام رباني آگرو سنڌي ادبي بورڊ جو موجوده سيڪريٽري رسالي جو ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ ٻارن جي دلچسپي جو علمي، ادبي، اخلاقي ۽ معلوماتي مواد شايع ٿيندو هو. ڪيترا سال نڪري ١٩٦٦ع ۾ بند ٿي ويو ۽ وري عوام جي اسرار تي جنوري ١٩٧٤ع کان نڪرڻ لڳو.

هن رسالي سان ظفرحسين شاه، شوڪت شورو، انور هالائي ۽ اڪبر جسڪاڻي وغيره وابسته رهيا آهن. سنڌي ادبي بورڊ جي پريس ۾ ڇپبو آهي ۽ ٻارن لاءِ سٺو رسالو آهي.

موحد ماهوار ميرپورخاص

هي ماهوار رسالو مولوي عبدالحق رباني جي سرپرستي ۽ ايڊيٽري هيٺ سيپٽمبر ١٩٥٩ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي جو مقصد سنڌ ۾ اسلامي ۽ اخلاقي ادب شايع ڪرڻ هو. هن ۾ اسلامي تاريخ ۽ تبليغ تي عمدو مواد ڏنو ويندو هو. هي رسالو رباني پرنٽنگ پريس ميرپورخاص ۾ ڇپبو هو.

انسان هفتيوار حيدرآباد

سنڌ جي جهوني صحافي، اديب ۽ اهل قلم مرحوم محمدعثمان ڏيپلائي هي باتصوير هفتيوار سلسلو ١٩٥٩ع کان ڪڍڻ شروع ڪيو. هن پرچي ۾ ننڍا افسانا، مضمون، آکاڻيون ۽ عام دلچسپي جون خبرون ڏنيون وينديون هيون. هن رسالي وهم پرستي ۽ پير پرستيءَ جي گندين رسمن جي پاڙ پٽڻ ۾ ڪافي جهاد ڪيو. هي رسالو اسلاميه پريس الهندو ڪچو حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

پيغام زندگي ماهوار ڪراچي

هيءَ ماهوار طبي رسالو ڊسمبر ١٩٥٩ع کان مٺو در ڪراچيءَ کان نڪرڻ شروع ٿيو. حڪيم حافظ محمد يعقوب قادري هن رسالي جو ايڊيٽر ۽ روح روان هو. هن رسالي ۾ علمي ادبي، طبي ۽ معلوماتي مواد ڇپبو هو. گهڻو لاڙو طبي معلومات ڏانهن هيس. هي رسالو نذير پرنٽنگ پريس ڪراچيءَ ۾ ڇپبو هو.

1960ع — مذهب انسانيت هفتيوار لاڙڪاڻو

هي هفتيوار رسالو ٨ جنوري ١٩٦٠ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. ذوالفقار علي راشدي هن رسالي جو ايڊيٽر هو. هن رسالي

جو اهم مقصد انسانن ۾ انسانذات جي خدمت جو جذبو پيدا ڪرڻ هو. هن رسالي ۾ تاريخي، سماجي، سياسي، ادبي مواد شايع ڪيو ويندو هو. هي باتصوير رسالو محمدي پرنٽنگ پريس اسٽيشن روڊ لاڙڪاڻه ۾ ڇپبو هو.

1961ع - پاڪستان لاڙڪاڻو ماهوار ايڊيشن

هفتيوار اخبار پاڪستان پاران هي ماهوار ايڊيشن ١٩٦١ع ڌاري نڪرڻ شروع ٿيو. محمد خان شيخ هن جو ايڊيٽر ۽ جان محمد سمون سب ايڊيٽر هو. هن ۾ ادبي ۽ معلوماتي مواد پيش ڪيو ويندو هو ۽ پاڪستان پريس ايمپائر روڊ لاڙڪاڻي ۾ ڇپبو هو.

1962ع — طبي مرڪز ماهوار ٽنڊو محمد خان

هي رسالو حڪيم غلام مرتضيٰ شاه جي ياد ۾ جنوري ١٩٦٢ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي جو سرپرست ۽ ايڊيٽر حڪيم سيد غلام مصطفيٰ شاه هو ۽ سنڌس سب ايڊيٽر محمد سليمان ٽيمڙ هو. هن رسالي ۾ طبي معلومات تي مبني عمدو مواد شايع ڪيو ويندو هو. ان سان گڏوگڏ مختلف بيمارين، انهن جا سبب ۽ علاج، سوال ۽ جواب پڻ ڏنا ويندا هئا.

روح رهاڻ ماهوار حيدرآباد

هي رسالو حميد سنڌي جي قائم ڪيل اداري "زندگي پبليڪيشن" پاران اپريل ١٩٦٢ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي خالص ادبي رسالو هو ۽ منجهس ترقي پسند اديبن جو مواد شايع ٿيندو هو. حميد سنڌي رسالي جو ايڊيٽر ۽ غياث جوڻيجو اسسٽنٽ ايڊيٽر هو. هن رسالي حيدرآباد شهر ۽ سنڌ جي ادبي دنيا ۾ سٺي هلچل پيدا ڪئي ۽ وقت جو مقبول رسالو هو. هي رسالو انڊس پرنٽرس رسالا روڊ حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

شمع صحت ماهوار حيدرآباد

هي رسالو اعظم طبيه ڪاليج حيدرآباد جي سهاري هيٺ سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ نومبر ١٩٦٢ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. حڪيم عبدالحق هن رسالي جو چيف ايڊيٽر هو. سنڌي حصي جا ايڊيٽر حڪيم محمد عثمان ۽ حڪيم محمد شريف خان هئا. هن رسالي ۾ طب تي عمدا مضمون ۽ مختلف بيمارين جا سبب ۽ علاج ڏنو ويندو هو. هي رسالو خادم وطن پريس صدر حيدرآباد ۽ زاهد پريس قلعو دروازو ۾ ڇپبو ويندو هو.

1963ع — ناظم ماهوار ايڊيشن شڪارپور

هي ماهوار پرچو هفتيوار ناظم اخبار پاران مارچ ١٩٦٣ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. محمد اسحاق هن جو ايڊيٽر ۽ فيروزاحمد جوائنٽ ايڊيٽر هوندا هئا. هن پرچي ۾ ادبي، سياسي، سماجي ۽ معلوماتي مواد شايع ڪيو ويندو هو. هي رسالو ناظم پرنٽنگ پريس ميمڻ محلو شڪارپور ۾ ڇپبو هو.

درمقصود ماهوار حيدرآباد

هي رسالو مئي ١٩٦٣ع کان ڪاشيانھ حسين هيرآباد، حيدرآباد مان نڪرڻ شروع ٿيو. سنڌ جو جهونو اديب ۽ شاه ڀٽائي جو محقق "ڪمتر نقوي" هن رسالي جو ايڊيٽر هو. هي خالص مذهبي رسالو هو ۽ منجهس اهل تشيعت تي سڄو مواد شايع ٿيندو هو. هي رسالو هاشمي پرنٽنگ پريس اسٽيشن روڊ حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

سنڌي ملسمان هفتيوار حيدرآباد

هي رسالو "سنڌو ساٿيهه مرڪز" پاران ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد مان آگسٽ ١٩٦٣ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. سنڌ جو جهونو صحافي مرحوم محمد خان "غني" هن رسالي جو ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ ادبي، تاريخي ۽ معلوماتي مواد شايع ڪيو ويندو هو. هي رسالو اسلاميه پرنٽنگ پريس الهندو ڪچو حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

1965ع — الرحيم ٽماهي ۽ ماهوار حيدرآباد

شاهه ولي الله دهلوي جي تعليم ۽ فلسفي کي عام ڪرڻ لاءِ حيدرآباد ۾ "شاهه ولي الله اڪيڊمي" قائم ٿيل آهي. هن اڪيڊمي جي سهاري هيٺ الحاج سيد عبدالرحيم شاهه سجاولي جي ياد ۾ هي رسالو پهريان ٽماهي ٿي ١٩٦٥ع کان نڪرڻ لڳو. سنڌ جو بزرگ عالم ۽ محقق مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي رسالي جو ايڊيٽر آهي. هاڻي هي رسالو ماهوار نڪري رهيو آهي ۽ منجهس ادبي، مذهبي ۽ تحقيقي مواد ڏنو ويجي ٿو. هن رسالي جو مشاهير نمبر مشهور پرچو آهي. هي رسالو زينت پرنٽرس حيدرآباد، نيو گرين پرنٽرس حيدرآباد، حيدري پرنٽنگ پريس حيدرآباد، قرآن پريس حيدرآباد ۽ سنڌ يونيورسٽي پريس ۾ ڇپجندو رهيو آهي.

اديون ماهوار ڪراچي

هي رسالو مرحوم شمس العلماء عمر بن محمد دائودپوٽي جي ياد ۾ جون ١٩٦٥ع کان نڪرڻ شروع ٿيو آهي. بيگم خديجه خانم دائود پوٽه هن رسالي جي روح روان ۽ ايڊيٽر هئي. هن رسالي سنڌي ادب جي شاندار خدمت ڪئي آهي. هن رسالي سنڌي زالن جي ڀلائي، بهبودي ۽ سڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هي رسالو سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي پاران منظور ٿيل هو. ١٩٧٨ع کان هي رسالو محمد بن قاسم سنڌي ادبي سوسائٽي حيدرآباد جي زير اهتمام نڪري رهيو آهي. عمرالدين بيدار هن وقت رسالي جو ايڊيٽر آهي. هي رسالو ٽيڪنيڪل پرنٽرس ميڪلوڊ روڊ ڪراچي ۽ انٽر نيشنل پريس ڪراچي ۾ ڇپبو آهي.

بادل ماهوار حيدرآباد

هي با تصوير رسالو آگسٽ ١٩٦٥ع کان گاڏي کاتو حيدرآباد مان نڪرڻ شروع ٿيو. جان محمد تونيري ۽ عبدالرحمان پليجو هن رسالي جا ايڊيٽر هئا. هن رسالي ۾ ادبي، فلمي ۽ معلوماتي

مواد شايع ٿيندو هو. هن رسالي ۾ گهڻو مواد فلمي هوندو هو. ان کان علاوه سياسي شخصيتن جا انٽرويو به ڏنا ويندا هئا. هي رسالو ١٩٧٠ع تائين نڪتو ۽ مفيد پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۽ جمالي پرنٽنگ پريس حيدرآباد وغيره ۾ ڇپبو هو.

1966ع — فن و فنڪار هفتيوار حيدرآباد

هي هفتيوار باتصوير پرچو ڪوڪر محلي حيدرآباد مان ١٩٦٦ع ۾ نڪرڻ لڳو. هن رسالي جو ايڊيٽر محمود يوسفاڻي هو ۽ سندس پانهن ڀيلي امتياز علي اوستو ۽ غلام حسين ڪوڪر هئا. هي ادبي ۽ معلوماتي پرچو هو. سندس خاص لاڙو فلمي مواد ڏانهن هو. فلمي خبرون ۽ تصويرون هن رسالي ۾ گهڻي قدر موجود هونديون هيون. هي رسالو ست سال کن نڪتو ۽ سنڌي ادب جي سٺي خدمت ڪيائين. هي رسالو مرتضيٰ پرنٽنگ پريس ڪوڪر محلو حيدرآباد وغيره ۾ ڇپبو هو.

انتخاب ڊائجسٽ حيدرآباد

هي ادبي ۽ معلوماتي ڊائجسٽ ١٩٦٦ع کان عزيز ڪتاب گهر فريد محلو حيدرآباد مان نڪرڻ لڳو. عزيز شيخ هن ڊائجسٽ جو اعزازي ايڊيٽر هو. ممتاز مرزا، محمد اسماعيل شيخ ۽ عبدالرحمان ميمڻ سندس مددگار هئا. هن ڊائجسٽ ۾ ادبي ۽ معلوماتي مواد شايع ڪيو ويندو هو. هي ڊائجسٽ پايونير پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

1967ع — سنڌي ڊائجسٽ حيدرآباد

هي ماهوار با تصوير ڊائجسٽ ”ڪائنات پبليڪيشن“ حيدرآباد جي سهاري هيٺ ١٩٦٨-٦٧ع کان نڪتو. محمد بخش جوهر هن ڊائجسٽ جو ايڊيٽر ۽ سرپرست هو. هن ڊائجسٽ ۾ ادبي، معلوماتي ۽ تفريحي مواد شايع ٿيندو هو. ١٩٧٥ع تائين محمد بخش جوهر ڪڍندو رهيو. ١٩٧٥ع ۾ هن رسالي جو نئون دور شروع

ٿيو. جڏهن هي رسالو محمد بن قاسم سنڌي ادبي سوسائٽي لطيف آباد پاران ساڳي نالي هيٺ نڪرڻ لڳو. ان وقت کان هي رسالو ادبي ۽ مذهبي رسالو ٿي نڪتو. ايوب انصاري، مشتاق احمد پٺاڻ ۽ جي - ايچ حيدري سنڌس ايڊيٽر رهيا. آخري پرچو سيپٽمبر ١٩٧٩ع جو نڪتل ڏسجي ٿو. هي رسالو مرتضيٰ پريس ڪوڪر محلو حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

1970ع – سهڻي ماهوار حيدرآباد

١٩٥٩ع ڌاري طارق اشرف ۽ غلام نبي مغل "اداره ادب نو" نالي هڪ اشاعتي ادارو قائم ڪيو. هن اداري سٺا ادبي ڪتاب شايع ڪيا. ١٩٦٦ع ۾ هن اداري پاران سهڻي ڪتابي سلسلو جاري ڪيو ويو. ١٩٦٨ع ۾ سهڻي پبليڪيشن قائم ٿي ۽ ١٩٧٠ع تائين ان جا ڇهه ڪتاب نڪتا. ١٩٧٠ع کان سهڻي پبليڪيشن تحت ماهوار سهڻي نڪتو جيڪو مئي ١٩٧٥ع تائين باقاعدگي سان نڪرندو رهيو. پوءِ وقت جي حڪومت مٿس بندش وڌي. وري ١٩٧٧ع کان سهڻي پبليڪيشن تحت ڪتاب شايع ٿيڻ لڳا. ان دوران طارق اشرف تخليق پبليڪيشن ۽ نيو فيلڊس پبليڪيشن به قائم ڪيا ۽ ادبي ڪتاب ڏنا آهن. سهڻي ڪتابي سلسلي يا ماهوار سهڻي کي سنڌي ادب ۾ خاص مقام حاصل آهي. هن رسالي سنڌي ادب جي شاندار خدمت ڪئي آهي. طارق اشرف پاران شروع ڪيل ڪتابي سلسلن جو دنيا ۾ هي پهريون تجربو هو ۽ سنڌي ادب ۾ ڏاڍو ڪامياب ثابت ٿيو آهي.

جهان نو ماهوار سکر

هي ماهوار علمي ۽ مذهبي رسالو رهنما پبليڪيشن پاران مئي ١٩٧٠ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. محمد علي سرهندي هن جو ايڊيٽر هو. بعد ۾ هي رسالو سنڌڙي پبليڪيشن پاران نڪرڻ لڳو ته سنڌس مئنيجنگ ايڊيٽر اسد الله پٺو ۽ ايڊيٽر غلام قادر جتوئي ٿيو. ادبي، مذهبي ۽ معلوماتي رسالو هو ۽ يونائيٽيڊ پڪيجز لميٽيڊ سکر ۾ ڇپبو هو.

پيچل ٽه ماهي حيدرآباد

هي ٽه ماهي رسالو ڳاڏي کاتو حيدرآباد مان جون ١٩٧٠ع کان نڪتو. عبدالحق "عظيم" هن رسالي جو ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ ادبي، علمي ۽ معلوماتي مواد شايع ڪيو ويندو هو. هي رسالو سنڌ پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

رهبر ڊائجسٽ ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار رسالو آگسٽ ١٩٧٠ع کان ڳاڏي کاتو حيدرآباد مان نڪتو. اي - ڊبي وسان رسالي جو چيف ايڊيٽر ۽ عابد لغاري ايڊيٽر رهيا آهن. هن رسالي جو لاڙو مذهبي خيالن جي ادبي مواد ڏانهن هو. علمي ۽ معلوماتي مواد به شايع ڪيو ويندو هو. هي رسالو ڪجهه وقت بند ٿي وري آگسٽ ١٩٧٥ع کان نڪتو. هي رسالو انڊس پرنٽرس رسالا روڊ حيدرآباد ۾ ڇپبو هو. هن وقت بند ٿيل آهي.

پيچل سه ماهي ڳاڏي کاتو حيدرآباد

هي ٽه ماهي رسالو "پنهور ڪلچرل پبليڪيشن" پاران ١٩٧٠ع ۾ نڪتو. هي ادبي، فلمي ۽ تفريحي پرچو هو. خالد سنڌي هن جو مرتب هو ۽ اسحاق عباسي، ابرار قريشي ۽ ايشورداس سندس پاڻهن پيلي هئا. هي رسالو ڪجهه وقت نڪري بند ٿيو ۽ ١٩٧٤ع ۾ چارڻ جي نالي سان ماهوار ٿي نڪتو. هي رسالو مرتضيٰ پريس ڳاڏي کاتو حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

١٩٧١ع — سائنس ماهوار سنڌيونيورسٽي ڄامشورو

هي رسالو سنڌ يونيورسٽي پاران جنوري ١٩٧١ع کان نڪرڻ شروع ٿيو آهي. شروع ۾ ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي رسالي جو ايڊيٽر ۽ ظفر حسن شاه ۽ غلام مرتضيٰ پني اسسٽنٽ ايڊيٽر هئا. سائنسي معلومات تي مشتمل مضمون شايع ڪيا ويندا آهن.

هاڻي هي رسالو سنڌ سائنس سوسائٽي پاران نڪري رهيو آهي ۽ ڊاڪٽر محمدعلي مهيسر ايڊيٽر ۽ غلام مرتضيٰ پنهور اسسٽنٽ ايڊيٽر آهن. هن وقت سنڌ يونيورسٽي پريس ۾ ڇپيو آهي. الحاج سيد غلام مصطفيٰ شاهه، ڊاڪٽر ممتازعلي قاضي ۽ ڊاڪٽرغلام علي الانا جن رسالي جا پايو وجهندڙ آهن.

اخبار وطن هفتيوار ڪراچي

هي هفتيوار رسالو پي- اي- سي- ايچ سوسائٽي مان مارچ ١٩٧١ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. مير علي بخش ٽالپور هن رسالي جو مئنيجنگ ايڊيٽر ۽ قادر بخش نظاماڻي ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر هئا. هن ۾ ادبي، تفريحي ۽ معلوماتي مواد شايع ڪيو ويندو هو. هي رسالو وفائي پريس پاڪستان چوڪ ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

مرتضيٰ ماهوار لاڙڪاڻو

هفتيوار اخبار مرتضيٰ لاڙڪاڻي پاران هي ماهوار ايڊيشن اپريل ١٩٧١ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. محمد بچل پنهور ۽ غلام تقي جعفري هن رسالي جا ايڊيٽر هئا. هن رسالي ۾ ادبي، تاريخي، سياسي ۽ معلوماتي مواد شايع ڪيو ويندو هو. هي رسالو مرتضيٰ پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻي ۾ ڇپبو هو.

هلال سنڌ هفتيوار ٽنڊو محمد خان

هي رسالو "هلال سنڌ پبليڪيشن" ٽنڊو محمد خان پاران ١٩٧١ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. عقيل ابراهيم هن رسالي جو نگران هو. رسالي جو ايڊيٽر م-ص- بلوچ ۽ محمد صديق ويڙهو قاضي نعيم الدين ۽ نسيم واسطي سندس پاڻهن پيلي هئا. هن ۾ ادبي، سياسي ۽ معلوماتي مواد شايع ڪيو ويندو هو. هي رسالو حيدري پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

1972ع — ملير ڊائجسٽ ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار ڊائجسٽ اپريل ١٩٧٢ع کان حيدرآباد مان نڪرڻ شروع ٿيو. عبدالغفور ميمڻ هن ڊائجسٽ جو ايڊيٽر ۽ پناهه جگر سنڌي سندس پاڻهن پيلي هو. ان کان علاوه نسيم سنڌي، قربان جعفري، عبدالسلام ميمڻ وغيره جو به هن رسالي سان

ساٿ هو. هي ادبي، معلوماتي ۽ اصلاحي ڊائجسٽ هو. ڪجهه وقت بند ٿي وري اپريل ١٩٧٥ع کان نڪتو. هي رسالو پرفيڪٽ پرنٽرس حيدرآباد ۽ جمالي پريس حيدرآباد وغيره ۾ ڇپبو هو.

هلال وطن هفتيوار ميرپورخاص

هي هفتيوار رسالو جولاءِ ١٩٧٢ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. علي مراد ڪالرو هن رسالي جو ايڊيٽر ۽ مشتاق سگريو سب ايڊيٽر هئا. هن رسالي ۾ ادبي ۽ معلوماتي مواد شايع ڪيو ويندو هو. هي رسالو جمالي پريس حيدرآباد ۽ عيد مبارڪ پريس ميرپورخاص ۾ ڇپبو هو.

سوجهرو ماهوار ڪراچي

هي رسالو نيو ٽائون ڪراچيءَ مان ڪجهه اديب سنڌي عورتن آڪٽوبر ١٩٧٢ع کان ڪڍڻ شروع ڪيو. گل بانو سلطان هن رسالي جي ايڊيٽر هئي ۽ فهميده ميمڻ، نرگس هوديائي ۽ سحر امداد سنڌس ڀاتهن پيلي هيون. ان کان علاوه تاج بلوچ ۽ قربان جعفري جو به رسالي سان ساٿ هو. هي باتصوير ادبي ۽ معلوماتي رسالو هو. هي رسالو پاڪستان هيرالڊ پريس ڪراچيءَ ۾ ڇپبو هو.

تحريڪ ماهوار حيدرآباد

هي رسالو "تحريڪ پبليڪيشن" حيدرآباد پاران آڪٽوبر ١٩٧٢ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. قاسم پٿر سنڌي، خالد سنڌي، پناهه جگر سنڌي، عالم شاهه وغيره هن رسالي جا مرتب ۽ روح روان هئا. هن رسالي ۾ ترقي پسند ۽ قوم پرست ادبي مواد شايع ٿيندو هو. ١٩٧٨ع ۾ بند ٿي وري ١٩٧٩ع ۾ نڪتو. هي رسالو سردار پريس حيدرآباد، سهڻي پريس حيدرآباد ۽ فردوس پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو. هن وقت بند آهي.

مارئي هفتيوار حيدرآباد

سنڌي عورتن ڪجهه وقت اڳ ساڳئي نالي سان ماهوار

رسالو نڪرندو هو. هي رسالو ساڳي انتظاميه هيٺ نومبر ۱۹۷۲ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. بيگم زينت چنا رسالي جي ايڊيٽر هئي. حميد سنڌي، غلام رباني ۽ حسين شاه سنڌس صلاحڪار ۽ علي بابا اسسٽنٽ ايڊيٽر هو. هي رسالو باتصوير ۽ وڏي سائيز ۾ نڪتو. هن ۾ علمي، ادبي، ثقافتي ۽ معلوماتي مواد شايع ڪيو ويندو هو، هي رسالو زينت پرنٽرس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

1973ع – مارووڙا ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار رسالو مارچ ۱۹۷۳ع کان نڪتو. هاري ۽ مزدور جي ترجماني ڪندڙ هن رسالي ۾ ترقي پسند ۽ قوم پرست ادبي، سياسي ۽ معلوماتي مواد ڏنو ويندو هو. لالاقادر، اين چنا، "نياز"، شيخ اياز، وفا پلي، ساجده صديقي، دليپ ڪمار، مقبول شمسي، امداد حسيني، غلام نبي مغل ۽ ظفر ڪاظمي وغيره هن رسالي سان منسلڪ رهيا. هي رسالو شاهد پرنٽنگ پريس صدر حيدرآباد ۽ زينت پرنٽرس الهندو ڪچو حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

شريعت ماهوار سکر

هي رسالو گلشن عيدگاهه سکر مان جون ۱۹۷۳ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. مولوي فضل الله انڍهڙ ۽ عبدالوهاب چاچڙ هن رسالي جا ايڊيٽر هئا. خالص مذهبي رسالو هو. اسلامي تاريخ فقه ۽ بنيادي اصولن تي مواد شايع ٿيندو رهيو. هي رسالو همدرد پريس پنم روڊ سکر ۽ يونائيٽيڊ پيڪيجز سکر ۾ ڇپبو هو.

المدينه ماهوار پيٺو شريف

هي رسالو دارالعلوم المدينه پيٺو شريف مان ۱۹۷۲-۷۳ع کان نڪرڻ لڳو. مولانا محمد عالم صاحب رسالي جو سرپرست محمد ابراهيم سجاولي ايڊيٽر ۽ محمد حسين شاه ۽ عبيدالله پنهور نائب ايڊيٽر ۽ مولوي محمد عارف سنڌي پانهن پبلشر هئا. هي رسالو علمي، ديني، ادبي ۽ تاريخي مواد شايع ڪندو هو. سنڌ پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

ٻرسات هفتيوار/ماهوار ڪراچي

هي باتصوير رسالو پهرياڻين هفتيوار پوءِ ماهوار ٢-٧٣-١٩٧٣ع کان پي. اي. سي. ايڇ سوسائٽي ڪراچي مان نڪرندو رهيو. يوسف شاهين رسالي جو ايڊيٽر ۽ سرپرست هو. وڏي سائيز تي نڪرندڙ هن رسالي ۾ ادبي، سياسي، معلوماتي ۽ تفريحي مواد شايع ٿيندو رهيو. هي رسالو ملت پرنٽنگ پريس ڪراچي وغيره ۾ ڇپجندو رهيو. هن وقت هي رسالو بند ٿي ويل آهي.

اطفال ڊائجسٽ ميرپورخاص

هي ڊائجسٽ بزم اطفال پاران فيبروري ١٩٧٣ع کان نڪرڻ لڳو. هن بزم جو صدر مير امان الله خان ٽالپور ۽ سيڪريٽري خان محمد خاصخيلي هو. هن ڊائجسٽ جو مرتب انور علي بلوچ هو. هي ٻارن لاءِ علمي ۽ ادبي ڊائجسٽ هو ۽ جمالي پريس الهندو ڪچو حيدرآباد ۾ ڇپيو هو.

1974ع— انڊلٽ ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار ڊائجسٽ اپريل ١٩٧٤ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي باتصوير ادبي، معلوماتي ۽ دلچسپ رسالو هو. غلام محمد ميمڻ مئنيجنگ ايڊيٽر، مشتاق احمد شورو ايڊيٽر ۽ ظفر حسن ۽ شوڪت حسين شورو صلاحڪار هئا. هي ڊائجسٽ پرفيڪٽ پرنٽرس حيدرآباد ۾ ڇپيو هو.

گلن جهڙا ٻارڙا ماهوار ڪراچي

روزاني هلال پاڪستان ڪراچيءَ پاران ٻارن لاءِ هي باتصوير ماهوار رسالو جون ١٩٧٤ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. محمود يوسفاڻي هن رسالي جو ايڊيٽر هو ۽ راز ناٿن شاهي سنڌس صلاحڪار ۽ حسام سومرو ٻانهن ٻيلي هو. ٻارن لاءِ علمي، ادبي، معلوماتي ۽ تفريحي ادب ڏنو ويندو هو. هي رسالو اين. پي. ٽي پريس ۽ مشرق پريس ڪراچي ۾ ڇپيو هو.

هلچل ماهوار/هفتيوار حيدرآباد

هي باتصوير ۽ وڏي سائيز ۾ رسالو ڪونڌي والاءُ چيمبرس حيدرآباد مان پهريان ۱۹۷۴ع ۾ ۽ پوءِ آگسٽ ۱۹۷۷ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. نذرحسين بلوچ هن رسالي جو ايڊيٽر ۽ اڪبرعلي سيال سنڌس صلاحڪار هو. هي ادبي معلوماتي ۽ تفريحي رسالو هو ۽ زينت پرنٽرس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

1975ع— القاسم ماهوار ڪنڊڪوٽ

هي ماهوار رسالو مئي ۱۹۷۵ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. سيد محبوب علي "رهبر" هن رسالي جو ايڊيٽر هوندو هو. هي ادبي ۽ معلوماتي رسالو هو. هي رسالو صفدر پريس ڪنڊڪوٽ ۾ ڇپبو هو.

نئون نياپو ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار رسالو "سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن" پاران جولاءِ ۱۹۷۵ع کان نڪرڻ لڳو. رئيس غلام مصطفيٰ جتوئي ڌڏهوڪو وزير اعليٰ سنڌ هن رسالي جو سرپرست، راڻو خان پنهور چيف ايڊيٽر ۽ فتح محمد پنهور ايڊيٽر هئا. ان کان علاوه نثار حسين، منورعلي جويو ۽ نصير مرزا جو به رسالي سان ساٿ هو. هي ادبي ۽ ملوماتي رسالو هو ۽ پاپولر پرنٽرس ٽڏي سڙڪ حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

منصور ماهوار لاڙڪاڻو

هي ماهوار رسالو نومبر ۱۹۷۵ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. نواز عباسي هن رسالي جو ايڊيٽر، زينت سنڌي سب ايڊيٽر ۽ اقبال سيمڻ مئنيجر هوندا هئا. هي ادبي ۽ معلوماتي رسالو هو ۽ محمدي پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻي ۾ ڇپبو هو.

چارڻ ماهوار حيدرآباد

هي رسالو ۷۶-۱۹۷۵ع کان نڪتو. خالد سنڌي هن

رسالي جو چيف ايڊيٽر ۽ ايچ. اي بخاري، اڪبر بادشاه ۽ مولاداد سروري سندس پانهن پيلي هئا. هي رسالو قومي انقلابي جدوجهد جو ترجمان هو. هن ۾ قوم پرست ۽ ترقي پسند ادبي سواد شايع ٿيندو هو.

اسماعليم بليٽن ۾ ماهي ڪراچي

هي رسالو اسماعيليه انسوسئيشن جي سهاري هيٺ ١٩٧٥ع کان نڪري رهيو آهي. هي رسالو انگريزي سنڌي، اردو ۽ گجراتي ٻولين ۾ نڪري ٿو. هي باتصوير پرچو آهي. هن رسالي ۾ اسلامي تاريخ تي مضمون ۽ اسماعيليه فرقي جي سماجي ڪارگذارين تي مواد شايع ٿئي ٿو.

1976ع— پيغام ماهوار ڪراچي

هي رسالو حڪومت سنڌ جي اطلاعات کاتي پاران مئي ١٩٧٦ع کان نڪرڻ شروع ٿيو آهي. هي باتصوير ادبي، معلوماتي ۽ تحقيقي رسالو آهي. حڪومت سنڌ جو اطلاعات سيڪريٽري هن رسالي جو نگران ۽ عبدالحليم شيخ ۽ ڪريم بخش "خالد" ايڊيٽر ۽ محمد موسيٰ سومرو اسسٽنٽ ايڊيٽر آهي. هي رسالو افريشيا پريس ڪراچي ۾ ڇپجي رهيو آهي.

سنڌي ادب ڇهماهي ڄامشورو

هي علمي، ادبي، تحقيقي ۽ معلوماتي رسالو ١٩٧٦ع کان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پاران نڪرڻ لڳو آهي. هن رسالي جي جي ايڊيٽوريل بورڊ تي سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ عبدالقادر جوڻيجو شامل آهن. هن رسالي ۾ اڪثر ڪري سنڌ يونيورسٽي جي استادن جا تحقيقي مقالا شايع ٿيندا رهن ٿا. هي نهايت معياري رسالو آهي، مگر نهايت irregular آهي. هي رسالو سنڌ يونيورسٽي پريس ۾ ڇپجي رهيو آهي.

نئين دنيا پبليڪيشن جو ماهوار سلسلو سکر

هي ماهوار سلسلو نئين دنيا پبليڪشن پاران ١٩٧٦ع ۾

ڪڍيو ويو هو. هن ۾ ترقي پسند ادبي ۽ معلوماتي مواد ڇاپيو ويندو هو. رزاق مهر هن سلسلي جو مرتب ۽ نظير ڏوڻ سنڌس پاڻهن پيلي هو. هن سلسلي جا ڪتاب محمدي پريس جناح روڊ لاڙڪاڻي ۾ ڇپيا هئا.

1977ع— الراشد ماهوار پير جو ڳوٺ

هي رسالو جميعت العلماء سڪندريه پير جو ڳوٺ مان راشدي خاندان جي جد امجد حضرت پير محمد راشد جي ياد ۾ سنڌن نالي پنيان ١٩٧٧ع کان نڪتو. مفتي عبدالرحيم سڪندري رسالي جو مرتب هو ۽ مفتي درمحمد سڪندري ۽ مفتي محمدرحيم سڪندري سنڌس پاڻهن پيلي هئا. هن رسالي ۾ مذهبي تبليغي ۽ تاريخي مواد شايع ٿيندو هو. اڄ ڏزن پرها نڪري بند ٿي ويو آهي. هي رسالو اسٽار پرنٽرس پائي خان چاڙهي حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

1978ع— هدايت هفتيوار حيدرآباد

هي هفتوار رسالو جنوري ١٩٧٨ع کان ڊاڪٽرس ڪالوني حيدرآباد مان نڪتو. عمرالدين ”بيدار“ هن رسالي جو ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ علمي، ادبي، سياسي ۽ تحقيقي مواد شايع ٿيندو هو. هي رسالو زينت پرنٽرس الهندو ڪچو حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

1980ع— الصادق ماهوار ڪراچي

هي رسالو مظهرالعلوم کڏي ڪراچيءَ مان مولانا محمدصادق کڏي واري جي ياد ۾ نڪتو آهي. پهريان هي رسالو منبرالاسلام جي نالي هيٺ اردو ۾ نڪتو. ١٩٨٠ع جي شروعات ۾ سنڌي زبان ۾ مٿين نالي سان نڪري رهيو آهي. حافظ محمداسماعيل رسالي جو ايڊيٽر آهي. هي خالص مذهبي رسالو آهي ۽ سنڌ پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو آهي.

ڪاوش پندرهروزه حيدرآباد

هي باتصوير رسالو عبرت پبليڪيشن پاران مئي ۱۹۸۰ع
کان نڪرڻ لڳو آهي. قاضي افضل عابد هن رسالي جو مئنيجنگ
ايڊيٽر، قاضي اسد عابد چيف ايڊيٽر ۽ عبدالغني درس ايڊيٽر
آهي. هن رسالي ۾ ادبي، معلوماتي ۽ تفريحي مواد ڏنو ويو
ٿو. هي رسالو پاپولر پرنٽرس حيدرآباد ۾ ڇپبو آهي.

سنڌ نيوز ڊائجسٽ ماهوار حيدرآباد

هي ڊائجسٽ روزانه سنڌ نيوز اخبار جي اداري پاران
جون ۱۹۸۰ع کان نڪرڻ لڳو آهي. اسلم اڪبر قاضي هن
ڊائجسٽ جو مئنيجنگ ايڊيٽر ۽ عبدالقادر جوڻيجو سنڌس اعزازي
صلاحڪار آهي. هن ڊائجسٽ ۾ ادبي، معلوماتي، تاريخي ۽
تفريحي مواد شايع ٿي رهيو آهي. هي رسالو سنڌ پرنٽنگ ۽
پبلشنگ هائوس گاڏي کاتو ۾ ڇپبو آهي.

هزارداستان ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار ڊائجسٽ عبرت پبليڪشن پاران آگسٽ ۱۹۸۰
کان نڪرڻ شروع ٿيو آهي. هن رسالي جو مئنيجنگ ايڊيٽر قاضي اسد
عابد آهي. هن باتصوير ڊائجسٽ ۾ ادبي، معلوماتي ۽ تفريحي
مواد شايع ڪيو وڃي ٿو. هي رسالو پاپولر پرنٽرس حيدرآباد ۾
ڇپجي رهيو آهي.

بالڪ ماهوار حيدرآباد

روزانه سنڌ ٽائيمس حيدرآباد پاران هي ماهوار رسالو
سيپٽمبر ۱۹۸۰ع کان نڪتو آهي. محمد عثمان ڏيپلائي چيف
ايڊيٽر، خان محمد پنهور، ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر، نياز پنهور ايڊيٽر
آهي. انهن کان علاوه شفيع چانڊيو ۽ امداد سورائي ايڊيٽوريل
بورڊ تي شامل آهن. سنڌ يونيورسٽي ۾ قائم ڪيل اشاعتي
ادارو سنڌ پبلشرس هن رسالي جو ناشر آهي. پارن لاءِ هي

ادبي ۽ معلوماتي رسالو آهي. هي رسالو اسلاميه پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو آهي. ٻه ٽي پرچا نڪرڻ کان پوءِ جنوري ١٩٨١ع کان ماهوار نئون نياپو ۾ ضم ڪيو ويو آهي.

مارئي ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار رسالو ڪجهه وقت اڳ نڪتل رسالي ”ماهوار نئون نياپو“ جو ايڊيشن ٿي نڪتو آهي. هي رسالو به ”سنڌ پبلشرس“ جي ڪوشش سان نڪتو آهي. هن رسالي جو پهريون پرچو سيپٽمبر، آڪٽوبر ١٩٨٠ع جي مهينن جو شايع ٿي چڪو آهي. خان محمد پنهور رسالي جو ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر، زبيده ميتلو ايڊيٽر ۽ صبحان ابڙو اسسٽنٽ ايڊيٽر آهن. ايڊيٽوريل بورڊ تي ثريا مخدوم، حميده ميتلو، رخسانه جوکيو، ملڪه ميمڻ ڪشمير سومرو ۽ ڪوثر لغاري شامل آهن. عورتن لاءِ هي ادبي ۽ معلوماتي رسالو آهي. هي رسالو پاپولر پرنٽرس حيدرآباد ۾ڇپبو آهي. ٻه ٽي پرچا نڪرڻ کان پوءِ جنوري ١٩٨١ع کان ماهوار نئون نياپو ۾ ضم ڪيو ويو آهي.

نئون نياپو ماهوار حيدرآباد

هي رسالو اڳ سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن پاران ١٩٧٥ع کان نڪتو هو جو ٻه سال کن نڪري بند ٿي ويو. وري نئين انتظام، هيٺ نومبر ١٩٨٠ع کان سنڌ پبلشرس حيدرآباد جي سهاري هيٺ ادبي ۽ معلوماتي پرچو ٿي نڪتو آهي. هن رسالي سان هيٺيان حضرات وابسته آهن:- خان محمد پنهور، الهرکيو ڀٽ بشير احمد ميمڻ، گل شير بلوچ، ڊاڪٽر نعيم دريشاڻي، هدايت پريم، منصور عالم ابڙو، قيس ابڙو، امداد سورائي، عبدالرحمان شيخ، زبيده ميتلو ۽ نياز پنهور وغيره. هي رسالو پاپولر پرنٽرس حيدرآباد ۾ ڇپبو آهي.

ضميمو

هن ضميمي ۾ ذيل رسالن جي ڪجهه معلومات ڪاغذن ۾ هيٺ سٽي تي ويئي هئي ۽ ڪجهه دير سان ملڻ ڪري ۽ اڳيون مواد اڳ ڇپجي وڃڻ جي ڪري ان کي پنهنجي اصلي جاءِ تي نہ آڻي سگهيا آهيون. اميد تہ پڙهندڙ ان ڪوتاهي کي نظرانداز ڪندا.

ورهاڱي کان اڳ ذڪيل رسالا

1927ع- گيان اديم ماهوار ڪراچي

سندر ساهتيہ ماهوار رسالي جي مارچ - اپريل ١٩٢٧ع واري پرچي ۾ سمالوچنا جي عنوان هيٺ هي خبر ڇپي هئي - گيان اديم (ڪراچي) اپريل جو پرچو وڏي سائيز ۾ پهتل آهي. تصويرن جي سندرتا ۽ سٽاءَ جي سدنظر ههڙو رسالو سنڌ ۾ ڇڙو نڪتو هوندو. ليڪ بہ اڳي کان بهتر آهن. جي رسالو هن نموني نڪرندو رهيو تہ ٽن روپين ساليانبي چندي ۾ سستو ڇنبو. مٿئين خبر مان سمجهي سگهجي ٿو تہ هي رسالو ١٩٢٧ع جي شروعات ۾ نڪتو هوندو. ايڊيٽر وغيره جي معلومات نہ ملي سگهي آهي.

1935ع- الاسلام ماهوار سلطان ڪوٽ

هي رسالو مولوي صاحبڏاد ١٩٣٠ع ۾ ڪڍيو هو، جو چار سال کن هلي بند ٿي ويو هو. وري مولوي صاحبڏاد صاحب جي ايڊيٽري هيٺ آگسٽ ١٩٣٥ع کان نڪرڻ لڳو. هي رسالو اهل سنت والجماعت جو ترجمان هو. وهابين خلاف خاص ڪري ڪاٽ کهاڙا ڪنيائين. سنڌالاجي جي لائبريريءَ ۾ ڏهاڪو کن پرچا موجود آهن. هي رسالو شڪارپور پرنٽنگ پريس ۾ ڇپبو هو.

1941ع— فلمي دنيا ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار فلمي رسالو فلمي دنيا پبليڪيشن پاران اپريل ١٩٤١ع کان نڪرڻ لڳو. هن با تصوير رسالي ۾ فلمي شائقين لاءِ ڪافي مواد ڏنو ويندو هو. هي رسالو انگريزي ۽ سنڌي ٻولين ۾ نڪرندو هو ۽ پيتامبرداس سهجرام ۽ ليلا رام ٽ. کوبچند سنڌس ايڊيٽر هئا. صوڀراج شيوا رام سنڌن قانوني سٿپر هو. هن اداري پاران ڪافي ڪتاب به ڇپايا ويا هئا. هي رسالو پائنيئر پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

1947ع— جئه هند ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار با تصوير ادبي، سماجي ۽ سياسي رسالو ڀارت جيون ساهتيه منڊل پاران جنوري ١٩٤٧ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. ڇيڻانند ڀاوانداس لعلواڻي ايڊيٽر هئس. مارچ کان جولاءِ تائين پنجن مهينن جي پرچي ۾ ”باغي جوان“ جي نالي سان هڪ ناول ڇپيائون. سر ورق تي باغي جوان جي تصوير ڏيکاريل آهي جنهن جي هٿ ۾ هندستان جو جهنڊو آهي. ٻاپا پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

ڦولستان ماهوار حيدرآباد

ٻارن جي وندر، علم ادب ۽ اخلاق جي سڌاري لاءِ هي باتصوير ماهوار رسالو جنوري ١٩٤٧ع کان تاڪ روڊ حيدرآباد کان نڪرڻ شروع ٿيو. ساڳي نالي سان هڪ رسالو جنوري ١٩٣٩ع کان ڪراچيءَ مان نڪتل هو. اُهين ڇٽي سگهجي ٿو ته ان رسالي جي بند ٿيڻ کانپوءِ هي رسالو حيدرآباد مان ڪڍيو ويو هو.

—✻—

ورهاڱي کانپوءِ نڪتل رسالا

1948ع– رسالہ بزم لطيف ڇهہ ماهي حيدرآباد

هي تعليمي ۽ معلوماتي رسالو گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد پاران ١٩٤٨ع ۾ نڪتو. پروفيسر محبوب علي چنہ ان جو نگران ۽ محمد امين صديقي سيڪريٽري هو. هي رسالو اسلاميہ پريس الهندو ڪچو حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

1951ع– سرتاج ماهوار حيدرآباد

هي علمي، ادبي ۽ فلمي رسالو مئي ١٩٥١ع کان سواجر بازار حيدرآباد مان نڪتو. ايم- پي- ڪي- شام سندس ايڊيٽر ۽ روح روان هو. هن ۾ گهڻو مواد فلمي ڏنو ويندو هو. شاگردن جو بہ ڪالم ڏنو ويندو هو. هي رسالو حيدرآباد پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

سنڌي ادبي رسالو ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار علمي ۽ ادبي رسالو جون ١٩٥١ع کان سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي پاران ڪڍيو ويو. هي رسالو ورهاڱي کان اڳ بہ نڪرندو هو، مگر ورهاڱي جي ڪُٽڙ پٽڙ جي ڪري بند ٿي ويل ڏسجي ٿو. نئين انتظام هيٺ سندس ايڊيٽوريل بورڊ تي هيٺيان عالم ۽ اديب شامل هئا.

خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ (ايڊيٽر)
ڊاڪٽر محمد ابراهيم "خليل"
علامہ مخدوم اميراحمد ۽
محمد بخش "واصف"

سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي ١٩٢٧ع کان ديني ۽ دنيوي سنڌي ڪتابن جي اشاعت جو ڪم سرانجام پئي ڏنو هو ۽ مختلف موضوعن تي ٥٧ کن ڪتاب شايع ڪيائين. آنربل سيد ميران محمد شاهہ هن سوسائٽيءَ جو صدر ۽ خانبهادر محمدصديق

سيمڻ سنڌس جنرل سيڪريٽري هو. سنڌ جي عالمن اديبن جو هن سوسائٽي ۽ سنڌس رسالي سان هرقسم جو ساٿ هو. هن رسالي ۾ اعلي پيماني جا علمي، ادبي ۽ تحقيقي مضمون ۽ شعر شايع ٿيندا هئا.

محافظ خيرپور ميرس

هي تعليمي ۽ معلوماتي رسالو خيرپور اسٽيٽ اسٽوڊنٽس فيڊريشن پاران شاگرد برادري جي ڀلائي لاءِ ڪڍيو ويو هو. سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾ نڪرندو هو. سيد قائم علي شاهه جيلاني سنڌس ايڊيٽر هو. انگريزي حصي جو ايڊيٽر فتح محمد سنديلو هو. هادي بخش لاڙڪ مخزن سيڪريٽري هو. هي رسالو هلال پرنٽنگ پريس مشڪلو روڊ ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

1952ع — سارنگ ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار ادبي ۽ تفريحي رسالو جنوري ١٩٥٢ع کان نڪتو. سراج الحق قريشي سنڌس ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ ادبي سواد سان گڏ فلمي دنيا سان واسطو رکندڙ معلوماتي سواد، گجهارتون ۽ ٻارن جي وندر لاءِ معلوماتي سواد ڏنو ويندو هو. هن رسالي ۾ ”شمع معمر“ جي نالي سان اردو ۾ هڪ سلسلو به ڏنو ويندو هو. فلمي اداڪارائن جا رنگين فوٽو به ڏنا ويندا هئا. هي رسالو تاج محل پريس شاهي بازار حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

شعلہ ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار ادبي ۽ تفريحي رسالو مارچ ١٩٥٢ع کان نڪرڻ لڳو. ايس. ايم. اسماعيل هن رسالي جو ايڊيٽر هو. سرورق تي فلمي اداڪارائن جا فوٽو ڏنا ويندا هئا. هي رسالو الهلال پريس ٽنڊو الهيار ۽ جيد پريس ڪئمپبيل اسٽريٽ ڪراچيءَ ۾ ڇپبو هو.

1953ع— ڪسوٽي ماهوار لي مارڪيٽ ڪراچي

هي علمي، ادبي، اصلاحي ۽ فلمي رسالو مارچ ۱۹۵۳ ڪان نڪتو. فضل الرحمان فاضلاڻي سندس چيف ايڊيٽر ۽ رشيد احمد ۽ جميل ساغر سندس اسسٽنٽ ايڊيٽر هئا. هي رسالو ادبي پريس ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

1955ع— لطيف اورينٽل مئگزين ٽه ماهي حيدرآباد

هي ٽه ماهي علمي، ادبي ۽ تحقيقي رسالو آڪٽوبر ۱۹۵۵ع ڪان اورينٽل ڪاليج حيدرآباد پاران نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي ۾ سنڌي، اردو، عربي ۽ انگريزي لاءِ الڳ الڳ حصا هئا. مخدوم امير احمد پرنسيپال اورينٽل ڪاليج هن رسالي جو چيف ايڊيٽر ۽ غلام محمد پنهور مئنيجنگ ايڊيٽر هئا. سنڌي حصي جو ايڊيٽر عبدالسميع انصاري ۽ الاهي بخش ميال سب ايڊيٽر هو. عربي حصي جو ايڊيٽر مولوي وصي مظهر ندوي (حيدرآباد جو موجوده ميئر) هو. هي تمام معياري رسالو هو ۽ سنڌ يونيورسٽي پريس ۾ ڇپبو هو.

1957ع— ذوالفقار ماهوار ٽنڊو باگو

هي ماهوار ادبي، علمي ۽ معلوماتي رسالو آڪٽوبر ۱۹۵۷ع ڪان نڪرڻ لڳو. غلام رسول اي ”خاموش“ هن رسالي جو ايڊيٽر ۽ خواجه احسان ”پرويز“ سندس سب ايڊيٽر هو. هن رسالي جي هيڊ آفيس ٽنڊو باگو ۽ برانچ آفيس تلهار ۾ هئي. هن رسالي ۾ نثر نظم ۽ سوال جوابن جا ٿي مختلف حصا هوندا هئا. هن رسالي پاران جنوري ۱۹۵۸ع وارو پرچو ” امام آغا شاه ڪريم تخت نشيني“ نمبر ٿي نڪتو. هي رسالو سنڌ پرنٽنگ پريس گدس ناڪه حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

1960ع— فيوضات صديقه ماهوار شهدادڪوٽ

هي خالص مذهبي رسالو مدرسه حليميه درگاه شريف صديقه شهدادڪوٽ ضلعو لاڙڪاڻو پاران مارچ- اپريل ۱۹۶۰ع ڪان نڪتو. اهل سنت والجماعت جو تبليغي ۽ اخلاقي ترجمان هو. پر ٽن پرچن ڪان وڌيڪ ڪونه نڪتو.

كتابي سلسلا

باب ڏهون

ڪتابي سلسلا

سنڌي ٻوليءَ ۾ نڪرندڙ رسالن کي انيڪ مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پوي ٿو. حڪومت جو ڊڪليريشن حاصل ڪرڻ سڀ کان وڏي مشڪلات آهي. خوش قسمتي سان جيڪڏهن ڊڪليريشن ملي به ويو ته ان جي سر مٿان موت جي تلوار لٽڪيل رهي ٿي ۽ ڪيترا سنڌي رسالا ان تلوار جو بک ٿي ويا آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتابي سلسلا اهڙين حالتن جو نتيجو آهن. دنيا جو هي پهريون تجربو آهي. جيڪو نهايت ڪامياب ثابت ٿيو آهي. سڀ کان اول هي تجربو ١٩٥٤ع ۾ هالن مان فردوس ڪتابي سلسلو جاري ڪري ڪيو ويو. سليم هالائي ان سلسلي جو روح روان ۽ مرتب هو. ان سلسلي جي پهرين ڪڙي ۾ ٽي افسانا هر هڪ شهناز عزيز ڏوڪريوالا جو. آخرين اليڪشن بيگم عبدالله چنا جو ۽ ناڪام عاشق عثمان علي انصاري جو شايع ڪيا ويا. طارق اشرف هن تجربي ۾ نئون روح ڦوڪي ان کي اوج تي رسايو. هن ١٩٦٦ع ۾ سهڻي پبليڪيشن سلسلي جا ڪتاب ڪڍي ان جو پختو پايو وڌو. ان کان پوءِ جيڪي تجربا ٿي رهيا آهن، انهن جو مختصر احوال هن باب ۾ ڏنو وڃي ٿو.

ڪتابي سلسلن جي هن تجربي جي ڪاميابي يا ناڪامي جو دارو مدار انهن جي پڙهندڙن تي ئي آهي، ڇو ته انهن کي پڙهندڙن کان سواءِ ٻيو ڪنهن جو به سهڪار حاصل نه آهي. هونئن ته سنڌي رسالا جن کي خود حڪومت جو

ڊڪليئريشن حاصل آهي، هر سهڪار جهڙوڪ سرڪاري، غير ۽ خانگي اشتهار، پني جي ڪوٽا وغيره کان وانجها آهن، باقي ڪتابي سلسن لاءِ ان سهڪار جي اميد رکڻ اجائي آهي.

هن تجربي هيٺ ساڳي اداري پاران ڪنهن مقرر ٿيل مدي مثلاً هفتيوار، ماهوار، ٽه ماهي يا ڇهه ماهي وغيره کان سواءِ جڏهن دل چيو، مواد حاصل ٿيو يا ضرورت محسوس ٿي ته ڪنهن عنوان هيٺ ڪتاب ڪڍي ڇڏبو آهي ۽ هر دفعي نڪتل ڪتاب جو عنوان پهرين ڪتاب کان مختلف هوندو آهي ان ڪتاب ۾ مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون، افسانا، شعر وغيره ڏنا ويندا آهن ۽ اهي مواد جي لحاظ کان رسالن جهڙا ۽ سائيز جي لحاظ کان ڪتابن جهڙا هوندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن پبليڪيشن پاران بارهن ڪتاب نڪتا ته بارهن ئي ڪتابن جا عنوان يا سرا مختلف هوندا آهن. ان تجربي جي باري ۾ ٿورن لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته جيئڻ ڪارڻ لکين جتن ڪرڻا پون ٿا، تڏهن به جيئڻ جي راه ۾ لکين رڪاوٽون وڌيون وڃن ٿيون هاءِ سنڌي ٻولي تنهن جي بي وسي.

1954ع- فردوس ڪتابي سلسلو هالا- ايڊيٽر سليم هالائي ادبي سلسلو.

1966ع- سهڻي ڪتابي سلسلو حيدرآباد- طارق اشرف ١٩٧٠ع کان ماهوار رسالي جي صورت اختيار ڪيائين- پوءِ وقت جي حڪومت بندش وڌس، پريس پنهن جي اٿن.

1967-66ع- پارس ڪتابي سلسلو سکر- لطيف اڪيڊمي سکر پاران ادبي سلسلو- مکيه ڪارڪن شيخ عبدالرزاق ”راز“ دين محمد لاشاري، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، نوازعلي ”شوق“ وغيره. سنڌ زميدار پريس سکر مان ڇپيل.

1968ع- سانگي ڊائجسٽ سلسلو ٽنڊوالهيار- ادبي ۽ معلوماتي سلسلو محمد هاشم "اثر" ٻجاڻي، بدر عالم ٻجاڻي ۽ گلاب هڪڙو مرتب- منصور پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

اسٽوڊنٽس پبليڪيشن حيدرآباد ۽ نوابشاه- شاگردن لاءِ علمي، ادبي ۽ معلوماتي سلسلو- اسلم آزاد، گل محمد مستوئي ۽ ارشد جوڻيجو ايڊيٽوريل بورڊ جا ميمبر هئا. مرتضيٰ پريس ڪوڪر محلو حيدرآباد مان ڇپيل.

1969ع- سنڌو پبليڪيشن حيدرآباد: ترقي پسند ادبي سلسو- پناه جگر سنڌي مرتب- جمالي پريس گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپيل.

1970ع- انسانيت پبليڪيشن حيدرآباد: ادبي ۽ سماجي سلسلو ق-ع- سومار مرتب- پايونير پريس ۽ پاسبان پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

رهبر سنڌ پبليڪيشن حيدرآباد: علمي، ادبي ۽ معلوماتي سلسلو- سنڌي- اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ عزيز پنهي محمدشريف شيخ مرتب ۽ روح روان- نيوگرين پرنٽرس صدر حيدرآباد مان ڇپيل.

سجاڳي پبليڪشن حيدرآباد: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو- غلام دستگير پنهي، ظفر علي اڄڻ ۽ حسين بخش ٽيپو روح روان هئا. نشان پرنٽرس ڇوٽڪي گهٽي، جمالي پريس گاڏي کاتو ۽ خادم وطن پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

محل پبليڪيشن شڪارپور: ادبي معلوماتي سلسلوغلام رسول سيمڻ، نديم قاضي، سليم چنا ۽ بيدل مسرور ڪارڪن هئا.

ٽنڊ تنوار سلسلو حيدرآباد- ادبي ۽ معلوماتي سلسلو- نثارحسيني ۽ ناز پنهو روح روان- جمالي پريس ۽ پرفيڪٽ پرنٽرس صدر مان ڇپيل.

1971ع— چنگ پبليڪيشن نوابشاهه: ادبي ۽ معلوماتي سلسو
محمد خان ايم سيال مرتب- پرفيڪٽ پرنٽرس مان ڇپيل.

1972ع— جدو جهد سلسلو بدين: ادبي، سماجي ۽ سياسي سلسلو
مرحوم ڊاڪٽر نذير حسين حيدري جي يادي ۾ نڪتل
ڪامريڊ علي احمد جوڻيجو ۽ سليم سنڌي ڪارڪن-
الهٰس پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل.

لطيف پبليڪيشن ايل-ايم-سي ڄام شورو: لطيف مجلس
ايل-ايم-سي پاران ترقي پسند ادبي سلسلو، ارباب
سنڌي، افضل قريشي، محمد خان مخمور ۽ عبدالرحيم
سيال روح روان- پرفيڪٽ پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل.

سنڌو سلسلو حيدرآباد: ترقي پسند ادبي سلسلو، پير بخش
خاصخيلي ۽ قمر ڪوهستاني مرتب- الهٰس پرنٽرس مان ڇپيل.

فنڪار پبليڪيشن حيدرآباد: ادبي ۽ تفريحي سلسلو،
انور حسين سهتو، قربان علي سهتو ۽ عبدالرزاق مرتب-
جمالي پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

اروڙ پبليڪيشن مورو: ترقي پسند ادبي سلسلو، پهريون
ڪتاب شهيد عبدالرزاق سومرو جي ياد ۾ نڪتو- امداد
محمد شاه ۽ شهمير باگاڻي مرتب- پرفيڪٽ پرنٽرس
مان ڇپيل.

اڳتي قدم پبليڪيشن حيدرآباد: ترقي پسند ادبي سلسلو-
مدد علي سنڌي، خيام، فاروق قاضي، مهر علي مرزا ۽
شاه محمد مرتب- وري آڪٽوبر ١٩٧٤ع کان
نڪتو ۽ حسنين حيدر، ضمير لاڙڪ، همت علي پتافي ۽

مقبول حسين جو ساٿ هيس. پرفيڪٽ پرنٽرس حيدرآباد ۽ نئين سنڌ پريس ڪراچيءَ مان ڇپيل.

وينجهار پبليڪيشن حيدرآباد: ادبي ۽ مذهبي سلسلو. ايوب سنڌي ۽ جي - ايم - کوکر مرتب هن اداري پاران ماهوار "آئينو" به نڪتو. ڪجهه وقت نڪري بند ٿيو ۽ وري ۱۹۷۵ع ۾ نڪتو. ايجوڪيشنل پريس ڪراچي، پاڪستان هيرالڊ پريس ڪراچي ۽ مرتضيٰ پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

انقلاب پبليڪيشن حيدرآباد: ترقي پسند ادبي سلسلو. اي - ڪي مهر، عبدالقادر مهر ۽ محمد ڪاڄن مستوئي مرتب. پرفيڪٽ پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل.

نئين سنڌ پبليڪيشن حيدرآباد: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. مرتب منظور سومرو. پرفيڪٽ پرنٽرس مان ڇپيل.

1973ع - سنڌي پبليڪيشن سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. اعجاز سنڌي، خان محمد پنهور، مس تنوير جوڻيجو، عزيز ٻگوار ۽ مولا بخش لغاري مرتب ۽ ساٿي. پرفيڪٽ پرنٽرس/ حيدرآباد مان ڇپيل.

پروگريسو پبليڪيشن سلسلو سنڌيونيورسٽي ڄامشورو: ترقي پسند ادبي سلسلو. نذير عباسي (مرحوم)، سهيل سانگي ۽ آفتاب ميمڻ مرتب ۽ ساٿي - عارف پريس حيدرآباد ۽ پرفيڪٽ پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل.

ڪپيڪول پبليڪيشن ڪراچي / حيدرآباد: ادبي ۽ سماجي سلسلو. ڀريان گذري ڪراچي ۽ پوءِ حيدرآباد مان نڪتو. عمرالدين بيدار مرتب ۽ سرواڻ - انڊس پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

آئينو ڪتابي سلسلو حيدرآباد: وينجهار پبليڪشن پاران علمي، ادبي ۽ مذهبي سلسلو. ايوب سنڌي مرتب هو. ترقي پسند ڇوائيندڙن‌سان ڇڪتاڻ رهي. مرتضيٰ پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

لاٽ پبليڪيشن واره: ترقي پسند ادبي سلسلو. اياز سنڌي، سنڌو، گلزار سومرو مرتب ۽ ساٿي هئا. مدينه پريس لاڙڪاڻي مان ڇپيل.

تنڊ تنوار سلسلو حيدرآباد: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. نثار حسيني، ناز پنهور، ستار پروهي، نسيم ٿيبو، دادن بلوچ، نصير شاد، عزيز سمون ۽ منور جويو مرتب ۽ ساٿي هئا.

آدرش پبليڪيشن ڪراچي: ادبي ۽ سياسي سلسلو. عابد زبيري، سوز سمون ۽ نورمحمد شيخ مرتب ۽ ساٿي - سوشلزم جي تعليم ۽ اصولن جي پرچار ڪيائين. جي-ٽي-جي پريس ڪراچي مان ڇپيل.

ملهار ڪتابي سلسلو حيدرآباد: ادبي ۽ فلمي سلسلو. نئين سنڌ پبليڪيشن پاران. منظور سومرو ۽ ڪمار مرتب. جمالي پريس مان ڇپيل.

سنڌ رنگ پبليڪيشن لاڙڪاڻو: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. خير محمد، غلام قادر سومرو، امان‌الله سومرو، نظام عباسي ۽ دودو سومرو مرتب ۽ ساٿي - مرتضيٰ پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

ڪيڏارو پبليڪيشن حيدرآباد: ادبي ۽ سياسي سلسلو. محمد صديق ويڙهو، مظهرعلي لغاري مرتب - پرفيڪٽ پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل.

مکڙي پبليڪيشن بدين: ٻارن لاءِ علمي ۽ معلوماتي سلسلو- حڪيم محمد عثمان سرپرست ۽ محمد سومار شيخ مرتب هو بدين پريس مان ڇپيل.

گلشن پبليڪيشن سيوهڻ: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو- فتح الله صديقي، حاجي امام الدين اوڍو، ابوالحسن سولنگي ۽ بشيراحمد سهتو مرتب ۽ ساٿي هئا- عارف پريس اسٽيشن روڊ حيدرآباد مان ڇپيل.

آڪاٽي پبليڪيشن حيدرآباد: ادبي سلسلو- مشتاق احمد شورو مدد علي سنڌي ۽ علي بابا مرتب ۽ ساٿي هئا- مرتضيٰ پريس ڪوڪر پاڙو حيدرآباد مان ڇپيل.

هوشو پبليڪيشن هنگورجا: ترقي پسند ادبي سلسلو- ادبي انجمن هنگورجا ضلعو خيرپور پاران- عطا محمد ڀنڀرو ۽ غلام عباس ڀنڀرو مرتب هئا- همدرد پريس پٽڻ روڊ سکر مان ڇپيل.

سوهڻي پبليڪيشن حيدرآباد: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو- انورحسين سهتو، قربان علي سهتو ۽ عبدالرزاق مرتب ۽ ساٿي هئا- جمالي پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

جيئي سنڌ پبليڪيشن ٽنڊو الهيار: ترقي پسند ادبي سلسلو- رازق ڏنو سونارو ۽ محمد ڪامل سمون مرتب- پايونيرپرنٽرس گاڏي کاتي مان ڇپيل.

سرويچ پبليڪيشن حيدرآباد: سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد جي شاگردن پاران ترقي پسند ادبي سلسلو- پهريون ڪتاب شهيد عبدالرزاق سومرو جي ياد ۾ نڪتو- ايوب ٻانڀڻ ۽ شمس هيسباڻي مرتب هئا- جمالي پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

پروڙ ڪتابي سلسلو حيدرآباد: ادبي ۽ سماجي سلسلو. سيد مظفر حسين ايڊيٽر ۽ ناشر ۽ سرپرست. پرفيڪٽ پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل.

شاگرد پبليڪيشن حيدرآباد: سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن پاران ترقي پسند ادبي سلسلو. درگاهي شيخ، توفيق موسوي سحر امداد مرتب ۽ ساٿي هئا. ڪجهه وقت نڪري بند ٿي ويو. وري ١٩٧٥ع کان نڪتو ۽ ابراهيم سمون، محمد علي راهو، نور محمد پٺاڻ ۽ ارباب عبدالمالڪ جو ساٿ هئس. شاهد پرنٽرس حيدرآباد ۽ مرتضيٰ پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

انجمن اصغريه پبليڪيشن سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو: انجمن اصغريه سنڌ يونيورسٽي پاران ادبي ۽ مذهبي سلسلو. هي سلسلو سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ نڪري رهيو آهي.

لاٽ پبليڪيشن نصرپور: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. مسڪين انڙ نصرپوري، محمدصالح ميمڻ، گل محمد ميمڻ ۽ علمردين بروهي مرتب ۽ ساٿي هئا. جمالي پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

مسيحا سلسلو ايل-ايم-سي ڄام شورو: ڊاڪٽر پيشي سان واسطو رکندڙ معلوماتي سلسلو. پروفيسر عبدالغني صديقي سرپرست ۽ فيروز عرساڻي صدر هو. سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ نڪرندو هو.

1974ع- پيغام پبليڪيشن حيدرآباد: ترقي پسند ادبي سلسلو. عبدالواحد آريسر، خادم لاکير، قربان ميمڻ، خالق جوڻيجو جاجن شورو جي سهڪار سان نڪتو وقت جي حڪومت

جي سختين جي ڪري بند ٿي ويو. نئين سنڌ پريس ڪراچي، اسلاميه پريس حيدرآباد، سنڌ پرنٽنگ پريس اڪال پونگا حيدرآباد جمالي پريس وغيره مان ڇپيل.

ڌرتي پبليڪيشن حيدرآباد: ترقي پسند ادبي سلسلو. ظفر حسن مرتب ۽ سرپرست پرفيڪٽ پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل.

ڪلاڪار پبليڪيشن لاڙڪاڻو: ادبي سلسلو. سليم ڪورائي ۽ رزاق مهر مرتب. هڪ ئي پرچو نڪري بند ٿي ويو ۽ وري ۱۹۷۵ع ۾ نڪتو. زينت پرنٽرس حيدرآباد ۽ مرتضيٰ پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

شبنم پبليڪيشن لاڙڪاڻو: با تصوير فلمي ۽ ادبي سلسلو سيد صالح محمد بخاري نگران ۽ نظام عباسي مرتب. سنڌو پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل.

1975ع۔ نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچي: ترقي پسند ادبي ۽ سياسي سلسلو. ڪمال سنڌي، هوش محمد، امرنور، نظير منگيتو، حاڪم جتوئي، الطاف، شفيع بلوچ، هارون ميمڻ ۽ نذيراحمد هن سلسلي سان وابسته رهيا. نئين سنڌ پرنٽنگ پريس ڪراچي مان ڇپيل.

سنسار پبليڪيشن ميرپور خاص: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. حبيب الله ميمڻ، شيخ بشيراحمد ”رهبر“ مرتب. همدرد پريس ميرپورخاص مان ڇپيل.

چنگ پبليڪيشن سن: ترقي پسند ادبي سلسلو آهي. تنيڙو نهنگر ناز سنائي مرتب ۽ سرور سهتو مددگار اٿس. عارف پريس حيدرآباد ۽ اسلاميه پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

بحر پبليڪيشن حيدرآباد: ادبيٰ سلسلو. محمد آنڌل مرتب ۽ سرپرست هو. پاپولر پرنٽرس مان ڇپيل.

عظمت پبليڪيشن حيدرآباد: ايل. ايم. سي جي شاگردن پاران ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. عمر ميمڻ مرتب هو.

جهنڪار پبليڪيشن حيدرآباد: وڏي سائيز ۾ ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. عزيز شيخ ايڊيٽر ۽ انيس پنهور سب ايڊيٽر هو. پاپولر پرنٽرس گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپيل.

ساٿيهه پبليڪيشن حيدرآباد: ترقي پسند ادبي سلسلو. پنهر سنڌي مرتب. پايونير پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

1976ع. ست رنگ جهنڪار پبليڪيشن حيدرآباد: باتصوير ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. مشتاق پروين، انيس پنهور، عبدالرحمان ميمڻ، امان الله. بلوچ، سليم انور، آفتاب نظاماڻي، شيخ، محمد حسين ۽ زاهد سمون مرتب ۽ ساٿي المشير پرنٽرس ڪراچي مان ڇپيل.

سنڌو ساگر سلسلو ڪنڊرا لڳ روهڙي: ادبي سلسلو، اداره سينگار سنڌ ڪنڊرا پاران. الهه جڙيو انصاري، اي. شجاع انصاري، عبدالنبي بلوچ "خادم" مرتب ۽ ساٿي هئا. همدرد پريس سکر مان ڇپيل.

ڪارونجهر پبليڪيشن ايل. ايم. سي ڄامشورو: شاگردن پاران ڪڍيل ترقي پسند ادبي سلسلو. خادم لاڪير مرتب. اسلاميه پريس حيدرآباد ۽ عارف پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

مارو پبليڪيشن حيدرآباد: ترقي پسند ادبي سلسلو. وزير صوفي حبيب الله پنهور مرتب جمالي پرنٽنگ پريس مان ڇپيل.

نئين دنيا پبليڪيشن سکر: ترقي پسند ادبي سلسلو. رزاق مهر ۽ نظير ڏوڻ مرتب. محمدي پريس لاڙڪاڻي مان ڇپيل.

سنڌي فلمي سيريز حيدرآباد: باتصوير ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. عبدالحميد مغل ايڊيٽر ۽ نورمحمد پنهور اسسٽنٽ ايڊيٽر. پرواز پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

ساگر پبليڪيشن سکر: ادبي ۽ تاريخي سلسلو. عزيزالله ٻوهيو مولانا عبيدالله پنهور ۽ قمر ميمڻ مرتب ۽ ساٿي - همدرد پريس پنهه روڊ سکر مان ڇپيل.

مشعل پبليڪيشن حيدرآباد: ترقي پسند ادبي سلسلو. عبدالحڪيم مجاهد، اشرف ميمڻ ۽ بشير احمد سومرو مرتب. زينت پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل.

چانڊوڪي پبليڪيسن لاڙڪاڻو: ترقي پسند ادبي سلسلو. ذوالفقار سيال ۽ حسن سولنگي مرتب. اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻي مان ڇپيل.

ميهار پبليڪيشن شهدادپور: ترقي پسند ادبي سلسلو. نثار شيخ، الياس آبڙو ۽ نثار احمد بالادي مرتب. اسلاميه پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

قلندر پبليڪيشن حيدرآباد: ادبي سلسلو. قلندري مرتب. فردوس پريس شاهي بازار حيدرآباد مان ڇپيل.

هاري پبليڪيشن ميرپور ماٿيلو: هاري ورڪز جي سهاري ترقي پسند ادبي سلسلو. مانڊل شر ۽ غلامحسين شر مرتب. ستار پريس پنهه روڊ سکر مان ڇپيل.

پاڪ سلسلو مورو: علمي ۽ ادبي سلسلو. نذير قاضي ۽ راشد مورائي مرتب - پرفيڪٽ پرنٽرس حيدرآباد ۽ راشد پريس جيلاني روڊ سکر مان ڇپيل.

جوت پبليڪيشن خيرپور ميرس: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو.

مختيار ملڪ ۽ عبدالستار ڀنڀرو مرتب. همدرد پريس
پڪو روڊ سکر مان ڇپيل.

1977ع. مشعل پبليڪيشن لاڙڪاڻو: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو.
اقبال ميمڻ مرتب ۽ روح روان هو.

گرهوڙي پبليڪيشن هنگورنو وايا ميرپورخاص: ادبي ۽
معلوماتي سلسلو. محمداسماعيل هاليپوٽو مرتب ۽ اداري
جو صدر هو. نصير پريس ميرپور خاص مان ڇپيل.

جاني پبليڪيشن گلشن اقبال ڪراچي: ادبي سلسلو.
علي محمد ولد محمدصديق شيخ مرتب ۽ سرپرست قاضي
پرنٽرس ڪاڏي ڪاتو حيدرآباد مان ڇپيل.

سارنگ اشاعت گهر جو ڪتابي سلسلو حيدرآباد: ادبي
سلسلو. سراج جوکيو مرتب. هيرا ميڊيڪل اسٽور
حيدرآباد جي معرفت نڪتو.

سهائي پبليڪيشن سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو: سنڌ
يونيورسٽي جي شاگردن پاران ترقي پسند ادبي سلسلو.
مولابخش مرتب ۽ روح روان. راشد پريس سکر ۽ عارف
پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

ڌرتي پبليڪيشن ايل-ايم-سي ڄام شورو: شاگردن پاران
ترقي پسند ادبي سلسلو. خليل قاضي، عزيز ٽالپور ۽
حزب الله قاضي مرتب ۽ ساٿي - انڊس پرنٽرس حيدرآباد
مان ڇپيل.

لاٽ پبليڪيشن سجاول: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. حسن
تنوير مرتب. سچائي پرنٽنگ پريس ميرپورخاص مان ڇپيل.

موهن جو دڙو پبليڪيشن شڪارپور: پورهيت اشاعت

گهر پاران ترقي پسند ڪتابي سلسلو.

ڊاڪٽر پبليڪيشن ايل-ايم-سي چام شورو: انٽر نيشنل ميڊيڪوز پاران سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. امتياز رحيم ميمڻ ۽ مقبول مارو وغيره مرتب. ميڊيڪل جي مضمون تي مواد به شايع ڪندا هئا.

لاٽ پبليڪيشن ٽنڊو قيصر: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. مقبول احمد نظاماڻي، سهيل احمد انصاري ۽ اسماعيل تاجواڻي مرتب. ڊيسينٽ پريس ڪراچي مان ڇپيل.

جاڳرتا سلسلو سنڌ يونيورسٽي چام شورو: شاگردن پاران ترقي پسند ادبي سلسلو. امداد چانڊيو، نرنجن ۽ ساغر سميجو مرتب هسٽي پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل.

وطن دوست پبليڪيشن حيدرآباد ۽ شڪارپور: ترقي پسند ادبي سلسلو. ضمير لاڙڪ، نواز جسڪاڻي مرتب. اسلاميه پريس حيدرآباد، فردوس پريس حيدرآباد، پرفيڪٽ پرنٽرس حيدرآباد ۽ ماڊرن پريس سکر مان ڇپيل.

1978ع سرمست پبليڪيشن لاڙڪاڻو: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. محمد حسن "محسن" ۽ قلندر بدوي. مرتب - انصاف پريس لاڙڪاڻو مان ڇپيل.

نئين نهي پبليڪيشن حيدرآباد: آڪم ايجنسي پاران ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. جاويد نثار، حڪيم ميمڻ، نصير مرزا، اياز گل وغيره مرتب ۽ ساٿي. پرفيڪٽ پرنٽرس حيدرآباد ۽ اسٽار پرنٽرس ڀائي خان جي چاڙهي حيدرآباد مان ڇپيل.

پريم پبليڪيشن ڪنڊڪوٽ: ادبي سلسلو. نانڪرام "پريم" مرتب ۽ سرپرست هو.

پيغام هدايت سلسو هالا: علمي ڪتاب گهر ٻاران علمي، ادبي ۽ مذهبي سلسلو. سنڌ پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

سهڻي ڌرتي پبليڪيشن حيدرآباد: ادبي سلسلو. مدد علي سنڌي مرتب هو.

مهراڻ پبليڪيشن سکر: ادبي سلسلو. غلام رسول ميمڻ ۽ نقش "ناياب" منگي مرتب. شڪارپور ماڊرن پريس مان ڇپيل.

نئون سج پبليڪيشن حيدرآباد: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو نورمحمد پنهور ۽ اشفاق خورشيد اعوان مرتب. سنڌو پرنٽرس گول بلڊنگ حيدرآباد مان ڇپيل.

ساٿيهه (وطن) ڊائجسٽ حيدرآباد: ترقي پسند ادبي سلسلو مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي مرتب. روح رواڻ. اسلاميه پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

مارئي پبليڪيشن لاڙڪاڻو: ترقي پسند ادبي سلسلو. ڪيهر شوڪت، حبيب بروهي، سرمد سومرو ۽ شبير ميراڻي مرتب ۽ ساٿي. لاڙڪاڻه اليڪٽرڪ پريس لاڙڪاڻي مان ڇپيل.

صداءِ سنڌ پبليڪيشن حيدرآباد: ادبي سلسو. عبدالغني درس، علي نظير جان موراڻي سرپرست ۽ ايڊيٽر. لطيف پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل.

انجيڪشن پبليڪيشن ايل-ايم-سي ڄام شورو: شاگردن

ٻاران ادبي ۽ معلوماتي سلسلو- عزيز ٽالپور مرتب- سنڌ پرنٽنگ ۽ پبلشنگ هائوس مان ڇپيل.

سنڌ دوست پبليڪيشن ڪراچي: سنڌي پورهيت سنگت ڪراچي ٻاران ترقي پسند ادبي سلسلو- الهڇايو مرڻاس ۽ آغا قمر مرتب- راشد پريس پٽم روڊ سکر مان ڇپيل.

ٻارڙا پبليڪيشن عمرڪوٽ: ٻارن لاءِ علمي ۽ معلوماتي سلسلو. معمور يوسفاڻي نگران ۽ سيف الله ”خالد“، رميش ڪمار ”ناشاد“، فقير محبوب علي ”محبوب“، موتيرام ”موتي“ ۽ شيرو مل راٺوڙ مرتب ۽ ساٿي- نيوگرين پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل.

سنڌي شاگرد پبليڪيشن حيدرآباد: علمي ۽ ادبي سلسلو- اسلم پرويز، محبت پرڙو ۽ خديجه ڪيڙانو مرتب- سردار پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

گونج ڪتابي سلسلو حيدرآباد: اداره هلچل پاران ٻارن لاءِ علمي ۽ معلوماتي سلسلو- نذرحسين بلوچ ۽ عابد بلوچ مرتب- زينت پرنٽرس گاڏي کاتو مان ڇپيل.

اجرڪ پبليڪيشن ڪمبٽ: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو- علي رضا شاهه، غلام مصطفيٰ ”گل“، نصرالله ميمڻ ۽ شفيع محمد شيخ مرتب ۽ ساٿي- جيلاني پريس ڪمبٽ مان ڇپيل.

1979ع- وطن دوست ٻار پبليڪيشن ڏوڪري: ٻارن لاءِ ترقي پسند ادبي ۽ معلوماتي سلسلو امر سنڌو، مجيب پيرزادو ۽ جي.ايم مغل مرتب ۽ ساٿي- انٽر نيشنل پريس

ڪراچي مان ڇپيل.

ناري پبليڪيشن حيدرآباد: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. نذير ناز مرتب. سهڻي پرنٽرس مان ڇپيل.

گرامي پبليڪيشن دولتپور صفن نوابشاه: مرحوم غلام محمد گرامي جي ياد ۾ ادبي معلوماتي سلسلو. غلام علي باگاڻي ۽ احمد بخش مرتب. عارف پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

سورهيه پبليڪيشن کهڙا: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. ضمير جعفري ۽ قلندر بخش زيب کهڙائي مرتب ۽ روح روان. شيعا فرقي جو ترجمان. محمدي پريس گنبٽ مان ڇپيل.

سانگيڙا پبليڪيشن ٽنڊوآدم: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. غلام مصطفيٰ ڪلوئي، وفا رضا بلوچ ۽ غلام نبي مرتب ۽ ساٿي. عارف پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

سنڌيا پبليڪيشن سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. حسين بخش انڙ مرتب.

مقبول پبليڪيشن بدين: ادبي ۽ مذہبي سلسلو. محمد سومار شيخ ۽ محمد صديق "مرهم" مـلاح مرتب - سيد غلام مصطفيٰ "مقبول" جي ياد ۾ نڪتل - نيو گرين پرنٽرس صدر حيدرآباد مان ڇپيل.

گلشن پبليڪيشن ڳوٺ داد لغاري ضلعو سکر: پارن لاءِ علمي ۽ معلوعاتي سلسلو. الطاف سومرو ۽ عبدالرشيد انصاري مرتب. ڪمال پريس سکر مان ڇپيل.

سنڌي ساهت سلسلو حيدرآباد: رائيٽرس پبلشنگ سينڊيڪيٽ ٻاران ادبي سلسلو.

سنگت ڪتابي سلسلو حيدرآباد: ادبي سلسلو. خالد سنڌي

مرتب ۽ روح روان. انڊس پرنٽرس مان ڇپيل.

شاگرد ڪتابي سلسلو لاڙڪاڻو: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو عبدالقادر سومرو ۽ انور جوکيو مرتب. جمالي پريس ۽ عارف پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

سنگم پبليڪيشن حيدرآباد: ادبي سلسلو. سيد بشير احمد شاه چيئرمن ۽ ڪرم الاهي چنو مرتب. شفيع چانڊيو به ساڻ ۾ رهيو. انڊس پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل.

1980ع- مهراڻ پبليڪيشن مٽياري: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. غلام محمد خاصخيلي، زاهد حسين ميمڻ ۽ الهواريو سمون نگران ۽ مرتب. پرفيڪٽ پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل.

ڪينجهر پبليڪيشن تلهار: ادبي سلسلو. احسان علي ميمڻ مرتب.

نصرت پبليڪشن تلهار: ادبي سلسلو. قربان علي جمالي مرتب.

ڪهاڻي پبليڪيشن حيدرآباد: ٻارن لاءِ ادبي سلسلو. صبغت الله ميمڻ ۽ بشير پنهور مرتب ۽ روح روان.

روشن تارا پبليڪيشن مٽياري: ٻارن لاءِ علمي ۽ معلوماتي سلسلو. اعجاز حسين هاشماڻي، عبدالرزاق "مجروح" ميمڻ، محبوب علي سمون ۽ ايم. ڪي سمون مرتب. سنڌ پريس حيدرآباد مان ڇپيل.

سجاڳ ٻار پبليڪيشن حيدرآباد: ٻارن لاءِ علمي ۽ معلوماتي سلسلو. اياز لطيف، اسماعيل ۽ نواب مرتب. سردار پريس ڳاڙهي کاتو مان ڇپيل.

گلستان پبليڪيشن حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر ٻارن

ٻارن لاءِ علمي ۽ معلوماتي سلسلو. م.ع. ترابي مرتب. سهڻي پرنٽرس مان ڇپيل.

مومل پبليڪيشن راڌڻ: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. عبدالاحد "آزاد" مرتب. سهڻي پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل.

سائنسي معلومات سلسلو لاڙڪاڻو: سائنسي معلومات تي مشتمل ڪتابي سلسلو. جاويدعباسي ۽ ملڪ جلباڻي مرتب. پرفيڪٽ پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل.

لطيف رنگ پبليڪيشن حيدرآباد: ادبي سلسلو. عزيزسمون ۽ محب محبوب مرتب. مارئي پرنٽرس ڦاڻي خان جي چاڙهي حيدرآباد مان ڇپيل.

ساهتي پبليڪيشن ڪنڊيارو: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. ظفرعباسي، حيدر شاه، انجم سومرو ۽ الهه ڏتو بلادي مرتب ۽ ساٿي.

روشن تارا پبليڪيشن هالا پراڻا: ٻارن لاءِ ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. خالد حسين، سهيل احمد ۽ آفتاب احمد پٺي مرتب آهن. زينت پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل.

وک وڌايو پبليڪيشن هالا پراڻا: ادبي سلسلو. عرفان مهدي مرتب ۽ روح روان.

ليڪ پبليڪيشن دادو: وڏي سائيز ۾ ادبي ۽ معلوماتي سلسلو. تعليمي دنيا جي مسئلن تي نظر وڌل. سنڌو ميراڻي مرتب.

روپا پبليڪيشن حيدرآباد: سنڌي يوٿ اسٽوڊنٽس ويلفيئر آگنائيزيشن پاران ترقي پسند ادبي سلسلو. منيراحمد

پرڳڙي، محمد عباس ڳوپانگ مرتب۔ جمالي پريس مان ڇپيل .

ماهر پبليڪيشنس دڙو ضلعو ٺٽو: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو۔ شهباز سنڌي، عاجز ڪريمپوري، ڪريم بخش جماري، خالد قمر قريشي ۽ غلام علي چانڊيو مرتب ۽ ساٿي۔ زينت پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل .

رهنما پبليڪيشن سنڌ يونيورسٽي ڪالوني ڄام شورو: ادبي ۽ معلوماتي سلسلو۔ عابد مظهر ۽ طارق عالم مرتب۔ پرفيڪٽ پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل .

نيشنل پبليڪيشن ميرپور بٺورو: ٻارن لاءِ علمي ۽ معلوماتي سلسلو۔ لال سنڌي مرتب ۽ روح روان۔ سردار پريس مان ڇپيل .

پره پبليڪيشن حيدرآباد : ادبي سلسلو۔ اشرف سيال ، امام بخش پنهور ، بشير سمون مرتب ۽ ساٿي - پرفيڪٽ پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل .

ڪوهستان پبليڪيشن ڳوٺ سري ٿاٽو بولا خان : ادبي سلسلو۔ ڪيمچند شرما مرتب - جمالي پريس حيدرآباد مان ڇپيل .

گلن جهڙا ٻارڙا سلسلو حيدرآباد: ٻارن لاءِ باتصوير علمي ۽ معلوماتي سلسلو۔ محمود يوسفاڻي ۽ خدا بخش ابڙو مرتب۔ سنڌ پرنٽنگ ۽ پبلشنگ هائوس گاڏي کاتو حيدرباد مان ڇپيل.

پنهنائي پبليڪيشن نوابشاه ۽ ڪراچي: ادبي سلسلو۔ نور عباسي مرتب۔ شهباز پريس تلڪ چاڙهي حيدرآباد مان ڇپيل .

هيٺين ڪتابي سلسلن جا فقط نالا مليا آهن. انهن کي محفوظ ڪرڻ خاطر سندن نالا هت ڏنا ويا آهن:

باڪ پبليڪيشن ٽنڊو محمد خان.
ڏات پبليڪيشن لاڙڪاڻو.
لطيف پبليڪيشن لاڙڪاڻو.
ست سنگهار پبليڪيشن حيدرآباد.
سانگي ڊائجسٽ ٽنڊوالهيار.
عجيب سلسلو حيدرآباد (عبدالحليم بروهيءَ جو).
مقبول پبليڪيشن بدين.
مورڙو پبليڪيشن ٽنڊوالهيار.
ينگ رائيٽرس پبليڪيشن حيدرآباد.

تعليمي ادارن جا مخزن

باب پنجون

تعليمي ادارن جا مخزن

اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين پاران گهڻي وقت کان علمي، ادبي ۽ تعليمي موضوعن تي مخزنون جاري ٿيل آهن. اهڙن مخزنن جاري ڪرڻ مان گهڻائي فائدا آهن. هڪ ته اهڙو مخزن شايع ڪندڙ تعليمي اداري جي استادن ۽ شاگردن ۾ لکڻ پڙهڻ جي عادت پوي ٿي ۽ ٻيو ته هو نون خيالن کان واقفيت حاصل ڪري پنهن جي علم ۽ ڄاڻ ۾ اضافو آڻي سگهن ٿا.

تعليمي ادارن پاران نڪتل مخزنن جي شروعات سنڌ مدرسي ڪراچي، ڊي - جي سنڌ ڪاليج ڪراچي، اين - جي - وي هاء اسڪول ڪراچي، ڊي - جي - نئشنل ڪاليج حيدرآباد پاران ڪئي وئي. انهن مخزنن ڪيترا ليکڪ ۽ شاعر پيدا ڪيا. هن وقت تقريباً هر ڪاليج، يونيورسٽي ۽ ڪن اسڪولن پاران اهڙا معلوماتي، ادبي ۽ علمي مخزن شايع ڪيا وڃن ٿا. هر تعليمي اداري جو سربراهه ان مخزن جو سر پرست هوندو آهي. هي مخزن گهڻو ڪري سنڌي - اردو ۽ انگريزي حصن تي مشتمل هوندا آهن ۽ ڪاليج جي حالت ۾ ان ڪاليج ۾ سنڌي - اردو - انگريزي جا استاد گهڻو ڪري هر حصي جا نگران هوندا آهن ۽ ڪجهه شاگرد ايڊيٽر وغيره هوندا آهن. هي نهايت فائدي مند ۽ ڪارائتو عمل آهي ۽ هر تعليمي اداري پاران ان عمل کي همٿائڻ گهرجي.

يونيورسٽين جا مخزن

سنڌ يونيورسٽي ۽ ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبن پاران ڪجهه وقفي کان پوءِ اهڙا مخزن نڪتل آهن. سنڌ

يونيورسٽي جي سنڌي شعبي پاران هن وقت تائين سوغات، پورب ۽ سوکڙي جي نالن سان مخزن نڪتا آهن ۽ ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي پاران سنڌي شام ۽ ڪلاچي جي نالن سان مخزن نڪري چڪا آهن. انهن کان علاوه مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيرنگ ۽ ٽيڪنالاجي ڄام شورو پاران مهندس ۽ انجنير جي نالن سان ۽ سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊو ڄام پاران سارنگ جي نالي سان مخزن نڪتا آهن. گهٽ ۾ گهٽ يونيورسٽي جي مخزنن کي منظم طريقي سان ريگيولر ڪرڻ جي ضرورت آهي. اختياري وارن کي ان طرف ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. اهڙي عمل سان ٻولي ۽ مضمونن جي ترقي ۽ ترويج ٿيندي.

ڪاليجن جا مخزن

تعليمي ادارن جي مخزنن جي شروعات ڪاليج جي مخزن سان ٿي. اها شروعات ۱۸۹۹ع ۾ ڊي - جي سنڌ ڪاليج ڪراچي ۽ پاران ڪئي ويئي، جڏهن ڪاليج انتظاميه سنڌ ڪاليج مسلينيءَ نالي مخزن ڪڍي. جيڪا ورهاڱي تائين باقاعدگي سان نڪرندي رهي ۽ ادبي ۽ تعليمي ميدان ۾ بيش بها خدمت ڪيائين. اهڙي نموني ڊي - جي - نئشنل ڪاليج حيدرآباد پاران ڪڍيل مخزن ”قليلي“ ۱۹۲۵ع کان ورهاڱي تائين باقائدگي سان نڪرندي رهي ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي جيڪا خدمت ڪيائين اها ڪنهن کان ڳجهي نه آهي. سنڌ اندر مختلف هنڌن تي قائم ٿيل ڪاليجن پاران نڪتل مخزن جيڪي گهڻو ڪري سنڌي، اردو ۽ انگريزي حصن تي مشتمل آهن ۽ ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن جي خيالن سان سينگاريل نڪرن ٿا، تن جا نالا هت ڏيکاريا وڃن ٿا. انهن مخزنن جي ايڊيٽوريل پاليسي هڪجهڙي آهي.

لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄام شورو پاران ”لطيف“
چانڊڪا ڪاليج لاڙڪاڻو پاران ”موهن جو دڙو“

گورنمينٽ پاليٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ پاران	"ٽيڪنيڪار"
گورنمينٽ ڪاليج شهدادپور پاران	"مهراڻ"
گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻي پاران	"چانڊڪا"
گورنمينٽ ڪاليج ميرپور خاص پاران	"لطيف"
گورنمينٽ ڪاليج سکر پاران	"نئون نياپو"
لاڙڪاڻه ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻي پاران	"وڏيرا ۽ ميزان"
اسلاميه ڪاليج سکر پاران	"مهڪزن سکر"
گورنمينٽ ڪاليج سانگهڙ پاران	"المنصوره"
عبدالله هارون گورنمينٽ ڪاليج کڏو ڪراچي پاران	"لياري"
مسلم ڪاليج حيدرآباد پاران	"المسلم"
گورنمينٽ ڪاليج ٽنڊو جان محمد پاران	"باب السلام"
ڊي - جي - سنڌ گورنمينٽ سائنس ڪاليج ڪراچي پاران	"مخزن"
لياقت گورنمينٽ ڪاليج ملير ڪراچي پاران	"لياقت"
گورنمينٽ ڪاليج نواب شاه پاران	"مشعل"
گورنمينٽ ڪاليج ٺٽو پاران	"مڪلي"
گورنمينٽ ڪاليج نوشهرو فيروز پاران	"الشعاع"
سنڌ مسلم گورنمينٽ سائنس ڪاليج ڪراچي پاران	"نقوش"
گورنمينٽ سي اينڊ ايس گورنمينٽ ڪاليج شڪارپور پاران	"نخلستان"
گورنمينٽ ڪاليج دادو پاران	"منڇر"
ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو پاران	"دي ڪيڊٽ"
سروي اسلاميه ڪاليج هالا پاران	"سروري"
پي - اي سي - ايچ گورنمينٽ ڪاليج ڪراچي پاران	"علم و عمل"
سچل سرمست سائنس ڪاليج حيدرآباد پاران	"آشڪار"
سچل سرمست آرٽس ڪاليج حيدرآباد پاران	"سچل"
گورنمينٽ ڪاليج جيڪب آباد پاران	"معمار ۽ گوهر افشان"
گورنمينٽ ڪاليج سيوهڻ پاران	"روشني"
گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد پاران	"قليلي"
گورنمينٽ ڪاليج ٽنڊو محمد خان پاران	"الڪريم"

گورنمينٽ ڪاليج مورو پاران "خليق".
گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڪنڊڪوٽ پاران "سنڌو".
گورنمينٽ سٽي ڪاليج حيدرآباد پاران "رناسان".
گورنمينٽ ڪاليج بدين پاران " ".
گورنمينٽ ممتاز ڪاليج ميرپورخاص پاران "الميرواھ".
گورنمينٽ ساڌل ڪاليج ميرپورخاص پاران "ٿر".
گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڪنڊيارو پاران "ساهتي".
مصطفيٰ اورينٽل ڪاليج مخزن نوان ڄتوئي.

گرلس ڪاليج مخزن

گورنمينٽ عبدالله ڪاليج (فار وومين) ڪراچي پاران "ڪاروان".
ايم-بي اينڊ جي.ايف گورنمينٽ گرلس ڪاليج مخزن حيدرآباد.
سردار بهادر گرلس ڪاليج حيدرآباد پاران "ڪوجهي".
گورنمينٽ نذرت ڪاليج مخزن حيدرآباد.
گورنمينٽ گرلس ڪاليج مخزن حيدرآباد.
گورنمينٽ گرلس ڪاليج مخزن سکر.

اسڪول مخزن

پبلڪ اسڪول حيدرآباد پاران "اينڊيور".
پبلڪ اسڪول سکر پاران "شعاع".
نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد پاران "بوائز اون مئگزن".
گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد پاران "ڪريسينٽ".
گورنمينٽ هاءِ اسڪول دڙو پاران "لطيف".
گورنمينٽ ڊي-ايل-بي هاءِ اسڪول ڇاڇرو پاران "اتحاد".
گورنمينٽ هاءِ اسڪول مخزن ميهڙ.

ميونسپل هاء اسڪول ٽنڊو محمد خان پاران "بوائز اون مئگزن".
گورنمينٽ هاء اسڪول سکر پاران "مينار تعليم".
گورنمينٽ هاء اسڪول مخزن شڪارپور.
گورنمينٽ هاء اسڪول مخزن سانگهڙ.

گرلس اسڪول مخزن

گورنمينٽ گرلس هاء اسڪول لاڙڪاڻو پاران "نوري".

باب ڇهون

هندستان مان نڪتل رسالا

مذهبي ڪٽرپڻي جي قطع نظر سنڌ جي هندن ورهاڱي کان اڳ سنڌي ٻولي ۽ ادب جا جيڪي گهڻا پيلهڙا پوريا، تن جي ساراهہ هر بااخلاق انسان ڪري رهيو آهي. سنڌي خدمت جي هڪ جهلڪ ورهاڱي کان اڳ نڪتل رسالن تي نظر وجهڻ سان بخوبي پوي ٿي. ورهاڱي جي ماڻهن جي ڪري دليون يا ٻي ڏاهپ پنهنجي ڌرتيءَ تان هٿ کنيائون، مگر پنهنجي ٻولي نہ وساريائون. ٻولي وسارڻ بہ ڪيئن، جيجل جي جهوليءَ ۾ مليل لولي ڪو وساري سگهندو. هر باغيرت انسان ان تي پنهنجو ساهہ ڇڏيندو.

سنڌي هندن پنهنجي اصلي وطن کان ڏور گهڻو ڏور شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جي مٺڙي ٻوليءَ سان ساڳيا پال پلايا آهن. انهن هندستان ۾ وڃي ساڳي روايت کي قائم رکيو آهي. اهي ساڳيا سنڌ وارا ساهت منڊل ۽ سميلن، سنڌي ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون سندن اتي جي زندگيءَ جو اڻ ٽٽندڙ جز بڻجي پيا آهن. دعا آهي تہ رب ڪريم کين پنهنجي ٻولي ۽ ادب جي خدمت جو اهڙا بہ وڌيڪ موقعو فراهم ڪري. (آمين).

هن باب ۾ ورهاڱي کان پوءِ هندستان مان نڪتل رسالن جي الف-ب وار فهرست ڏني وڃي ٿي. ڪن مجبورين سبب وڌيڪ تفصيل ڏئي نہ سگهيا آهيون، ان جي پڙهندڙ معافي ڏيندا. جي حالتن ساٿ ڏنو تہ هن ڪتاب جي ٻئي ڇاپي ۾ مڪمل تفصيل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

هندستان مان نڪتل رسالن جي فهرست

"آتم درشن" ماهوار اجمير ١٩٥٤ع ايڊيٽر ديپچند تلوڪچند ٻيلاڻي.
"آدرش" ماهوار اجمير ١٩٧٤ع ايڊيٽر ايم. آر. وليچا.
"آريه پريمي" ماهوار اجمير ١٩٥٢ع ايڊيٽر وڏيم سوهن لعل ۽ شري چيتن ديو ورما.
"آريه وير" ماهوار اجمير ١٩٧٧ع ايڊيٽر ديپچند تلوڪچند ٻيلاڻي.
"آڪاش" ماهوار نئين دهلي ١٩٦٦ع ايڊيٽر جيون گرسهاڻي، لعل سونواڻي، سنيو جشنگهاڻي.
"آهار" ساليانو بمبئي ١٩٧٧ع ايڊيٽر فتحچند شهاڻي.
"اجمير گزٽ" ماهوار اجمير سال ؟ ايڊيٽر شري بنسي رام جوڏا رام.
"اسٽيج" ٽه ماهي احمدآباد ١٩٧٨ع ايڊيٽر چيمولالواڻي.
"اظهار" ٽه ماهي احمدآباد ١٩٧٧ع ايڊيٽر هوندراج بلواڻي.
"الڪا" ساليانو بمبئي ١٩٦٨ع ايڊيٽر چندرو پنجابي.
"بسنتي" ماهوار بمبئي ١٩٦١ع ايڊيٽر سيتا آر. ميرچنداڻي.
"بينا" ماهوار بمبئي ١٩٥٦ع ايڊيٽر داس طالب.
"پارڙا" ماهوار احمدآباد سال ؟ ايڊيٽر ؟
"پره ڦٽي" ماهوار بمبئي ١٩٦١ع ايڊيٽر سوهن ڪلپنا، لعل پشپ هري سونواڻي ۽ ڪويتا پشپ.
"پشپ" ساليانو بمبئي ١٩٥٨ع ايڊيٽوريل بورڊ تي هولارام هسيجا پرتاب ٻناڻي، انند پارواڻي، جهنديو سدارنگاڻي، ڪشن جسوجا ۽ پتامبر پنجابي.
"پشپانجلي" ساليانو دهلي سال ؟ ايڊيٽر ؟
"پارتي ناول مالها" بمبئي ١٩٥٦ع؟ ايڊيٽر امرچنداڻي.
"تصوير" هفتيوار بمبئي ١٩٥٥ع ايڊيٽر ڪي. ٽي گدواڻي.
"جوالا" پبليڪيشن بمبئي ١٩٥٨ع. ايڊيٽر ؟
"جوت" ماهوار بمبئي ١٩٥٤ع ايڊيٽر جگتراءِ ڪيولرام سولچنداڻي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي.

”چيچل“ ساليانو بمبئي ١٩٧٤ع ايڊيٽر جسونت ڪمار منسکاڻي.
”جيون جوت“ ساليانو بمبئي ١٩٧٠ع ايڊيٽر لڇو ڀاوناڻي.
”جيون سنگرام“ ساليانو گانڌيرام ١٩٧٥ع ايڊيٽر رام چندناڻي.
”جهاز راني“ ساليانو بمبئي ١٩٦٩ع ايڊيٽر ٽڪرام ڪي.چنديراماڻي.
”جهرمر“ ماهوار بمبئي ١٩٥٣ع ايڊيٽر ؟
”چوڏس“ ٽه ماهي احمدآباد ١٩٦٢ع ايڊيٽر هيرو شيوڪاڻي، ارجن حاسد ۽ گوردن تنواڻي.
”چوليون“ ماهوار احمدآباد ١٩٦٧ع ايڊيٽر امر دولتاڻي.
”درويش درشن“ ماهوار احمدآباد ١٩٧٩ع ايڊيٽر رامامباڻي.
”دهلي ڪاليج مئگزين“ دهلي ساليانو سال ؟ ايڊيٽر ؟
”ذيش“ ماهوار ؟ ١٩٦٦ع ايڊيٽر پروفيسر سنتداس جهانگياڻي، ٺاڪر ڀاٽيا ۽ ديال سورجاڻي.
”ڌرتي ماتا“ ؟ ١٩٥٧ع ايڊيٽر هوندراج ”دکايل“.
”رابيل“ ماهوار نئين دهلي ١٩٦٤ع ايڊيٽر آنند ابيچنداڻي ۽ مرلي ڀاوناڻي.
”راجستان ميل“ پندر روزه جئپور ١٩٦١ع ايڊيٽر ويرو بسنتاڻي ”رتن“.
”راجفلستان“ ماهوار بمبئي ١٩٤٨ع ايڊيٽر ڪماري ششيلا جي-لعلواڻي.
”راڻي“ ماهوار بمبئي ١٩٥٥/١٩٦٣ع ايڊيٽر ليڇمڻ ساٽي ۽ رام لعلچنداڻي.
”رچنا“ ٽه ماهي ڪلڪتو ١٩٧٩ع ايڊيٽر لکمي ڪلاڻي، واسديو سوهي ۽ پريم پرڪاش.
”روح رهاڻ“ ماهوار بمبئي ١٩٥٤ع ايڊيٽر چيٺمل لالچند ۽ ديوي. ر. گلراج.
”روپ لتا“ ماهوار اجمير ١٩٦٠ع ايڊيٽر آر. ڪي. سولاڻي.
”ساهت ڌرا“ ماهوار نئين دهلي ١٩٦٤ع ايشور گرسڪاڻي ۽ رامنداس ويرو مل.

"ساهت سنگم" ساليانو بمبئي ١٩٥٨ع سنڌي ساهت منڊل.

"ساهت سنڌو" ماهوار بمبئي ١٩٦٢ع، ايڊيٽر پرشوترام هيراننداڻي.

"سپيتا" ٽه ماهي بڙودا ١٩٥٩ع، ايڊيٽوريل بورڊ تي ڊاڪٽر لکميچند "پريم"، دريانو مل ڏرياڻي، آنند ٽهلراماڻي ۽ هاسارام.

"سرسوتي" ساليانو آگرو ١٩٥٤ع ايڊيٽر سوهن لعل ڪي ناگديو ۽ نرسنگهه لعل منگهواڻي.

"سرگم ساهتيه" بمبئي ١٩٥٦ع ايڊيٽر بهاري لال.

"سرهاڻ" ساليانو بمبئي ١٩٦٥ع ايڊيٽر رام جي ڪڪڙيجا.

"سناتن سارٿي" ماهوار بمبئي سال؟ ايڊيٽر جڳت آڏواڻي.

"سنت مالا" ماهوار پونا سال ؟ ايڊيٽر آتمو واسواڻي.

"سنڌا پارڪ" ماهوار بمبئي سال ؟ ايڊيٽر ڀاونسگهه تلريجا.

"سنڌو" ماهوار آگرا سال ؟ ايڊيٽر ٻولچند وسومل راجپال.

"سنڌو ڀارتي" ؟ سال ؟ ايڊيٽر ؟

"سنڌو جيون ڌارا" ٽه ماهي ڀوپال سال ؟ ايڊيٽر ؟

"سنڌو سماج" ٽه ماهي نئين دهلي ١٩٥٨ع ايڊيٽر بسنت ۽ نارائڻ شيام وغيره.

"سنڌي گلشن" ماهوار لکنو ١٩٦٠ع ايڊيٽر راڌا ڪشن آلمچنداڻي.

"سنڌي يوٿ" ماهوار حيدرآباد دکن ١٩٦٩ع ايڊيٽر امرلعل جي-اي.

"سنڌيت" ٻه ماهي لکنو سال ؟ ايڊيٽر ڀڳوان ڪلناڻي.

"سنگيتا" ماهوار بڙودا ١٩٦٥ع ايڊيٽر آنند ٽهلرام.

"سورت" ساليانو بمبئي ١٩٦٨ع ايڊيٽر واسديو "نرمل".

"سهڻي" ماهوار جئپور سال ؟ ايڊيٽر ؟

"سوکڙي" ساليانو نئين دهلي ١٩٧٢ع ايڊيٽر هوندراج، "دکايل"

"سمنا" ماهوار بمبئي ١٩٥٣ع ايڊيٽر راڌا ڪرشن.

"شانتي" ماهوار بمبئي ١٩٦٢ع ايڊيٽر ڊي - اي ڇولاڻي ۽ رميش نارائڻداس ملڪاڻي.

"شڪنتلا" ماهوار اندور ١٩١٤ع ايڊيٽر ديپڪ ڪوڏواڻي.

"شيلا" ماهوار ؟ ١٩٥٦ع ايڊيٽر سنگهارام ٽي- رامچنداڻي.
"شيوا مارگ" ماهوار اجمير ١٩٤٩ع ايڊيٽر ديپچند تلوڪچند بيلاڻي
"فلم نيوز" ماهوار بمبئي سال ؟ ايڊيٽر سنگهارام چنديرام ملڪاڻي.
"ڦلواڙي" ماهوار اجمير ١٩٥٣ع ايڊيٽر ديپچند تلوڪچند بيلاڻي.
"ڦليلي" ماهوار بمبئي ١٩٥١ع ايڊيٽر مرلي مکي. سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾.
"ڪبير" ساليانو بمبئي ١٩٨٠ع اسٽيٽ بئنڪ اسٽاف ٻاران.
"ڪلپنا" ماهوار لکنؤ ١٩٧٢ع ايڊيٽر ساڌو رام سوماڻي.
"ڪمل" سيريز بمبئي ١٩٥٠ع ايڊيٽر ؟
"ڪونج" ماهوار بمبئي ١٩٦٠ع ايڊيٽر هري موٽواڻي ۽ ميناواسواڻي
"ڪهاڻي" ماهوار بمبئي ١٩٤٩ع ايڊيٽر جڳت آڏواڻي.
"گرو نانڪ سنديش" ماهوار سال ؟ ايڊيٽر صاحب سنگهه ڏي- اوچاڻي
"گل" ماهوار بمبئي سال ؟ ايڊيٽر ؟
"گاڏوا" ماهوار بمبئي ١٩٦٣ع ايڊيٽر نند ڪمار ٻارواڻي ۽ ارجن چوهاڻ.
"گلابي گاڏوا" ماهوار بمبئي. سال ؟ ايڊيٽر ؟
"گلستان" ماهوار احمدآباد ١٩٦٠ع ايڊيٽر هوندراج بلواڻي ۽ شيام رڪياڻي.
"گنگا جمنا" ماهوار بمبئي ١٩٥٩ع ايڊيٽر گوپ سڌوا.
"لوڪ راڄيه" پندره روزه بمبئي ١٩٧٧ع ايڊيٽر اندرا گيهاڻي.
"لهر" ساليانو احمدآباد سال ؟ ايڊيٽر چيتو لعلواڻي.
"مارئي" ماهوار احمدآباد ١٩٦٧ع شريمتي رجني هنسراج پنجاڻي.
"مانجهي پبليڪيشن" جئپور ١٩٥٩ع ايڊيٽر ڪمل سرتاج ۽ ويرو بسنتاڻي.
"مومل" ساليانو بمبئي ١٩٥٣ع ايڊيٽر بختاور ۽ پهلاجراء تلريجا.
"مهراڻ" ماهوار جئپور سال ؟ ايڊيٽر ؟
"ميار" ماهوار اجمير ١٩٦١ع ايڊيٽر شيلا ڀڄلاڻي ۽ ريڪ ڀڄلاڻي.
"نرگس" ماهوار پونه ١٩٥٣ع ايڊيٽر ٻارواڻي تيج.
"نرنڪاري مشن" ٽه ماهي بمبئي ١٩٦٣ع ايڊيٽر پيسو سنگهه.

”نئون سنگم“ بمبئي سال ؟ ايڊيٽر ؟
”نئين دنيا“ ماهوار بمبئي ١٩٤٧ع ايڊيٽر جيٺانند اتمچندائي ”اتم“.
”نئين راهه“ ماهوار ؟ ١٩٥٨ع ايڊيٽر ؟
”نئين زندگي“ ماهوار جبلپور ١٩٥٨ع ايڊيٽر راڌاڪرشن ڪرناڻي.
”نئي ڪلا“ ٽه ماهي بمبئي ١٩٦٢ع ايڊيٽر رام لعلچندائي.
”نيلم پبليڪيشن“ بمبئي ١٦٥٢ع ايڊيٽر ڪشور لعلچند پوچوائي ”ساقي“.
”وشو ساهت مالها“ بمبئي ١٩٥٦ع ايڊيٽر گوبند مالهي.
”وندر“ ساليانو بمبئي ١٩٦٨ع ايڊيٽر نارائڻ ٽي- واسواڻي.
”ويٽا“ ماهوار-بمبئي سال ؟ ايڊيٽر جڳديش لڇاڻي.
”هلچل“ ماهوار بمبئي ١٩٥٠ع ايڊيٽر هوندراج لعلواڻي، ڪري رائسنگهاڻي، ڪشن منگلاڻي ۽ ٻيا.
”هاچل“ ساليانو بمبئي سال ؟ ايڊيٽر لعل پنجواڻي ”مجرم“.
”هير“ ماهوار پونا ١٩٦٥ع ايڊيٽر اجيت ڪشور ۽ رميش ڀاٽيا.

* تمت بالخير *

انڊيڪس

(الف)

آچاريہ ڪدواڻي ٢١
آدرش پبليڪيشن ١١٦
آڏواڻي، بي-جي ٤٣
آڏواڻي، پي-ايم ٣٣
آريہ پريمي ٦٥
آريہ جاتي اتهاس ٣٩
آريہ سماج مندر ٢٤
آرين پريس حيدرآباد ١٥٠
آرين سماجين جو ماهوار رسالو ٦٤
آزاديءَ ڪان اڳ سکر جون اخبارون ٦٦
آسٽريليا ٤
آسرداس پرسواڻي ٤٥
آشا ٥٦ آشا ماهوار ٥٧ آشا ساهت منڊل ٥٧
آشانہ ادب ٤٤
آغا قمر ١٢٥
آفتاب احمد پٺي ١٢٨
آفتاب پريس حيدرآباد ٥٠ ٧٣ ٧٤ ٧٦
آفتاب نظاماڻي ١٢٠
آفتاب ماهوار ١٧ ٨٧
آفتاب ميمڻ ١١٥
آفريڪا ١٨ آفريڪا ڏکڻ ٤
آڪاڻي پبليڪيشن ١١٧
آڪاڻي ماهوار ٦٢
آگم ايجنسي ١٢٣
آمريڪا ١٨ آمريڪا گڏيل رياستون ٤ آمريڪا وچ ۾ ڏکڻ ٤
آنند ماهوار ٥٤
آئينہ ماهوار ١٥ ٨٣، ١١٥
آئينہ ڪتابي سلسلو ١١٦
الاسلام ماهوار ١٦ ٣٦ ١٠٤
الاسلام پريس لاڙڪاڻو ٨٤
الامام ماهوار ٤٧
الامين اخبار ١٦ ٢١
الحافظ ماهوار ٢٠
الحبيب ماهوار ٢٥
الحق پريس حيدرآباد ١٣ سکر ١٥
الحڪيم ماهوار ٤١
الحنيف هفتيوار ٦٨
الجامع ماهوار ٢٧

الراشد ماهوار ٤٧ ١٠١
الرحيم ماهوار ٩١
الزمان پريس هالا ٧٧
الصادق ماهوار ١٠١
الفاروق پندره روزه ٤٠
القاسم ماهوار ٩٩
الڪاشف ماهوار ١٩
المدينه ماهوار ٩٧
المشير پرنٽرس ڪراچي ١٢٠
المنار ماهوار ٣٥ ٦٥ ٦٦
الوحيد پريس ڪراچي ٢٤ ٢٧ ٧٦ ٧٧ ٨٣
الوحيد روزانه، ٩٧، ساليانو نمبر ٩٧
الهلال پريس ٽنڊوالهيار ١٠٧
الهمايون ماهوار ٢٥
ابرار قريشي ٩٣
ابراهيم سمون ١١٨
ابوالحسن ٦ ابوالحسن سولنگي ١١٧
اتلي ٤
احسان "پرويز" خواجه ١٠٨
احسان علي ميمڻ ١٢٧
احمد ايس-ڊي ٤٤
احمد بخش ١٢٦
اجرڪ پبليڪيشن ١٢٥
اجڪلهه پبليڪيشن ٥٧ ماهوار ٥٧
اخبار تعليم ماهوار ١٢
اخبار ناسو ٦٧ ٧١
اخبار نويسي جي تاريخ ٦٥
اخبار وطن هفتيوار ٩٥
اخوان المسلمين ماهوار ١٠
ادا ماهوار ٨٣
اداره ادب نو ٩٣
اداره انسانيت ٥٧
اداره روح ادب ٨١
اداره سينگار سنڌ ١٢٠
اداره مڪتب فلاح انسانيت ٣٧
اداره هلچل ١٢٥
ادبي پريس ڪراچي ١٠٨
اديب سنڌ ماهوار ٥٩
اديون ماهوار ٩١
اڏند پلنگ ٧١
ارباب سنڌي ١١٤
ارشد جوڻيجو ١١٣
ارغون ٦
اروڙ پبليڪيشن ١١٤
اسانجي منزل ماهوار ٩٧
اسپوٽنڪ ٥
اسپين ٤
اسٽارپرنٽرس حيدرآباد ١٠١ ١٢٣
اسٽوڊنٽس پبليڪيشن ١١٣
اسٽينڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد ١٢ ١٧ ٢٩ ٣٥
اسحاق عباسي ٩٤
اسدالله ڀٽو ٩٣
اسد الله شاه بيخود حسيني ٨٠
اسدالله شاه فدا ١٤

اسد بيگ مرزا ٨٠
اسد عابد ١٠٢
دي اسڪالر ٤٦
اسڪئنڊينيوين ملڪ ٣
اسلاميه پريس حيدرآباد ٨٥ ٨٨ ٩٠ ١٠٣ ١٠٦ ١١٩ ١٢٠ ١٢١ ١٢٣ ١٢٤
اسلاميه پريس لاهور ١٤
اسلم آزاد ١١٣
اسلم اڪبر قاضي ١٠٢
اسلم پرويز ١٢٥
اسماعيل ١٢٧
اسماعيل ايس-ايم ٨٥ ١٠٧
اسماعيل تاجواڻي ١٢٣
اسماعيليه ائسوسيئشن ١٠٠ بليٽن ١٠٠
اشرف سيال ١٢٩
اشرف ميمڻ ١٢١
اشفاق خورشيد اعوان ١٢٤
اصلاح ماهوار ١٤
اطفال ڊائجسٽ ٩٨
اطلاعات سنڌ هفتيوار ٤٧
اطلاعات ڪاتو ٨٧ ١٠٠
اعجاز حسين هاشماڻي ١٢٧
اعجاز سنڌي ١١٥
اعظم طبيه ڪاليج ٩٠
اعلان حق ماهوار ٧٧
افضل عابد قاضي ١٠٢
افضل قريشي ١١٤
اقبال بروهي ٧٦
اقبال ميمڻ ٩٩ ١٢٢
افريشيا پريس ڪراچي ١٠٠
اڪبر بادشاه ١٠٠
اڪبر جسڪاڻي ٨٨
